حضرت مخدوم نوح رح جي مريدن جي هڪ جماعت سندن زيارت ڪرڻ لاءِ پنهنجي ڳوٺ کان نڪتي. رستي ۾ سندن ڪنهن ٻئي مرشد سان ملاقات ٿي. جنهن وٽ مهمان ٿيا ۽ ان جي گهر لٿا. اچانڪ گهر جي ٻتين مان ذڪر جو آواز اچڻ لڳو. ڪي اڏورا طالب جن اڃا طريقت جي سمنڊ مان ڪجهه نه چکيو هو ۽ نه وري حضرت مخدوم نوح رحمه الله کي ڏٺو هئائون. اهي چوڻ لڳا ته هاڻي هتي ترسي هن پير جي بيعت ڪريون ٿا.

انهيءَ جماعت جو خليفو حضرت صاحب جن جي ولايت کان آگاهه هو ۽ انهيءَ راز کان به واقف هو. انهيءَ چيو ته نه. هر چمڪندڙ شيءِ سون هوندي آهي ۽ نه هر گدا صحيح معنيٰ ۾ فقير هوندو آهي. درياءَ جي ڪناري تي ڪوه ڪوٽ مان ڪهڙو فائدو؟ آخر اتان رخصت ٿي پنهنجي پير جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿي فيض حاصل ڪيائون.

سندن خدمت اقدس ۾ هڪ شخص عرض ڪيو ته جيڪڏهن هي ماڻهو پري ٿي وڃن ته اسين توهان کان الله جي باري ۾ ڪجهه پڇون. پاڻ فرمايائون ته جيڪي پڇڻو اٿئي سو پڇ. جيڪڏهن اهي اهل هوندا ته تنهنجي ڳالهه سمجهي ويندا. جيڪڏهن نااهل هوندا ته پوءِ پڪ ڄاڻ ته ڇڻ اهي گهر جي ٻتين وانگر آهن. انهيءَ وري ساڳي ڳالهه چئي. پوءِ پڇڻ لڳو ته هينئر سدرة المنتهيٰ تي ڪهڙو ولي مقرر آهي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون ته تون ته وڻ جي باري ۾ پڇي رهيو آهين. حالانڪ تو چيو هو ته خدا جي باري ۾ سوال پڇندس. تو کي ته خالق ۽ مخلوق جو فرق به معلوم نه آهي! آخرڪار پاڻ غيرت ۽ ندامت وچان سبحان الله پڙهندي چوڻ لڳو ته واقعي طالب ائين نه ٿيندا آهن جو سوال خدا جي باري ۾ پڇي پر احوال وڻ جو معلوم ڪري؟ پوءِ حضرت صاحب جن فرمايو ته هاڻي هيءُ فقير جيڪو تنهنجي سامهون ويٺو آهي. جيڪڏهن ميدان "العاشقين" ۾ ساه نه ڪٽي ته جيڪر سڙي رک ٿي وڃي. تنهن تي اهو سائل پڇڻ لڳو ته سائين سڳورا! اهو "ميدان العاشقين" ڪٿي آهي؟ ارشاد فرمايائون ته هتان آسمانن جو مفاصلو ست هزار سالن جو آهي ۽ آسمانن کان مٿي ڪرسيءَ تائين ستر هزار سالن جي واٽ آهي. عرش ۽ ڪرسي جي درميان به لک سالن جو

www.maktabah.org

مفاصلو آهي. عرش جي مٿان ۾ لک ست هزار سالن جي مفاصلي تي باه جو گولو آهي. اُتان ۾ لک ست هزار سالن جي مفاصلي تي هوا آهي. پوءِ ۾ لک ست هزار سالن جي مفاصلي تي اونداهيون آهن. "ميدان العاشقين" انهن سڀني جي مٿان آهي، جيڪي ماڻهو عاشق آهن، اهي اوستائين پرواز رکن ٿا.

هڪ بزرگ جي زباني ٻڌم ته آءٌ، حضرت مخدوم رح جي سچي جانشين وٽ پهتس. منهنجي دل ۾ خيال پيدا ٿيو ته شايد پاڻ غوث آهي. هڪدم فرمايائين ته دنيا ۾ غوث فقط هڪ هوندو آهي، پر جيڪڏهن ڪو گهري ٿو ته غوث سان ملاقات ڪري، ان کي گهرجي ته پنهنجي پير ۽ مرشد سان وابستگي اختيار ڪري.

هڪ پيري، هن فقير جي پير دستگير جي خدمت ۾ ڪنهن شخص بيان ڪيو ته مريد کي گهرجي ته چراغ ۽ تيل رکي ۽ هميشه مرشد وٽ روشنيءَ جو بندو بست ڪري. اسان جي حضرت پير مرشد جن فرمايو ته اها وري ڪهڙي قسم جي مريدي آهي؟ فلاڻو شخص جيڪو هن بندي سان وابسته آهي، چوٽين آسمان تي رهي ٿو ۽ اهي سڀ شيون اُهوئي تيار ڪري پيش ڪندو آهي. ٻئي ڪنهن شخص ۾ انهن شين جي انتظام ڪرڻ جي سگهه نه آهي. جڳائي ته مهمان ٽانو وغيره پنهنجي گهران آڻي، پاڻ کاڌو تيار ڪري، پنهنجن ٽانو ۾ وجهي، پوءِ مهمان، ميزبان جي سامهون پنهنجو کاڌو پيش ڪري تان ته مهمان کائي.

ذڪر فڪر ۽ بيا نقل

جڏهن هن سلسله عاليه جي وظيفي کان فارغ ٿيندا هئا ته هيءَ تسبيح پڙهندا هئا: سبحان الله و الحمد لله جڏهن اها تسبح پڙهندا هئا ته کين معراج نصيب ٿيندو هو. پوءِ ٻين بزرگن کان جيڪي ذڪر جي محفل ۾ شريڪ ٿيندا هئا، اها ڳالهه پڇيم ته انهيءَ جي حقيقت ڇا آهي، يعني ڪيتري تسبيح پڙهجي جو معراج نصيب ٿئي؟ انهن چيو ته اسان ته کڏهن نه پڇيو آهي پاڻ فرمايائون ته الله جي عنايت سان مون کي

www.maktabah.org

تسبيحون پڑهڻ جي درميان ئي معراج ٿيندو آهي.

هڪ پيري پاڻ دوستن جي جماعت سان گڏجي سير وتفريح لاءِ نڪتا. اتي سنو کاڏو گهڻو موجود هو پر پيئڻ لاءِ پاڻي نه هو. دوست ويهي اڃ جي سختيءَ سبب العطش العطش (هاءِ اڃ ! هاءِ اڃ!) پڪارڻ لڳا ۽ حضرت صاحب کي چيائون ته مهمان توهان جا آهيون. جيئن کاڏو کارايو اٿو تيئن پاڻي به پيارينو. فرمايائون ته پاڻي ڪٿان آڻيان؟ چيائون ته جتي به هجي پاڻي جو انتظام فرمايو. پاڻ ساڻيو ئي جواب ڏنائون ته پاڻي ڪٿان آڻيان؟ مريدن وري اصرار ڪيو ۽ چيائون ته فلاڻي هنڌ ڪجهه درويش آهن. انهن جو حال هيءُ آهي ته انهن وٽ منو ۽ پاڪ پاڻي نه هو. ڏنڊ، سندن هٿن ۾ هئا. پياسا به هئا. دعا ڪيائون ته رب سائين! جڏهن بارش ٿيندي ته اسان انهيءَ پاڻيءَ سان ڏنڊ ۽ وضو ڪري، تنهنجي عبادت ۾ مشغول ٿينداسون. پوءِ هڪدم وسڪارو شروع ٿيو. انهن جيئن چيو تيئن ڪيائون (يعني وضو ڏنڊ ڪري، نماز پڙهيائون.) اسان انهن کي توهان کان وڌيڪ ڄاڻون ٿا. عرض ڪيائون ته پنهنجي خدا کان دعا گهُرو ته بارش وسائي نه ته هلاڪ ٿي ويندسون. پاڻ لاچار ٿي ارشاد فرمايائون ته چگو ! فاتحه پڙهي رب العزة کان بارش جي دعا گهرو. جڏهن فاتحه پڙهي فارغ ٿيا ته اوچتو آسمان تي ڪڪر ظاهر ٿيو. ڏسندي ڏسندي بارش شروع ٿي ويئي. پاڻي پيتائون، وضو ۽ غسل ڪيائون ۽ ڪجهه ڏينهن اتي ئي الله جي عبادت ۾ مشغول ٿي ويا.

حضرت صاحب جن جي هڪ مريد چيو ته مون خواب ڏٺو آهي ته الله تعالي جو ظهور هڪ تخت تي ٿيو آهي. سمورا نبي ۽ ولي هٿ ٻڌي سر جهڪائي حيران ۽ پريشان بيٺا آهن. هن فقير پڻ ويهي اهو مشاهدو ڪيو.

هڪ ٻئي مريد چيو، هن فقير کي ٻڌايو ته مون آسمان مان نوراني تخت هيٺ لهندي ڏٺو ته حق تعالي جي نور جون تجليون انهيءَ تخت تي چانڇجي ويون، ڏسندي ئي ڏسندي پوري ڪائنات جي هر شيءِ تي نور ۽ سرور چانڇجي ويو.

حضرت صاحب جن جي هڪ مريد ڪنهن شخص جي اڳيان منت سماجت ڪئي، جنهن سندس اها ڳالهه قبول نه ڪئي. انڌلندو بي

www.maktabah.org

ادبيءَ وارا الفاظ زبان تي آندائين. خير، جڏهن ٻنهي هڪ ٻئي کان جدا ٿي پنهنجي پنهنجي وات ورتي ته گستاخي ڪندڙ جي پٺ ڪي پيٽ ۾ سور پيو. ماٺو ٻوڙندا سندس مدد لاءِ پهتا. آخرڪارحضرت صاحب جن جي ساڻئي مريد کي ڏاڍي منت سماجت ڪيائون، جيڪو اٺ، انهيءَ (گستاخ) جي سواريءَ لاءِ آندو هئائون، اهوبه پيش ڪيائون. پاڻ پنهنجي ٽوپي لاهي انهن کي ڏيئي ارشاد فرمايائون ته جنهن کي سپ کان وڌيڪ دوست رکو ٿا. تنهن کي پارايو، توهان جو مريض شفاياب ٿي ويندو.

هڪ درويش جي گهر واري بي اولاد (سنڌي) هئي، ان جي سهري ڪيس چيو ته پي شادي ڪر تان ته اولاد ٿئي. سَسُ به درويش کي چيو ته فلاڻا! تنهنجو سهرو گهري ٿو ته ٻيو نڪاح ڪر. پڇيائين ته ائين چو ٿو چوي؟ جواب ڏنائين ته چوي ٿو ته تنهنجي اها گهر واري سنڌي آهي پي گهر واري آڻ تان ته آل اولاد پيدا ٿئي. درويش چيو ته هيءَ مرد، هن زال مان پُٽ جو اولاد نٿو گهري، بلڪ چاهي ٿو ته مان پاڻ پٽ ڄڻيان. ڪجهه ڏينهن گذريا ته انهيءَ درويش کي پيٽ ۾ اولاد ٿيڻ جون نشانيون نظر آيون، جيڪي ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳيون. پاڻ ڏاڍو پريشان ٿيو، پنهنجن عزيزن قريبن کي گڏ ڪيائين. ڏاڍي آه، زاري، معافي ۽ منت سماجت ڪيائين. آخرڪار حضرت صاحب جن وٽ آيو. پاڻ ان جي پيٽ تي هٿ رکي ڪجهه پڙهي دم ڪيائون. انهيءَ گهڙي يا ڪجهه دير بعد کا شيءِ پيٽ مان ٻاهر نڪتي ۽ ڪيس ان مصيبت مان نجات نصيب ٿي، ماٺو حيرت ۾ پئجي ويا.

مريدن جي هڪ جماعت سفر تي رواني ٿي، انهيءَ هنڌ هنداڻا گهٽا ٿيندا هئا. انهن کي بهترين هنداڻا نظر آيا. هڪ مريد عرض ڪيو ته جيڪر هنداڻا کارايو. خليفي فرمايو ته خريداريءَ لاءِ پيئسا نه آهن، توهان کي هنداڻا ڪيئن کارائي سگهان ٿو. انهي مريد زور پريو ته ضرور هنداڻا کارايو. ٻين ساٿين به هاڪار ۾ زور ڏنو. آخرڪار خليفو انهيءَ درويش کي هٿ کان جهلي هڪ پاسي وٺي ويو. چا تا ڏسن ته هڪ جاءِ تي پئسن جا ڍير پيا آهن. درويش گهريو ته اتان هڪ پيسو کڻي. خليفي فرمايو ته نه! پر ڇهه پيسا کڻي ڇهه هنداڻا خريد ڪري اڇ تان ته سپ ساڻي کائين.

www.maktabah.org

هڪ ڏينهن هيءُ فقير حضرت صاحب جي مريدن سان گڏجي ڪنهن سفر تي وڃي رهيو هو. رستي ۾ هڪ هنڌ ترسياسون. هڪ مريد، خيلفي کي چيو تہ حضورا هتي هنداٹا ڏاڍا منا ۽ سٹا ٹين ٹا. ڇهہ پيسا ڏيو تہ هنداٹا خريد ڪري اچان. حضرت صاحب جن جو هڪ مريد ڏاڍيان ذڪر ڪري رهيو هو. هڪ شخص ان کي چيو تہ ڇا هوريان ذڪري نٹو ڪري سگهين. هڪدم انهي ويچاري آهستي ذڪر ڪرڻ شروع ڪيو. غيب مان بزرگ ظاهر ٹيو انهيءَ چيو تہ بلڪ ڏاڍيان ذڪر ڪر. جڏهن تون ذڪر ڪندو آهين، آءٌ ان کي ٻڌڻ ايندو آهيان. انهيءَ درويش، بزرگ کان نالو ۽ مقام پڇيو. انهيءَ چيو تہ منهنجو نالو فريد ۽ مقام ملتان آهي چيائين تہ توهان مخدوم شيخ فريد شڪر گنج آهيو. چيائين تہ هائو!

حضرت صاحب جن جي هڪ مريد کي مجازي حسن وجمال حاصل هو. درگاه شريف جو هڪ مريد ان تي عاشق هو. عاشق معشوق گڏ رهندا هٹا. اتي هڪ ٻيو عاشق بہ آيو. اها ڳالهہ حضرت صاحب جن کي ڏکي لڳي. پاڻ ان کي گهٹو سمجهايائون. ڪڏهن منت سماجت بہ ڪيائون تہ ڪڏهن تنبيه ۽ جهٹڪ بہ ڏنائون تہ درگاه کان ٻاهر وڃ! پر اهو عاشق ويچارو پنهنجي معشوق کي ڇڏي نہ سگهيو. جڏهن سڀ حيلا بهانا بيڪار ويا تہ حڪم فرمايائون تہ فلاٹا! اتي فلاڻي جاءِ تي رسول خدا ﷺ جن تشريف فرما آهن. زيارت ڪري اچ. جڏهن اهو اتي ويو. ڏنائين تہ واقعي الله جو رسول پاڪ اتي موجود آهي. پاڻ سڳورن جي زيارت ڪري، اهو شخص واپس آيو ۽ حضرت صاحب جن جو سچو پڪو مريد ٿي ويو.

هڪ ڏينهن کي مريد رستي تان گذري رهيا هٹا. جماعت ۾ هڪ پيرزادو يعني سندن هڪ پٹ بہ ساڻ هو. اهو فرزند ارجمند واٹ تي هڪ هنڌ هٹ ٻڌي بيهي رهيو. ٹوري دير کان بعد انهن کان پڇيو ويو تہ کهڙي ڳالهہ هئي؟ فرمايائين تہ حضرت صاحب جن جو خلف صدق (سچو جانشين) آيو. فرمائڻ لڳو تہ اسان جو پٹ اچي رهيو آهي، ٹوري دير بيهي ان جي آدر پاءُ ڪريو.

حضرت صاحب جن سان هڪ هنڌ مهمان هٹاسون. کاڏو حاضر

www.maktabah.org

ٹيو تہ پاڻ مانين جا ڳيا ڳيا جدا جدا ڪري رکيائون ۽ ڪجھ وات ۾ بہ وڌائون. ميزبان کي حيرت ٿي ويئي. انھيءَ پنھنجي زال کي چيو تہ جڙ تہ ماني ڪچي پڪي آھي جو ڪچي مانيءَ جا ٽڪر جدا فرمايا اٿن. انھيءَ عورت چيو تہ فلاڻا! حقيقت حال اھا ئي آھي تہ پچائڻ مھل ڪي مانيون ڪچيون پڪيون رھجي ويون ھيون. تنھن ڪري پاڻ ڪچي ماني جدا ڪري رکي اٿن تہ جيئن پڪل ماني کائڻ ۾ آساني ٿئي.

حضرت صاحب جن جو ھڪ مريد گذاري ويو. ان جي ڪفن دفن وقت ھڪ ڳيرو وڻ تي ويٺو ھو ان مريد جي وفات جي غم ۾ اھو ڳيرو بہ وڻ تان زمين تي ڪري مري ويو. پاڻ ان ڳيري کي بہ انھيءَ مريد جي پاسي ۾ دفن ڪرڻ جو حڪم فرمايائون.

سندن ھڪ مريد، ان وقت سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو جڏھن پاڻ وضو فرمائي رھيا ھئا. ان مريد جي دل ۾ تڙپ پيدا ٿي تہ جيڪر حضرت صاحب جن جي وضوءَ جو پاڻي پيئڻ جو شرف حاصل ڪري، پر جيڪو مريد وضوءَ جو ٽاڻءِ جھلي بيٺو ھو ان جي ڪري ائين ڪرڻ ممڪن نہ ھو. ان کي ڏاڍو افسوس ۽ ارمان ٿيو. دل ۾ سوچڻ لڳو تہ سبحان الله! ڪيڏو نہ ڪم نصيب آھيان. اھا حسرت دل ۾ ڪٽي واپس ھليو ويو. رات جو ننڊ ۾ ڏٺائين تہ حضرت صاحب جن فرمائين ٿا فلاڻا! اسان جي وضوءَ جو ڪريل پاڻي پيئڻ ڳھرين ٿو؟ عرض ڪيائين تہ حضور جن تي اھا حقيقت روشن آھي. ارشاد فرمايائون تہ ڇگو اڳتي وڌي اچ! پوءِ پاڻ پنھنجي زبان مبارڪ ان جي منھن ۾ وڌائون. اھو مريد چوي ٿو تہ، مون اھڙي تہ مٺاڻ ۽ خوشبو محسوس ڪئي، جيڪا بيان کان ٻاھر آھي. انھيءَ خوشبو ۽ ۽ مٺاس جي ڪري ھاڻي نہ کائڻ پيئڻ جي ضرورت محسوس ڪريان ٿو نہ ننڊ جي حاجت!

ھڪ شخص حج تان واپسيءَ وقت حضرت صاحب جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيو. ڪجھ ڏينھن درگاھ شريف ۾ ترسيو. ھڪ ڏينھن مسجد جي امام کي چوڻ لڳو تہ توھان جي مسجد، قبلي جي رخ کان ڦريل آھي. امام صاحب ان کي ڦھريائين ڪو جواب نہ ڏنو پر جڏھن ان جو اصرار حد کان لنگھيو تہ امام صاحب ان اعتراض ڪندڙ شخص

www.maktabah.org

کي اتان اٽاري. هڪ ڪنڌ ۾ آيو. اتي انهيءَ اعتراض ڪندڙ حاجي صاحب کي ويهاري قبلو سامهون ڏيکاري امام صاحب چيو ته هاٿي ٻڌاءِ ته مسجد قبلي جي رخ کان هٽيل آهي يا صحيح سمت ۾ آهي؟ انهيءَ اکين سان ڏسي چيو ته واقعي مسجد شريف جو رخ قبلي ڏانهن درست آهي.

حضرت صاحب جن جي هڪ جماعت مسافريءَ تي هئي. اهي بک ۾ اڄ جي ڪري رستي ۾ هڪ هنڌ ڪري پيا. جنهن ۾ جماعت جو خليفو يا امير به شامل هو. لاچار جماعت جي خليفي هڪ مريد کي چيو ته اهو سامهون جيڪو وڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ان جي هيٺان هڪ بزرگ جي قبر آهي. ان کي اسان جو سلام پهچاءِ ۽ چؤ ته. فقراءِ جي هڪ جماعت هتي ترسيل آهي. جنهن جي حالت ڏاڍي هيٺي آهي. جيڪڏهن ڪا مدد ڪري سگهو ٿا ته مهرباني فرمايو. سلام ڪلام کانپوءِ قبر جي اندران آواز آيو ته اڳيرو هڪ ڳوٺ نالي "انيڪ آباد" آهي. اتي کي ماٺهو ڪاڏو تيارڪري وينا آهن توهان جي انتظار ۾ آهن. توهان وڃو ۽ اتي پنهنجي اڄ ۽ بک مٽايو. اها جماعت اتان اٿي ڏسيل ڳوٺ ۾ اڃا مس پهتي ته. ڳوٺ کان ٻاهر ماٺهن سندن سڻو استقبال ڪيو ۽ انهن کي مهمان بنائي. سندن چگي خدمت ڪيائون.

اهڙو ئي هڪ واقعو فقيرن جي هڪ ٻي جماعت جو به آهي اهي مسافري ڪندي هڪ اهڙي هنڌ پهتا. جتي آبادي جو پري پري تائين نالو به نه هو. بک ۽ اڄ وگهي بيهوش ٿي هڪ هڪ ٿي ڪرندا ويا. انهن مان هڪ درويش چيو ته دوستو! هاٿي ته موت جي ڪنڌيءَ تي پهچي چڪا آهيو. جماعت جي خليفي سمجهايو ته اهڙي ڳالهه نه آهي تسلي ڪريو. اڇي آبادي جي ويجهو پهتا آهيو. درويش چيو ته توهان ڏاڍيون تسليون ڏنيون آهن. هاٿي ته اسان ۾ اڳتي قدم وڌائڻ جي همت به نه آهي. توهان پاڻ اڳتي وڌي ڪاڏي پيتي جو انتظام ڪري اچو. اهو خليفو اٽيو پر ڪري پيو. لاچار انهيءَ درويش چيو ته چگو! پلا ٿورو اتي زمين ته کوڻي ڏسو. زمين کوڻيائون چا ٿا ڏسن ته هڪ سونو ٽالهه تاري ڪاڏي ۽ ٽڏي وٽندڙ پاڻيءَ جي ٽانو سميت اتي رکيل آهي. سيني الله جو شڪر بجا آندو ۽ ڪائي پي ڏؤ ڪيائون.

www.maktabah.org

هڪ پيري درگاه جي ٻن مريدن جي شيخ بهاؤالدين دلق پوش ۽ شاه اسماعيل بخاريءَ سان ملاقات ٿي. مريدن انهن بزرگن کي عرض ڪيو ته ڪهڙي ڳالهه آهي جو توهان اسان جي پير دستگير وٽ گهٽو نٿا اچو؟ انهن جواب ڏنو ته جيتوڻيڪ اسان بظاهر گهٽ ايندا آهيون، پر باطني طرح اسان جي اڇ وڇ اڪثر ٿيندي رهندي آهي. ياد ڪريو ته هڪ ڏينهن حضرت مخدوم نوح جن ماٺهن جي ميڙ ۾ وينا هئا، اچانڪ چار بزرگ ظاهر ٿيا. انهن حضرت صاحب جن جي دست بوسي ڪئي، جهٽ پل اتي وينا، جڏهن اتي روانا ٿي ويا ته ماٺهن عرض ڪيو ته سڳورا سائين! اهي ڪير حضرات هئا؟ ارشاد فرمايائون ته اهي اسان جا چار مقرب ملڪ آهن، جيڪي زيارت لاءِ آيا هئا. ماٺهن کي ڏاڍي خوشگوار حيرت ٿي.

هن فقير جي پير دستگير جي هڪ درويش کي، ساڻين چيو ته فلاڻي علاقي ۾ سير تفريح ڪرڻ لاءِ هلن. اتي ڪافي خوشحالي آهي ماڻهو به طبيعت جا پلارا آهن ۽ سير گاه به سٺي آهي. پر اتي باغين جو قبضو آهي، جيڪي ماڻهن جا مال متاع لٽيندا رهن ٿا. بزرگ جواب ڏنو ته آءٌ اهڙي هنڌ وڃي پاڻ کي گنهگار نٿو ڪري سگهان. ساڻين چيو ته اهو وري ڪيئن؟ چوڻ لڳو ته اتي ويندس ته ظاهر ڳالهه آهي شڪي مال، بلڪ حرام لقمو کائڻو پوندو، جنهن جي اسلامي شريعت ۾ منع آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي دعوت نه ڪائيندس ته اها ڳالهه "حقيقت بيضا" يعني طريقت جي طرفان ڏوراپي جوڳي آهي، تنهن ڪري چگو اهو آهي ته اتي ئي صبر سان رهو.

حضرت صاحب جن جو هڪ درويش، وقت جي راجا جي ڏيءُ جي محبت ۾ مبتلا هو. شهزاديءَ کي به ان سان پيار هو. نيٺ راجا کي ان مسئلي جو هيو ڪو علاج هن ڪانسواءِ نظر نه آيو ته انهيءَ درويش ۽ شهزاديءَ سان شادي ڪرائي ڇڏجي. آخرڪار انهيءَ درويش ڏانهن پيغام موڪليائين ته الله جي واسطي اڇي معاملي جي اصلاح فرمائي، اسان محتاجن جي مدد فرمايو. خير درويش ڪجهه ساڻين سان گڏ اتي پهتو. راجا ان جي ڏاڍي آڏرياءُ ڪئي ۽ ان کي جوڳي عزت احترام سان نوازيائين. جڏهن شهزاديءَ جي پائرن کي اها خبر پئي ته اسان جي پيٽ

www.maktabah.org

جي شادي هڪ فقير سان ڪئي ويجي ٿي تہ، اهي ڏاڍا ناراض ٿيا. ٻيءَ کي چيائون تہ ڇا ڪڏهن ڪا شهزادي ڪنهن فقير ۽ صوفيءَ سان شادي ڪندي آهي؟ راجا حقيقت حال کان آگاه هو. انهن کين گهٽو سمجهايو تہ مسئلي جي نزاڪت جي اهائي گهر آهي، پڙ اسان جي ملڪ ۾ ڏکر آهي اسان کي بارش جي ضرورت آهي، تان تہ ملڪ ۾ سکار اچي ۽ عوام وڏيڪ مصيبتن ۽ آفتن کان نجات حاصل ڪن، انهيءَ مقصد لاءِ اسان کي الله لوڪ ماڻهن جي دعائن جي ضرورت آهي، جن جي وسيلي سان الله تعاليٰ جي رحمت دنيا وارن تي نازل ٿيندي آهي. ائين ڪرڻ سان ملڪ بہ سکيو ستابو ٿيندو. تنهن ڪري جيڪڏهن قوم ۽ ملڪ جي پلائيءَ لاءِ توهان پنهنجي پيڙ جي رشتي جي قرباني ڏيو تہ اها ڪا ايڏي وڏي ڳالهہ نہ آهي. شهزادن پنهنجي پيءُ جي ڪا دليل بازي تسليم نہ ڪئي ۽ زور ڏنائون تہ ملڪ ۾ جيڪا ڏکار جي حالت آهي ان جو ڪو ٻيو حل ڪيو. ڇا ڪڏهن شهزادي بہ فقير کي نڪاح ۾ ڏبي آهي؟ راجا چيو تہ چگو مان هاڻي توهان جي پيڙ ڏانهن اهو پيغام اماڻيان ٿو تہ جيڪڏهن انهيءَ درويش جي دعائن جي برڪت سان اسان جي ملڪ ۾ بارش ٿيندي تہ پوءِ بيشڪ آءٌ ملڪ ۽ قوم لاءِ قرباني جي جذبي سان تنهنجي ان سان شادي ڪرائيندس، نہ تہ آءٌ ۽ تنهنجا پائر توهان ٻنهي کي قتل ڪرائي ڇڏينداسون. درويشن کي جڏهن اها خبر پهتي تہ اهي ڏاڍا حيران پريشان ٿيا. انهن پنهنجي خليفي کي چيو تہ جيڪڏهن اڄ ملڪ ۾ بارش نہ وسندي تہ راجا مڃرجي پوندو ۽ اسان جي درويشن کي قتل ڪرائي ڇڏيندو تنهن ڪري، ڏٽي در ٻاڏايو ۽ دعا ڪريو تہ اهڙو ناخوشگوار واقعو پيش نہ اچي. تنهن ڪري، خليفي دعا لاءِ هٿ مٿي کنيا. ڏسندي ئي ڏسندي، بارش وسڪارا ڪري ڏنا. سانده ست ڏينهن مينهن وسندو رهيو. پنهنجي زندگيءَ کان مايوس ماڻهو وري گڏ ٿيا ۽ درويش کي عرض ڪيائون تہ هاڻي اسان جا جانور مري رهيا آهن. ۽ گهر ڍهي رهيا آهن خدا جي واسطي دعا گهرو تہ وڏيڪ بارش نہ پوي. پوءِ ان جي دعا ۽ الله تعاليٰ جو حڪم سان مينهن بند ٿي ويو ۽ ملڪ اهڙو سکيو ستابو ٿي ويو جو

www.maktabah.org

اڳ ڪڍهن بہ اهڙي خوشحالي ڏسڻ ۾ نہ آئي هئي. راجا ۽ عوام، ان کان ڏاڍا راضي ٿيا ۽ ان جي خدمت ۾ بيشمار تحفا تحائف پيش ڪيائون.

حضرت صاحب جن جي فرزند مان هڪ فرزند، ڪنهن ڪم سانگي ملڪ جي حاڪم وٽ ويو. حاڪم، ان کي ڪرڙ کان انڪار ڪري ڇڏيو. حضرت صاحب جي فرزند ارجمند فرمايو تہ هيءُ شخص هن ملڪ تي حڪومت ڪرڻ جو اهل نہ آهي. فلاڻي ملڪ جو حاڪم ڇگو ماڻهو آهي. ان کي گهرجي تہ هن ملڪ تي اچي قبضو ڪري ۽ هن شخص کي حڪومت کان محروم ڪري. ٽن مهينن جي مدت کانپوءِ الله جي قدرت سان ائين ئي ٿيو جيئن پاڻ ارشاد فرمايو هئائين.

حضرت صاحب جي هڪ ڏهتي جي پوڪ، هڪ شخص جا جانور پيلي ويا. زمين جي ڪمدار مال جي مالڪ کي تنبيه ڪئي، پر مالڪ پنهنجي ڏنار کي نصيحت ڪرڻ جي بجاءِ ان جي پٽيرائي ڪئي، بلڪ بي ادبي ۽ گستاخيءَ سان پيش آيو. جڏهن شور حد کان وڌي ويو تہ حضرت صاحب جي ڏهتي کيس بددعا ڏني تہ خدا ڪندو تہ توهان جو مال چور ڪاهي ويندا ۽ مال جي مالڪ کي قتل ڪري ڇڏيندا. ڪجهہ ڏينهن مس گذريا تہ انهيءَ شخص جي واڙي تي چورن ڪاهہ ڪئي، مالڪ مقابلي ۾ مارجي ويو ۽ مال چور ڪاهي رمندا رهيا.

حضرت صاحب جن جي اولاد مان ڪنهن جي هڪ بہ مينهن چور ڪاهي ويا. حضرت شيخ امين الدين جيڪو سندن جانشين هو انهي پنهنجي هڪ مريد کي مينهن حاصل ڪرڻ لاءِ چورن جي علاقي موڪليو ۽ ارشاد فرمايو تہ، حرام خور چورن جي ملڪ ۾ ڪا بہ شيءِ وٺي نہ ڪائجانءِ. سندن اهو مريد يارهن ڏينهن تائين مال هٽ ڪرڻ لاءِ چورن جي جوءِ ۾ رهيو ۽ ڪجهہ بہ نہ ڪاڏائين، آخرڪار پنهنجو مال وٺي گهر پهتو.

هڪ بزرگ فرمائي ٿو تہ مون چوٽين آسمان جو سير ڪيو اتي هڪ جماعت نظر آئي جيڪي جَهريِ ذڪر ۾ مشغول هئا. آءٌ بہ انهن سان ذڪر ۾ شريڪ ٿيس فارغ ٿيڻ کانپوءِ انهن کي چيم تہ ذڪر جو هي طريقو تہ حضرت نوح مد ظله العالي جو لڳي ٿو. انهن چيو تہ هائو! اسان انهن جي ئي طريقي تي آهيون، ان کان ذڪر جي تلقين ورتي اٿئون. جڏهن

www.maktabah.org

انهيءَ آسماني سير ۾ ذڪر جي محفل مان فارغ ٿيس تہ حضرت مخدوم نوح رح جو چمڪندڙ چهرو مبارڪ سامهون نظر آيو. مسڪرائي فرمايائون تہ فلاڻا! ڪٿان ٿو اچين؟ عرض ڪيم تہ توهان تي اها حقيقت ڇگيءَ ريت روشن آهي. پنهنجو هٿ مبارڪ اڳتي وڌايائون. مون. سندن دست بوسي ڪئي ۾ ذڪر جي تلقين ونڊي. سندن عقيدتمندن ۾ شامل ٿي ويس.

مٿئين مريد جو معمول هو تہ نماز دوران پوئين پيرين واپس ٿيندو هو. هڪ ڏينهن هڪ شخص پڇيو تہ يا حضرت! نماز ۾ پوئين پيرين هٿڻ جو ڪهڙو سبب آهي؟ ارشاد فرمايائين تہ فلاڻا! اها تہ اسان کي بہ خبر آهي تہ نماز دوران ڪا حرڪت ڪرڻ. اها نماز کي فاسد ڪري ڇڏيندي آهي. پر ڇا ڪريان جنهن جاءِ تي سجدو ڪندو آهيان. ان جاءِ تي ڪعبو شريف اڇي بيهندو آهي. جنهن جي ڪري سجدو ڪرڻ لاءِ پوئتي هٽڻو پوندو آهي.

حضرت مخدوم مدظله جن هڪ پيري مسجد ۾ وينا هئا. فرمايائون تہ اسين هينئر خراسان جي ولايت کان واپس موٽيا آهيون. اتي هڪ بزرگ آيو. جنهن سلام عرض ڪيو.

هڪ ڏينهن انهيءَ مٿي بيان ڪيل ولايت جو ساڃيو درويش مسجد شريف ۾ آيو. حضرت مخدوم مد ظله جي دست بوسي ڪرڻ ڪانپوءِ هيٺان شعر چئي واپس هليو ويو.

غزل

حضرت مخدوم نوح عارف كون و مكان
آنكه دمد چون مسيح در بدن دميده جان
صادق اصل يقين سالك رويۂ زمين
آنكه از اطوار وي آمد عالي مكان
سر خفي و جلي هر دم ازو سرزند
آنچه تصور كند پيش از وي آمد عيان
بنده چه گويد حقير در صفت كبير
از كرامت دستگير تا بكنم ذكر آن.

www.maktabah.org

[حضرت مخدوم نوح ڪون ۽ مڪان جو عارف آهي. جيڪو مسيح عليه السلام وانگر مثل انسان جي بدن تي دم ڪندو آهي ته ان جي تن بدن ۾ روح پئجي ويندو آهي. اهل يقين وٽ صادق ۽ روئي زمين ۾ سڀ کان وڏو سالڪ آهي. جيڪو پنهنجن اخلاقن، عادتن ۾ وڏي مرتبي جو مالڪ آهي. ظاهري ۽ باطني راز هميشہ ان کان ظاهر ٿيندا رهندا آهن. جن ڳالهين جو ڪو بہ شخص، جيڪڏهن هن جي اڳيان تصور ڪري ته اهي، ان تي اڳ ئي روشن ٿيندڙيون آهن. هي حقير ٻانهو اهڙي وڏي بزرگ جي صفتن ۽ پير دستگير جي ڪرامتن جو ذڪر ڪيئن ڪري سگهندو؟]

جڏهن مسجد مان ٻاهر نڪتا ته، حضرت صاحب جن، مريدن کي فرمايو ته هيءُ بزرگ موجوده وقت جي سموري ولايتي اوتادن جو صاحب آهي. ماڻهن جي دلين ۾ خيال پيدا ٿيو ته خدا ڄاڻي ته اهو اوتاد ڪهڙي پير مرشد جو مريد آهي؟ هڪدم پنهنجي ولايت جي تصرف وسيلي ماڻهن جي خيال جي خبر ڪين پئجي ويئي. ارشاد فرمايائون ته، اهو هن فقير جي معتقدن ۽ مريدن منجهان آهي.

نقل آهي ته هن فقير جي پير دستگير جي درگاه عاليہ جو هڪ مريد، ماڻهن کان مرضيءَ سان يا زوريءَ ٻڪريءَ جو ڪير، ڪٽڪ جي ماني ۽ ڏهي وٺي مريدن کي کارائيندو هو. هڪ فقير جيڪو حضرت صاحب جن جي عقيدتمندن مان هو، انهيءَ ڪيس چيو ته اها ڳالهہ چڱي نہ آهي جو ماڻهن کان زور زبردستيءَ سان اهي شيون حاصل ڪجن. البتہ جيڪڏهن ڪو رضا خوشيءَ سان پاڻ ڏي ته خير، بلڪ رضا خوشيءَ سان ملن، تڏهن بہ ونڊ نہ گهرجن. چاڪاڻ ته اسان جو پير ان کان راضي نہ هوندو آهي. سندن جواب ۾ فرمايائون ته فلاڻا! هڪ ڏينهن نبي ﷺ جن فلاڻي هنڌ آيا. اصحابي سڳورا ۽ ننڍا وڏا اولياءَ الله بہ گڏ هئا. هي فقير بہ حاضر هو. اسان جو پير دستگير ۽ سندن خلف الصدق يعني سچو جانشين شيخ محمد امين جن بہ انهيءَ مجلس ۾ حاضر هو. هيءُ فقير، پري کان انهيءَ ڏيک کي پنهنجي اکين سان ڏسي رهيو هو، پر اتي مجلس ۾ پهچڻ جي سگهہ نہ هئي. جڏهن پيرزاده صاحب موصوف جن اسان کي حيران، پريشان ڏٺو ته

www.maktabah.org

پاڻ هڪدم اٿي، مون ڏانهن آيا. مون کي هٿ کان وٺي حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ آڻي حاضر ڪيائين. عرض ڪيائين ته اي الله جا رسول سڳورا! هي فقير حضرت مخدوم نوح رحہ جي محبن ۽ مريدن مان آهي. پاڻ سڳورن مون کي ارشاد فرمايو ته فلاڻا! تون هن علائقي جي ماڻهن کان ونڊ (ماني) وٺي فقيرن جي خدمت ڪندو ڪر چاڪاڻ ته انهن ماڻهن جي پلائي ان ۾ ئي آهي. تنهن ڪري حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جن جي حڪم مطابق اهو ڪم ڪريان ٿو جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي اعتراض جي گنجائش نہ آهي.

www.maktabah.org

باب تيرهون

فتح بابت انسان

قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَمَّا خَلَقَ اللّٰهُ آدَمَ عَلَيْهِ السَّلَامُ فَأَوْحَى اللّٰهُ تَعَالٰى إِلَيْهِ فَقَالَ مَنْ أَنْتَ؟ فَقَالَ يَا رَبِّ! لَا أَعْرِفُ نَفْسِي فَقَالَ يَا آدَمُ أَنْتَ الْإِنْسَانُ فَقَالَ آدَمُ مَا الْإِنْسَانُ؟ قَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى مَنْ كَانَ فِيْهِ خَمْسُ خِصَالٍ: اَلتَّوَاضُعُ وَالسَّخَاوَةُ وَالشَّفَقَةُ وَحُسْنُ الْأَخْلَاقِ وَبَشَاشَةِ الْوَجْهِ [1]

[جڏهن الله تعالي آدم کي پيدا فرمايو ته ارشاد فرمايائين ته اي آدم! تون کير آهين؟ انهيءَ عرض کيو ته مان نٿو ڄاڻان. الله تعالي ارشاد فرمايو ته اي آدم! تون انسان آهين. آدم چيو ته اي الله! انسان کير آهي؟ الله تعالي ارشاد فرمايو ته انسان اهو آهي، جنهن ۾ پنج صفتون هجن: ١- عاجزي، ٢- سخاوت، ٣- مهرباني، ۴- سهڻا اخلاق، ۵- کلمک هجڻ]

قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى خَلَقَ الْإِنْسَانَ مِنْ أَرْبَعَةِ أَشْيَاءٍ مِنْ مَاءٍ وَنَارٍ وَطِيْنٍ وَرِيْحٍ فَإِنْ كَثُرَ مَاؤُهُ فَهُوَ لَبِيْبٌ وَعَاقِلٌ وَإِنْ كَثُرَ نَارُهُ فَهُوَ مَرِيْضٌ وَإِنْ كَثُرَ طِيْنُهُ فَهُوَ كَسْلَانٌ وَإِنْ كَثُرَ رِيْحُهُ فَهُوَ مُتَكَبِّرٌ وَكَذَّابٌ

[نبي ﷺ جن فرمايو ته الله تعالي انسان کي چئن شين مان پيدا فرمايو آهي: ١- پاڻي ٢- باه ٣- متي ۴- هوا. جيڪڏهن ان جو پاڻي وڌيڪ هوندو ته اهو عقلمند ۽ سمجهدار هوندو جيڪڏهن ان جي باه گهٽي هوندي ته حريص هوندو جيڪڏهن ان جي متيءَ وڌيڪ هوندي ته سست هوندو جيڪڏهن ۾ ان هوا وڌيڪ هوندي ته متڪبر ۽ ڪوڙو هوندو].

(واضح هجي ته) انسان ستن شين مان پيدا ڪيو ويو آهي: ١- بدن، ٢- نفس، ٣- عقل، ۴- قلب، ۵- روح، ۶- سر، ٧- خفي، جيئن الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو ته:

---

[1] هي ٻئي حديثون ثابت نه آهي.

www.maktabah.org

مَا لَكُمْ لَا تَرْجُونَ لِلّٰهِ وَقَارًا ﴿١٣﴾ وَقَدْ خَلَقَكُمْ أَطْوَارًا ﴿١٤﴾ [2]

[يعني نوح عليه السلام پنهنجي قوم کي فرمايو تہ ڪهڙي ڳالهہ آهي جو توهان عزت ۽ احترام سان الله جي واٽ ڏانهن واپس نٿا ورو؟ حالانڪ الله تعاليٰ توهان کي مختلف دورن ۽ طريقن ۾ پيدا فرمايو آهي.]

انهن سيني شين جو ذڪر قرآن مجيد ۾ موجود آهي.

بدن يا جسم جي باري ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو تہ:

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنسَانَ مِن سُلَالَةٍ مِّن طِينٍ ﴿١٢﴾ [1]

[بيشڪ اسان انسان کي مٽيءَ جي سَتَ مان پيدا ڪيو آهي.]

بدن ٿوس يا نهري جسم جو نالو آهي.

نفس جي باري ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ:

يَا أَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ﴿٢٧﴾ ارْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿٢٨﴾ [2]

[اي مطمئن نفس! پنهنجي رب ڏانهن رضا خوشيءَ سان موٽ.]

جسم جي عضون ۾ نفس ائين آهي، جيئن ڪير ۾ ٿري ۽ بادام ۾ مغز هوندو آهي. دل جي باري ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو تہ:

أُولَٰئِكَ كَتَبَ فِي قُلُوبِهِمُ الْإِيمَانَ [3]

[اهي ئي ماڻهو آهن جن جي دلين ۾ الله تعاليٰ ايمان لکي ڇڏيو آهي.]

دل نفس جي اندر آهي ۽ ان کان وڌيڪ لطيف ۽ روشن آهي. سر (ڳجهہ) جي باري ۾ ارشاد فرمائي ٿو تہ:

فَإِنَّهُ يَعْلَمُ السِّرَّ وَأَخْفَى ﴿٧﴾ [4]

[الله تعاليٰ ڳجهي شيءِ کي بہ ڄاڻي ٿو تہ ان کان وڌيڪ لکل شيءِ کي بہ ڄاڻي ٿو.]

---

(2) سوره نوح آيت: ١٣-١٤

(1) سورة المؤمنون آيت: ١٢

(2) سورة الفجر آيت: ٢٧-٢٨

(3) سورة المجادله آيت: ٢٢

(4) سور طہ آيت: ٧

www.maktabah.org

سر روحاني نور يا روشني آهي ۽ اها نفس سان وابسته رهي ٿي، ڇاڪاڻ ته نفس پاڻ کو کم ڪري نٿو سگهي، نه وري ان کي ڪا شيءِ فائدو ڏئي سگهي ٿي. جيستائين سر ان سان ساڻ نه هجي. روح جي باري ۾ الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو ته:

وَيَسْأَلُونَكَ عَنِ الرُّوحِ قُلِ الرُّوحُ مِنْ أَمْرِ رَبِّي[1]

[۽ توکان روح جي باري ۾ پڇن ٿا، چؤ ته روح منهنجي رب جي حڪم مان آهي.]

روح پڻ روحاني روشني يا نور آهي، جيڪو نفس سان وابسته رهي ٿو. بدن ۾ زندگي به ان وقت تائين قائم رهندي آهي، جيستائين نفس ۾ روح موجود هوندو آهي. رهيو خفي ته ان کي "اخفي" به چون ٿا ۽ اها ئي ڳالهه وڌيڪ صحيح آهي، ڇاڪاڻ ته الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو جيئن مٿي گذريو ته الله سر کي به ڄاڻي ٿو ته ان کان وڌيڪ ڳجهي شيءِ کي به ڄاڻي ٿو. اهو لفظ "خفي" کان اسم تفضيل جو صيغو آهي ۽ معني جي اعتبار سان وڌيڪ ڪامل آهي، ڇاڪاڻ ته نفس، قلب ۽ روح جي پيٽ ۾ اخفي ۾ نورانيت وڌيڪ آهي. اهو حقيقت جي جهان کي به وڌيڪ ويجهو آهي. الله جي طرفان نفس لاءِ اخفي دربان جي حيثيت رکي ٿو. جڏهن نفس، قلب ۽ روح ۾ بي پرواه بادشاه، الله تعالي کان لاپرواهي پيدا ٿيندي آهي ته انهيءَ وقت اخفي پنهنجين ڳجهين تجلين وسيلي انهن تي غضبناڪ ٿيندو آهي، جنهن جي ڪري اهي جسماني عضوا هوشيار ٿي ويندا آهن ۽ الله تعالي ڏانهن رجوع ڪندا آهن. اها تنبيه جيڪا الله تعالي جي طرفان اخفي جي وسيلي ٿيندي آهي ۽ اهو رجوع يا وصال جيڪو پالٹهار پاڪ ڏانهن ٿيندو آهي، عام اوليائن ۽ ايمان وارن جو شان هوندو آهي، مگر نبين سڳورن ۽ وڏن وڏن اوليائن جو شان هي هوندو آهي ته اهي گهٽ، مٿانهن درجن کان هيٺين مقامن ڏانهن رجوع ڪندا آهن. انهن جي باري تعالي ارشاد فرمائي ٿو ته:

---

[1] سوره بني اسرائيل آيت: ۸۵

www.maktabah.org

وَلَا يَخْشَوْنَ أَحَدًا إِلَّا اللَّهَ [2]

[اهي الله کان سواءِ ڪنهن کان بہ ڊجندا آهن.]

خاص ماڻهن جو روح وڏيڪ لطيف هوندو آهي. اهو هرهڪ کي نصيب نہ ٿيندو آهي. جيئن الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو:

يُنَزِّلُ الْمَلَائِكَةَ بِالرُّوحِ مِنْ أَمْرِهِ عَلَىٰ مَنْ يَشَاءُ مِنْ عِبَادِهِ [1]

[الله پنهنجن بانهن مان جنهن تي گهرندو آهي، پنهنجي حڪم سان روح القاءَ ڪندو آهي.]

اهو روح، عالم قدرت ۽ عالم حقيقت جو مشاهدو ڪندو آهي. مخلوق ڏانهن ڏيان نہ ڏيندو آهي. اسان جي پير دستگير حضرت مخدوم نوح رح کان پڇياٿون تہ روح ڇا آهي؟ فرمايائون تہ روح هڪ روحاني رمز آهي، جيئن الله تعالي فرشتن کي فرمايو هو تہ وَنَفَخْتُ فِيهِ مِنْ رُّوحِي . يعني جڏهن آدم جي خاڪي مجسمي ۾ آءُ پنهنجو روح ڦوڪيان تہ ان لاءِ سجدي ۾ ڪري پئو. پاڻ فرمايائون تہ روح هڪ عظيم راز آهي ۽ ظاهري طرح ان کي بيان ڪرڻ جي شريعت ۾ منع آهي. اهو ئي سبب آهي تہ ان جي باري ۾ ڪنهن بہ نبيءَ ڪجهہ ارشاد نہ فرمايو آهي. نہ وري معرفت وارن ان جي باري ۾ ڪا وضاحت بيان ڪئي آهي . جڏهن قريش نبي ﷺ جن کان روح جي باري ۾ سوال ڪيو تہ هيءَ آيت سڳوري نازل ٿي:

قُلِ الرُّوحُ مِنْ أَمْرِ رَبِّي [2]

[چؤ تہ روح منهنجي رب جو حڪم آهي.]

يعني اي محمد ﷺ توهان فرمايو تہ اهو عظيم راز آهي، ان جي باري ۾ ڳالهائڻ جي منع آهي. پر جنهن تي الله تعالي جي ٻاجهہ ۽ خاص فضل ٿيندو آهي، اهو ان کي ڄاڻندو آهي تہ روح ڇا آهي ۽ ڪهڙي شيءِ آهي؟ مثلاً جيڪو شخص الله پاڪ جي شريعت ۾ منع ڪيل ڪمن کان پاڻ کي روڪي، جن

---

[2] سورة الاحزاب آيت: ٣٩

[1] سوره غافر آيت: ٢

[2] سوره بني اسرائيل آيت:٨٥

www.maktabah.org

ڪمن ڪرڻ جو حڪم آهي انهن تي عمل ڪري. نبي ﷺ جن جي آندل شريعت ۽ ملت جي مڪمل پيروي ڪري ۽ هر وقت الله جي ذڪر ۾ مشغول رهي. اهو ذڪر جنهن جي باري ۾ الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو ته:

فَإِذَا قَضَيْتُمُ الصَّلَاةَ فَاذْكُرُوا اللَّهَ قِيَامًا وَقُعُودًا وَعَلَىٰ جُنُوبِكُمْ [1]

[پوءِ جڏهن نماز پڙهي چڪو ته اٺندي، ويهندي ۽ ليٽندي هر وقت الله کي ياد ڪريو.]

يعني ڏينهن رات هجي، يا سفر ۾ حضر ۾ هجو سُک تي هجو يا تريءَ ۾ هجو ظاهر ۾ هجو يا باطن ۾ هجو هر وقت الله تعالي کي ياد ڪريو ۽ انهيءَ ڏس ۾ نبي ﷺ جن فرمائين ٿا ته:

أُذْكُرِ اللَّهَ عِنْدَ كُلِّ حَجَرٍ وَشَجَرٍ [2]

[هر پٿر ۽ هر وڻ وٽ الله کي ياد ڪر.]

قرآن ۾ الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو ته:

فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ [3]

[مون کي ياد ڪريو ته آءٌ توهان کي ياد ڪريان.]

هن جاءِ تي فرمايو ويو ته ٻانهو ٻن ذڪرن جي درميان آهي يعني الله تعالي کي ياد ڪندو ته الله به ان کي ياد ڪندو غرض ته ذڪر حق، شريعت جي متابعت، اسلامي حڪمن احڪامن جي پيروي ڪرڻ ۾ آهي ۽ منع ڪيل ڪمن (نواهي) کان باز رهڻ سبب، انسان جي دل ۾ نورانيت پيدا ٿيندي آهي. دل جي روشني جسم جي سيني عضون ۾ پکڙجي ويندي آهي. ان کانپوءِ دل جنهن کي گهرندي آهي اها شيءِ روشن ٿي ويندي آهي. ان وقت باطن ۽ ظاهر

---

[1] سورة النساء آيت: ١٠٣

[2] مجمع الزوائد ص٢١٨ ج٤- مصنف ابن ابي شيبه حديث: ٣٤٣٢٥- المعجم الكبير حديث: ٣٣١- شعب الايمان حديث: ٥٤٨- كتاب الزهد لابن ابي عاصم ص٢٦ ج١- الترغيب والترهيب حديث: ٤٧٥٥- الزهد لهناد حديث: ١٠٩٢- البيان والتعريف ص١٠٣ ج٢- فيض القدير ص٣٣٢- ج٤- حلية الاولياء ص٢٤١ ج١- تاريخ بغداد ص٤٣٥ ج٨- معجم الصحابة ص٦٧ ج١- كشف الخفاء ص١١٤ ج١.

[3] سورة البقرة آيت: ١٥٢

www.maktabah.org

جي هر هڪ شيءِ نوراني ٿي ويندي آهي. انهيءَ نورانيت کان بعد کا ظلمت ۽ اونداهي باقي نه رهندي آهي. ان وقت پاڻهو ذات ۽ صفات باري تعالي جي حقيقت کي پهچندو آهي ۽ پي کا شيءِ ان کي نظر نه ايندي آهي. تڏهن کيس معلوم ٿي ويندو آهي ته روح چا آهي ۽ کهڙي شيءِ آهي؟ اها پي ڳالهه آهي ته جيکا ڳالهه انسان پنهنجي وجدان ۾ لهي. ضروري نه آهي ته اها بيان نه ڪري سگهي. بلڪ روح جي باري ۾ بيان ڪرڻ جي شريعت ۾ منع ٿيل آهي. چاڪاڻ ته ان کي ڪو سمجهي نٿو سگهي. پر جنهن کي الله گهري.

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَّشَآءُ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيمِ ﴿٢١﴾ [1]

[اهو الله جو فضل آهي. جنهن کي گهرندو آهي عطا ڪندو آهي ۽ الله وڏي فضل وارو آهي.]

شعر

جمله يک روح است مطلق درنظر صاحب دلان
گر مقيد گشت در اقسام اجسام جهان
گر برين معني تيقن مي کني بر ظاهر است
وَنَفَخْتُ فِيهِ مِنْ رُّوحِي تو در قرآن بخوان
آن دمي حق جمله عالم را محيط و شامل است
واگرفته رطب يابس عرض و جوهر اين دان
جمله عام را گرفته هم چون سکه اندر لين دان
دمي حق گشت يکسان در زمين و زمان نيست خالي زان
دمي برخورست در عالم همه شور و شررهائ
وهوئ ذوق و شوق و عشق بازي عاشقان
اين جا دم مزن زنهار در حقيقت امر رب
گرچه گشتي واقف اسرار روح و کفه آن
گر طلب داري که گردي واقف اسرار دوجهان
دم مزن، "فقيري" درميان جسم و جان.

[جيکي صاحب دل يعني اهل الله آهن. انهن وٽ سموري ڪائنات،

[1] سورة الحديد آيت : ٢١

www.maktabah.org

هڪ ذات مطلق يا روح وانگر آهي. جيتوٽيڪ اها ذات مختلف شين، مختلف جسمن ۾ مختلف قسمن ۾ ورهايل آهي، جيڪڏهن انهيءَ معنيٰ تي ويساه ڪرين تہ اها ئي حقيقت ظاهر آهي، قرآن مجيد جي آيت سگوري وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ پڙهہ الله تعاليٰ جو اهو دم (يعني قوڪ ڏيڻ) پوري ڪائنات جي شين کي شامل آهي، چاهي اهي شيون تر هجن يا سڪل، عرض هجن يا جوهر، سڀني جهانن کي ائين سمجهہ جيئن ٽيلهيءَ ۾ مختلف سڪا هوندا آهن. الله تعاليٰ جي دم ۾ زمين ۾ زمانا سڀ هڪ جهڙا آهن. ان جي دم (قوڪڻ) کان هڪ شيءِ بلڪ هڪ ذرڙو بہ خالي نہ آهي. عرش کان فرش (زمين) تائين جيڪا بہ مخلوق آهي ان جو اهو ئي حال آهي. اهو ئي دم هن جهان جي شور شرابي، هاءِ هو ۾ عاشقن جي عاشقي ۾ ذوق ۾ شوق ۾ جاري ۾ ساري آهي. جيڪڏهن تون، روح جي اسرارن ۾ رموزن جي حال کان واقف هجين تہ خبردار ٿي! رب تعاليٰ جي حڪم جي باري ۾ اهڙو دم نہ هڻ يعني اظهار نہ ڪر. جيڪڏهن تون چاهين ٿو تہ پنهي جهانن جي اسرارن کان آگاه ٿئين تہ پوءِ پنهنجي جسم ۾ جان جي فقر فقيريءَ جي هام نہ هڻ.]

جيئن روح جي حقيقت معلوم ڪرڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي تئين اخفيٰ جي حقيقت تائين پهچڻ بہ نهايت مشڪل ڪم آهي. هڪ ڏينهن حضرت پير دستگير جن فرمايو تہ: رُوْحُ الْاِنْسَانِ عَيْنُهٗ (انسان جو روح، سندس اصل آهي ۾ روح وانگر انسان منهنجو راز آهي ۾ مان اُن جو راز آهيان. حديث نبوي آهي تہ:

إِنَّ اللهَ خَلَقَ آدَمَ عَلٰى صُوْرَتِهٖ[1]

[بيشڪ الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت مطابق پيدا فرمايو آهي.]

---

[1] نبي ﷺ جن هڪ شخص وٽان گذريا، جيڪو پنهنجي ٻانهي جي منهن تي ڏڪ رهيو هو، کيس نصيحت ڪندي فرمايائون تہ ان جي منهن تي ڏڪ نہ هڻ ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا فرمايو آهي: قرطبي ص۳۹۲ ج۵- مسلم حديث: ۲٦۱۱- صحيح ابن حبان حديث: ۵۷۱۰- مصنف عبدالرزاق حديث: ۱۷۹۵۰، ۱۷۹۵۲- المعجم الاوسط حديث: ۷۸۵- مسند احمد حديث: ۷۳۱۹- مسند الحميدي حديث: ۱۱۲۰اعتقاد اهل السنة ص۴۲۳ ج۳- فتح الباري حديث: ص۱۸۳ ج۵ التمهيد لابن عبدالبر ص۱۴۷ ج۷.

www.maktabah.org

پاڻ فرمايو اٿن تہ، آدم کي انوار الاهي مان پيدا ڪيو ويو آهي. جاڻڻ گهرجي تہ انسان انوار الاهي جو مطلع، اٽ ڪٽ اسرارن جو خزانو، حق جو مظهر ڪل، مطلق، وحدت جي باغ جو طائوس ۽ منيون منيون موجون هٽندڙ بارگاه رب العالمين جي درگاه جو خاص الخاص پانهو عبادت ۽ عبوديت جو تاجدار، دل جي پيشاني تي وحدانيت جو داغ لڳائيندڙ پنهنجي جان جي ڳچيءَ ۾ وحدت ۽ وحدانيت جو هار پائيندڙ آهي. جيڪڏهن ان کي معلوم هجي تہ الله تعالي وٽ ان جو ڪيڏو وڏو مقام ۽ مرتبو آهي تہ هوندَ پنهنجو پاڻ کي سپ کان مٽانهون بادشاه ڄاڻي. جيئن حديث قدسيءَ ۾ آهي تہ:

لَوْعَرَفَ الْإِنْسَانُ مَنْزِلَتَهُ يَقُوْلُ كُلُّ نَفْسٍ مِنَ الْأَنْفَاسِ أَنَا مَلِكَ الْمُلُوْكِ لَا مُلْكَ الْيَوْمَ

[جيڪڏهن انسان کي معلوم هجي تہ ان جو مون وٽ ڪيڏو وڏو مقام ۽ مرتبو آهي تہ هر گهڙيءَ اها دعا ڪري تہ مان ئي بادشاهن جو بادشاه آهيان، مون کان سواءِ ٻيو ڪو بادشاه نہ آهي.]

قصيدو

غلام از جان جانانم که تا جان بدن دارم
به بين داغ که ازجانان برويۂ جان و تن دارم
بہ بندگي شاهنشاهي شاهم ولي آن همه
متاع بادشاهي خود بداغ او رهن دارم
چون خورشيد جهان آرا بر آمد از نهاد من
نہ پرويۂ مه مهر نہ شمع انجمن دارم
نظر بر عارضش کردم چون گل شگفت خاطر من
که سرتا پاي گل گشتم چه پرويۂ چمن دارم
برنگ و بويۂ محفوظ که من زان گل بدن دارم
نہ مانده آرزو يا رب! مرا بر شيريني شيرين،
مَراق جان دل شيرين ازان شيرين سخن دارم
بر خود بيرون همي جُستم دلارام بناداني
من آخر يافتم دلبر که در دل خويشتن دارم

www.maktabah.org

چرا در كنج تاريكي و تنهائي افتادم بر نمي آيم
كه وسعت گاه عالمها چون در خاطر صحن دارم
چون در خانه مرا طائوس رنگين جلوه مي دارد
كجا بيرون نظر بر صورت زاغ و زغن دارم
ز گوهر بيكران قميت جواهر دارم اندر دل
چه پرواه دارم از جوهر خود دريا و وعدن دارم
چون در بتخانه وكعبه نمي آيم چه غم دارم
نگه خلوت دارم اندر دل نه ميل انجمن دارم
اگرچه درد مندام چه شد تا زنده اَم بندم
بيا "فقري" تماشا كن نظر بُروي ز ما كن
نظر بر انوار بيضا كن ازان دلبر من دارم.

[جيستائين جسم ۾ جان آهي، ان وقت تائين محبوب جي جان جو غلام آهيان، منهنجا اهي داغ ڏس، جيكي پنهنجي جان ۽ جسم تي لاتا اٿم. شهنشاهن جي شاه (مالك الملك الله جل جلاله) جي بندگي جي كري مان پاڻ، بادشاه ٿي ويو آهيان، پر مون پنهنجي انهيءَ شاهي متاع كي انهيءَ داغ جي بدلي ۾ گِروي ركي ڇڏيو آهي، جڏهن منهنجي وجود مان ئي دنيا جهان كي روشن كندڙ سج نكري نروار ٿئي ٿو ته پوءِ مون كي نه سج ۽ چنڊ جي ضرورت آهي ۽ نه وري انجمن ۽ محفل جي شمع ٿيڻ جي خواهش. جڏهن مون محبوب جي رخ انور ۽ جمال تي نظر وڌي ته منهنجي دل جو گل ٽڙي پيو. آءٌ ته ننهن كان چوٽيءَ تائين گلاب جو گل ٿي پيو آهيان، هاڻي مون كي باغ جي كهڙي تمنا ٿيندي؟ جڏهن محبوب جي رخ روشن تي، منهنجي نظر آهي ته باغ جي مٽان منهنجي نظر كيئن اٽندي؟ آئون سندس رنگ ۽ خوشبوءِ كان لطف اندوز ٿي رهيو آهيان، چاكاڻ ته مون كي گل گلاب جهڙي بدن ركندڙ محبوب جو وصال حاصل آهي. رب منهنجا! مون كي كنهن به مٽي شيءِ جي كا آرزو نه آهي. مون كي ته ان كان به وڌيڪ، دل ۽ جان كان پياري (محبوب) جي وصال جو شربت حاصل آهي، مون پنهنجي وجود جي باهر پنهنجي محبوب كي گهٽو ئي تلاش كيو پر آخر مون كي دلبر پنهنجي دل جي

www.maktabah.org

اندر ئي ملي ويو. تون اونداهي ۾ تنهائيءَ جي ڪنڌ ۾ ڇا جي ڪري پيو آهين، جڏهن ته دنيا جهان جي ڪشادگي دل ۾ ائين لهان ٿو جڙ ته گهر جو اڳڻ آهي. جڏهن منهنجي گهر ۾ رنگين مور پکي موجود آهي ته پوءِ ٻاهر ڪانون ڪهرين تي نظر ڪيئن وجهندس؟ جڏهن دل جي اندر املهه موتي لهان ٿو ته پوءِ ڪنهن درياءَ ۾ نهر جي مون کي کهڙي پرواه ٿي سگهي ٿي؟ جيڪڏهن بتخاني يا ڪعبي ۾ نٽو اچان ته مون کي ان جو کهڙو غم؟ ڇاڪاڻ ته دل ۾ نه ڪنهن سان خلوت ۾ صحبت ڪرڻ جو شوق آهي نه ڪنهن مجلس ۾ رونق ٿيڻ جو ذوق. جيتوڻيڪ دردمند آهيان، پوءِ به ڇا ٿيو. جيڪڏهن مرڻ گهڙيءَ تائين ٻانهو ٿي رهان، پنهنجي واڳ جان کان پياري (محبوب) جي هٿ ۾ ڏني اٿم. دلبر کان جيڪي انوار اسان کي حاصل آهن انهن جو نظارو ڪر. اڇا فقرفاقي جو مشاهدو ڪر، اسان جي چهري تي نگاه وجهه.]

روءِ زمين تي انسان هڪ عظيم راز آهي، جيڪو ان کي سڃاڻندو اهو الله تعالي کي سڃاڻندو . ارشاد فرمائي ٿو ته: اعرف نفسک تعرف ربک (پنهنجي نفس کي سڃاڻ ته پنهنجي رب کي سڃاڻيندين.)

چوندا آهن ته انسان جو شرف سندس ڳالهائڻ سان، ڳالهائڻ جو شرف عقل سان، عقل جو شرف، علم سان، علم جو شرف عمل سان، عمل جو شرف اخلاص سان، اخلاص جو شرف تقوي سان، تقوي جو شرف ادب سان، ادب جو شرف معرفت سان، معرفت جو شرف الله تعالي جي توفيق سان نصيب ٿيندو آهي. پوءِ ڇاڻ ته انسان، عارف کي ۽ انسانيت، معرفت کي چئجي ٿو. جنهن کي معرفت نه آهي، ان کي انسان نٽو چئي سگهجي، جيئن فرمائي ٿو ته: الانسان سري وانا سره (انسان منهنجو ڳجهه آهي۽ مان ان جو ڳجهه آهيان) پڻ فرمائي ٿو ته: ما ظهرت في شيءٍ كظهوري في الانسان (آءٌ جيئن انسان ۾ ظاهر ٿيو آهيان تيئن هي ڪنهن شيءِ ۾ ظاهر نه ٿيو آهيان) يعني ظاهري ۽ باطني اعتبار سان انسانيت خدائي صفتن جو مظهر آهي. نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته انسان، زمين ۾ الله جو راز آهي. حديث قدسيءَ ۾ آهي ته انسان منهنجو راز آهي، مان ان جو راز آهيان. پڻ فرمايائون ته آدم کي رحمن جي صورت تي پيدا ڪيو ويو آهي. سندن ٻيو

www.maktabah.org

فرمان مٿي گذري چڪو تہ بيشڪ الله، آدم کي پنهنجي صورت تي پيدا فرمايو. ۽ جيڪا معرفت انسان کي نصيب آهي، اها بي ڪنهن شيءِ کي حاصل نہ آهي. اهو ئي سبب آهي تہ انسان، الله تعالي جو خاص مظهر آهي. فرمائي ٿو تہ:

جَعَلْتُ الْاِنْسَانَ مَطِيَّتِيْ وَجَعَلْتُ سَائِرَ الْاَكْوَانِ مَطِيَّةً لَهٗ

[مون انسان کي پنهنجي سواري بنايو آهي ۽ سيني جهانن کي ان جي سواري بنايو آهي. ڇاڪاڻ تہ الله تعالي جو خاص مظهر انسان آهي.]

الله جي ذات جو اظهار انسان جي وسيلي ئي ٿئي ٿو. جڏهن تہ خود انسان، ڪائنات جو مظهر آهي، تنهن ڪري انسان ذات جي حيثيت ۾ مربوب خاص يعني خاص پالنا ورتل ٻانهو يا مخلوق آهي ۽ ڪائنات جي حيثيت ۾ رب (پالينڌڙ) آهي يعني انسان رب بہ آهي تہ مربوب بہ آهي. الله تعالي فرمائي ٿو:

خَلَقْتُ الْعَالَمَ لِاَجْلِكَ وَخَلَقْتُكَ لِاَجْلِيْ

[مون دنيا کي، تنهنجي لاءِ ۽ توکي پنهنجي لاءِ خلقيو آهي.]

پڻ فرمائي ٿو تہ:

نِعْمَ الطَّالِبُ وَنِعْمَ الْمَطْلُوْبُ اِنْسَانٌ

[ڏاڍو پلارو طالب ۽ ڏاڍو پلارو مطلوب آهي انسان.]

پڻ حق تعالي فرمائي ٿو تہ:

خَلَقْتُ الْمَلٰٓئِكَةَ مِنْ نُوْرِ الْاِنْسَانِ وَخَلَقْتُ الْاِنْسَانَ مِنْ نُوْرِيْ

[مون فرشتن کي، انسان جي نور مان ۽ انسان کي، پنهنجي نور مان پيدا ڪيو آهي.]

يعني الله تعالي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي نور کي "احديت" جي تجليءَ مان خلقيو ۽ سندن نور مان مخلوق پيدا ٿي. الله تعالي سندن نور تي محبت جي نظر وڌي، جنهن مان بہ صفتون پيدا ٿيون: هڪ لطافت، يي ڪثافت، لطافت تي نظر وڌائين تہ ان مان حضرت خير البشر ﷺ جن جو روح پيدا فرمايائين ۽ سندن دم (ڦوڪ) مان نبين سڳورن، اوليائن، عارفن ۽ عام انسانن جا روح پيدا ٿيا. الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

www.maktabah.org

مَا اَكَلَ الْاِنْسَانُ شَيْئًا وَلَا يَشْرِبُ وَلَا يَقُوْمُ وَلَا يَقْعُدُ وَلَا يَنْطِقُ وَلَا يَصِيْتُ وَلَا يَفْعَلُ فِعْلًا مِنَ الْاَفْعَالِ وَ مَا يَتَوَجَّهُ بِشَيْءٍ وَ مَا غَابَ بِشَيْءٍ اِلَّا اَنَا فِيْهِ مُكَوِّنٌ وَ مُحَرِّكٌ

[انسان جيڪا به شيءِ کائي، پيئي ٿو اٽي، ويهي ٿو ڀالهائي ٿو ۽ خاموش رهي ٿو جيڪو به ڪم ڪري ٿو جنهن به شيءِ ڏانهن توجه ڪري ٿو ۽ جنهن به شيءِ کان غائب رهي ٿو ان جو سبب ۽ ان جو محرڪ يعني منجهس چرپر پيدا ڪندڙ آءٌ آهيان.]

پڙ فرمائي ٿو تہ:

جِسْمُ الْاِنْسَانِ وَ نَفْسُهٗ وَ رُوْحُهٗ وَقَلْبُهٗ وَ سَمْعُهٗ وَ لِسَانُهٗ وَ يَدُهٗ وَ رِجْلُهٗ وَ كَذٰلِكَ مَا ظَهَرَتْ لَهٗ نَفْسُهٗ اِلَّا لِنَفْسِيْ مَا هُوَ غَيْرِيْ اِلَّا اَنَا وَلَا اَنَا غَيْرُهٗ اِلَّا هُوَ

[انسان جو جسم، سندس نفس، سندس روح، سندس قلب، سندس ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جون صلاحيتون، سندس زبان، سندس هٿ، سندس پير اهڙيءَ ريت ان لاءِ جيڪي ڪجهہ پيدا فرمايو اٿم، اهو منهنجي لاءِ آهي، نہ اهو منهنجو غير آهي، نہ آءٌ سندس غير آهيان.]

واضح هجي تہ جيڪڏهن انسان کي ڄاڻ هجي تہ الله تعالي وٽ سندس ڪيڏو وڏو مقام ۽ مرتبو آهي تہ جيڪر پاڻ کي سڀ کان وڏو بادشاه ڄاڻي، جيئن مٿي انهيءَ مضمون جي روايت بيان ٿي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ الله تعالي حضرت محمد مصطفي ﷺ جي نور کي پنهنجي "احديت" جي تجليءَ مان خلقيو جنهن مان ۽ صفتون پيدا ڪيائين: ١- لطافت، ٢- ڪثافت. وري لطافت تي نظر وڌائين تہ ان مان حضرت خير البشر ﷺ جو روح پيدا فرمايائين. ان مان اولوا العزم رسولن جا روح، انهن مان نبين سڳورن جا روح، انهن مان اوليائن جا روح، انهن مان عارفن جا روح، انهن مان زاهدن جا روح، انهن مان عابدن جا روح، انهن مان عام ايمان وارن جا روح، انهن مان ڪافرن جا روح، انهن مان منافقن جا روح پيدا ٿيا، منافقن جي روحن مان فرشتن جا روح پيدا ٿيا.

واضح هجي تہ انساني روح، حضرت محمد مصطفي ﷺ جي روح

www.maktabah.org

مان پيدا ڪيا ويا آهن. جيئن مٿي حديثون گذريون. جڏهن انسان پنهنجي ذاتي صفتن کي خيرباد چوندو آهي ۽ پنهنجي ذات کي الله تعالي جي ذات ۾ گم ڪندو آهي، ان وقت کيس انسانيت حاصل ٿيندي آهي.

شعر

زهي سعادت انسان که چون شود نابود
خداش ياد کند با کمال هستي خويش
کِرا ز حضيض تن آيد باوج جان عزيز
بر در عرش عظيم متاع پستي خويش.

[واه انسان جي اها ڪيڏي نه سعادت آهي، جو جڏهن پاڻ کي نابود ڪندو آهي ته الله تعالي پنهنجي وجود جي ڪمال جي باوجود، ان کي ياد ڪندو آهي. زمين تي پنهنجي تن جي پستي جي بدلي ۾، پنهنجي جان عزيز جي بلندي حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي پستيءَ جي متاع سان عرش عظيم جي در تي پهتو آهي.]

اي عزيز! پڪ جاڻ ته رب العالمين آسمان ۽ زمين ۾ ڪا به شيءِ بغير سبب جي پيدا نه فرمائي آهي. ڪائنات ۾ جيڪا به شيءِ ۽ جيڪو به ذرو آهي، الله تعالي جي قدرت ڪامله جي ڄاڻ هيٺ پلجي رهيو آهي. الله تعالي فرمائي ٿو ته:

مَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْأَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لَاعِبِيْنَ ﴿١٦﴾ [1]

[اسان آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ جيڪي انهن جي درميان آهي، انهن کي راند روند لاءِ پيدا نه ڪيو آهي]

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته:

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّاَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿١١٥﴾ [1]

[ڇا توهان پانيو ٿا ته اسان توهان کي اجايو پيدا ڪيو آهي ۽ هي ته توهان، اسان ڏانهن نه موٽايا ويندا؟]

---

[1] سورة الانبياء آيت: ١٦

[1] سورة المؤمنون آيت: ١١٥

www.maktabah.org

انهيءَ آيت جو هي مطلب بيان ڪيو ويو آهي تہ دنيا جي سيني شين کي الله تعاليٰ هڪ خاص مقصد ۽ خاص رنگ ۾ رنگي ڇڏيو آهي. الله تعاليٰ حڪم فرمائي ٿو تہ:

صِبْغَةَ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ اَحْسَنُ مِنَ اللّٰهِ صِبْغَةً (2)

[الله جو رنگ اختيار ڪريو ۽ الله کان وڌيڪ سهڻو رنگ ڪنهن جو ٿي سگهي ٿو]

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو تہ:

اَعْطٰى كُلَّ شَیْءٍ خَلْقَهٗ ثُمَّ هَدٰى ﴿۵۰﴾ (3)

[هر هڪ شيءِ کي خلقيائين، پوءِ ان کي واٽ ڏيکاريائين.]

يعني ڪا بہ شيءِ مقصد، مصلحت، غرض غايت ۽ نتيجي کان سواءِ پيدا نہ فرمائي ويئي آهي، جيتوڻيڪ ضروري نہ آهي تہ جنهن مقصد لاءِ مخلوق پيدا ڪئي ويئي آهي، اُهو پورو بہ ٿئي (مثلاً انسانن ۽ جنن کي الله تعاليٰ پنهنجي عبادت لاءِ پيدا فرمايو آهي، پر اڪثر الله تعاليٰ جي عبادت نٿا ڪن.) پر تنهن هوندي بہ

فِعْلُ الْحَكِيْمِ لَا يَخْلُوْ عَنِ الْحِكْمَةِ

[داناءَ جو ڪو فعل دانائيءَ کان خالي نہ هوندو آهي.]

انسان، جيڪو ڪائنات جو خلاصو ۽ هن جهان جو سَتَ آهي، ان جي پيدائش جو اصل مقصد زمين ۾ خلافت جي نظام کي قائم ڪرڻ آهي. جيئن هيٺين آيتن سڳورين مان ظاهر ٿئي ٿو: اِنِّیْ جَاعِلٌ فِی الْاَرْضِ خَلِیْفَةً (بيشڪ آءٌ زمين ۾ پنهنجو خليفو مقرر ڪرڻ وارو آهيان.) وَهُوَ الَّذِیْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ (اهو الله ئي آهي، جيڪو توهان کي زمين ۾ هڪ ٻئي جو جانشين بڻائي ٿو.)

اها ئي اها امانت آهي، جنهن جي بار کڻڻ جي ڪنهن ۾ بہ سگهہ نہ هئي، پر انسان انهيءَ بار جي ذميواري پنهنجي سر تي ڪنئي. جيئن

---

(2) سورة البقرة آيت: ۱۳۸

(3) سوره طه آيت: ۵۰

www.maktabah.org

الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو ته:

إِنَّا عَرَضْنَا الْأَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَالْجِبَالِ فَأَبَيْنَ أَنْ يَحْمِلْنَهَا وَأَشْفَقْنَ مِنْهَا وَحَمَلَهَا الْإِنْسَانُ إِنَّهُ كَانَ ظَلُومًا جَهُولًا ﴿٧٢﴾ [1]

[بيشڪ اسان امانت کي آسمانن ۽ زمين تي پيش ڪيو پوءِ انهن ان جي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان کي انسان ڪنيو. بيشڪ انسان ظالم ۽ جاهل آهي.]

هن آيت سڳوريءَ ۾ انسان جي ساراه آهي ۽ انسان جا ٻه قسم بيان ڪيا ويا آهن: ۱- نفساني انسان (يعني جنهن تي نفساني خواهش جو غلبو هجي) ۲- روحاني انسان (يعني جنهن تي روحانيت جو غلبو هجي.)

نفساني خواهشون: مثلاً حسد، وڏائي، رياڪاري، غُرور، حرص، هوس، وڏيون وڏيون دنياوي خواهشون ڪرڻ، فاني دنيا جي محبت، انهن اخلاقي بيمارين مان هر هڪ جو علاج جدا جدا آهي. رياڪاريءَ جو علاج اخلاص آهي، رياڪار شخص گهرندو آهي ته ماڻهو ان کي بزرگ ۽ وڏي مرتبي وارو سمجهن. رياڪاريءَ جو علاج هي آهي ته انسان پنهنجي اندر پڪو پختو ويساه پيدا ڪري ته مخلوق کي مسخر ڪرڻ واري ذات قادر ڪريم جي آهي ۽ چڱي طرح سمجهي ته جيئن جمادات ڪنهن نفعي ۽ نقصان جو اختيار نڪا رکن، تيئن انسان به رنج ۽ راحت رسائڻ جو ڪو اختيار نڪا رکن. جڏهن دل ۾ اهو اعتقاد راسخ ٿي ويندو تڏهن ڀانهو رياڪاريءَ کان آجو ٿي ويندو. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن مخلوق کي پاڻ تي وس وارو ۽ پاڻ کي انهن کان هيٺو ڄاڻندو ته ان جو اهو روڳ به ختم ٿي ويندو. عُجَبَ (خود پسندي) جو علاج هي آهي ته پنهنجي هر ڪم کي الله تعالي جي توفيق جو نتيجو ڄاڻي. تڪبر جو علاج عاجزي، حسد جو علاج خير خواهي، سازّ ۽ ڪيني جو علاج قضا تي راضي رهڻ، ڏُکهين اميدن جو علاج موت کي ياد رکڻ، دنيا جي محبت جو علاج، دنيا کان بي رغبتي اختيار ڪرڻ، موت کي ياد رکڻ ۽ پنهنجي اندر نفس جي معرفت

---

[1] سورة الاحزاب آيت: ۷۲

www.maktabah.org

پيدا ڪرڻ آهي. پڙ چيو ويو آهي تہ:

اَلْحَسَدُ دَاءٌ وَدَوَاءُهٗ مَعْرِفَةُ النَّفْسِ

[حسد هڪ بيماري آهي ۽ ان جو علاج، نفس جي معرفت پيدا ڪرڻ آهي.]

هي بہ چيو ويو آهي تہ:

اَلْحَاسِدُ مُعْتَرِضٌ عَلَى اللّٰهِ وَالْكِبْرُ دَاءٌ وَدَوَاءُهٗ مَعْرِفَةُ النَّفْسِ

[حسد ڪندڙ شخص، الله تي اعتراض ڪندڙ آهي ۽ وڏائي هڪ بيماري آهي ۽ ان جو علاج، پنهنجي نفس جي معرفت پيدا ڪرڻ آهي.]

وَالْحِرْصُ دَاءٌ وَدَوَاءُهٗ مَعْرِفَةُ الْقِسْمَةِ

[حرص هڪ بيماري آهي ۽ ان جو علاج قدرت طرفان رزق جي ورهاست جي باري ۾ سچاڻپ پيدا ڪرڻ آهي.]

جنهن انسان ۾ اهي سڀ برائيون هونديون اهو ناقص ۽ اڻپورو هوندو. ان جي علاج جو طريقو هي آهي تہ ڪنهن عطر جي دڪاندار وٽ وڃي، ان کان خوشبو وٺي پنهنجي جسم تي مالش ڪري، تان تہ سندس جسم مان خوشبو ڀهڪڻ لڳي. ظاهر آهي تہ اهو غلط طريقو آهي ۽ صحيح طريقو هي آهي تہ پهريائين گندگي کي ڌوئي، پوءِ مختلف شين سان جسم ۾ صفائي ستڪائي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، جڏهن ائين ڪندو تہ پوءِ ڪامل ۽ اڪمل انسان ٿيندو. جنهن جي باري ۾ سوره ياسين والقرآن نازل ٿي آهي. انسان ڪامل مان مراد اهو شخص آهي، جنهن ۾ سهڻيون صفتون هجن ۽ جيڪو خراب عادتن کان پاڪ صاف هجي، انساني وصفن جي معراج ۽ ڪمال حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ تي ختم آهي ۽ پاڻ سڳورن انهن سهڻن اخلاقن جي انسانيت کي تعليم ڏني آهي. مثلاً ايمان، يقين، احسان، اخلاص، سچائي، ٻانهپ، توڪل، قناعت، رضا، شرعي حڪمن جي اڳيان سر نوائڻ، عاجزي، ٻين سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ، بردباري، ماڻهن کي نفعو پهچائڻ، محبت، حق تعالي جو ذڪر، صبر، شڪر، سخا، ادب، انصاف، ڪرم نوازي ڪرڻ، معاف ڪرڻ.

1) **ايمان:** جو بيان هن ڪتاب جي بعض شعرن ۾ اڳي چڪو آهي، اتي ڏسجي.

www.maktabah.org

2) **يقين:** ٽن قسمن جو آهي: ١- علم اليقين، يعني ٻانهي کي يقين هجي ته حق تعالىٰ ئي رازق ۽ رب آهي، جنهن ۾ ان جو ڪو به شريڪ نه آهي، اهو مثل، مثال ۽ نموني کان سواءِ آهي. يعني ان جي حقيقت ڄاڻڻ کان انسان عاجز آهي. عارف انسان، الله تعالىٰ کي معرفت ۽ علم جي وسيلي سڃاڻي سگهي ٿو.

3) **عين اليقين** هي آهي ته ٻانهو ڪائنات ۽ مالڪ الملڪ جي بادشاهيءَ کي ڏسي ۽ ان کان سواءِ ڪا جاءِ خالي نه ڏسي ۽ ان کي هر شيءِ جي حقيقت، الله جي ذات کان سواءِ ڪجهه نظر نه اچي. نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته شيون جيئن نظر اچن ٿيون، تيئن آهن.

4) **حق اليقين** هي آهي، جيئن چيو اٿن ته يقين مؤمن جي دل ۾ حقيقت جو نور پيدا ڪندو آهي، ڪشف جي وقت بشري رازن جو ظهور ٿيندو آهي ۽ اهو ئي حق تعالىٰ جو مشاهدو ۽ ذوق آهي. جنهن کي عقل ۽ نقل جي ذريعي سمجهي نٿو سگهجي. ان کان وڌيڪ مقصود نه آهي جيئن حضرت علي رضي الله عنه فرمائي ٿو:

لَوْ كُشِفَ الْغِطَاءُ مَا ازْدَدْتُ إِلَّا يَقِينًا

[جيڪڏهن غيب جو پردو هٽايو وڃي ته بيشڪ منهنجو يقين وڌي ويندو.]

چون ٿا ته ايمان ۽ يقين جو نور ساڳيو ئي آهي. انهن ٻنهي نورن کي "ايمان" چيو ويندو آهي. هي اهو ئي نور آهي، جيڪو حجابن جي پويان هوندو آهي، جنهن جي باري ۾ الله تعالىٰ فرمائي ٿو:

يُؤْمِنُونَ بِالْغَيْبِ [1]

[ڳجهه تي ايمان رکن ٿا.]

حجاب پري ٿيڻ کان پوءِ يقين ايمان وانگر نور هوندو آهي. جيئن سج اپرڻ کان اڳ فجر جي روشني ظاهر ٿيندي آهي. يقين جو مثال سج جي اپرڻ وانگر آهي، جنهن سان قلب کي شڪ جي بيماريءَ ۽ جهالت کان عافيت ملندي آهي. جيئن الله تعالىٰ فرمائي ٿو:

---

[1] سورة البقرة آيت: ٣

www.maktabah.org

وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَأْتِيَكَ الْيَقِينُ ﴿٩٩﴾ [1]

يعني الله جي عبادت ڪر، تانجو توکي يقين يعني موت اچي.

جڏهن ٻانهي کي يقين جي دولت حاصل ٿيندي آهي، ان وقت اهو عبادت ۽ عبوديت جي جهان کي پار ڪندو آهي. احسان جي باري ۾ نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته.

اَلْاِنْسَانُ عَبْدُ الْاِحْسَانِ

[انسان، احسان جو ٻانهو آهي.]

۽ قرآن ۾ آهي ته:

اَحْسِنْ كَمَآ اَحْسَنَ اللّٰهُ اِلَيْكَ [2]

[يعني قارون کي ماڻهن چيو ته جيئن الله توسان احسان فرمايو آهي، تيئن تون به ماڻهن سان احسان ڪر.]

الله تعالي انسان تي هن طرح احسان فرمايو آهي، جو ان کي عدم مان وجود بخشيائين، تنهن ڪري اي ٻانها! تون هن طرح احسان ڪر جو پاڻ کي معدوم ڄاڻ ۽ فقط حق تعالي کي موجود ڄاڻ ۽ ماجد سمجهه. پنهنجي وجود کي ڪجهه به نه سمجهه ۽ نه وري ان کان سواءِ ڪجهه ڏس ۽ نه ان کان سواءِ ڪنهن کي مڃ. فقط الله تعالي کي مڃ. جيڪو سڀ شيءِ کي وجود عطا ڪري ٿو. پڙ چيو ويو آهي ته معاف ۽ درگذر ڪرڻ ۽ برائيءَ جو بدلو پلائي سان ڏيڻ جو نالو احسان آهي، جيئن سفيان ثوري چوي ٿو ته احسان هي آهي ته تون ان سان پلائي ڪر، جيڪو توسان برائي ڪري، چاڪاڻ ته احسان، ان شخص کي اجر ڏيارينڊو آهي، جيڪو ٻئي تي احسان ڪندو آهي، جيئن ڪو شخص بازار ۾ سڪا ڪٽي وينڊو آهي ته ان جي بدلي ۾ ڪا شيءِ خريد ڪندو آهي. حسن بصري چوي ٿو ته احسان هي آهي ته هر ڪنهن سان پلائي ڪر، اهو عام هجي يا خاص ۽ ان کي ڪنهن سان مخصوص نه ڪر. جيئن سڄ، هوا ۽ مينهن مان هر

---

[1] سورة الحجر آيت: ٩٩

[2] سورة القصص آيت: ٧٧

www.maktabah.org

ڪنهن کي فائدو پهچندو آهي. رسول الله ﷺ جن جي حديث آهي تہ:

اَلْاِحْسَانُ اَنْ تَعْبُدَ اللّٰهَ كَاَنَّكَ تَرَاهُ فَاِنْ لَّمْ تَكُنْ تَرَاهُ فَاِنَّهٗ يَرَاكَ [1]

[احسان هي آهي تہ الله جي عبادت ائين ڪر جڻ تون ان کي ڏسين ٿو پوءِ جيڪڏهن اهو توکي نٿو ڏسي تہ تون تہ ان کي ڏسين ٿو.]

ڇيو ويو آهي تہ عام ٻانهن جو سلوڪ، اسلام جو نور آهي. زاهدن جو سلوڪ ايمان جو نور آهي ۽ صوفين جو سلوڪ، احسان جو نور آهي. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه فرمائي ٿو:

زَيَّنْتُ الْاِحْسَانَ بِتَرْكِ الْمَنِّ

[مون احسان کي ائين سهڻو ڪيو جو احسان جاتائڻ کي چڏي ڏنم.]

الله تعالي فرمائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢٠﴾ [2]

[الله تعالي احسان ڪرڻ وارن جو اجر ضايع نہ ڪندو آهي.]

شيخ حسن چوي ٿو تہ:

لَيْسَ بِصَادِقٍ فِيْ دَعْوَاهُ مَنْ لَّمْ يَصْبِرْ عَلٰى ضَرْبِ مَوْلَاهُ

[اهو شخص ٻنهنجي دعويٰ ۾ سچو نہ آهي، جيڪو ٻنهنجي مولي جي مار تي صبر نہ ڪري.]

شيخ شفيق چوي ٿو تہ:

لَيْسَ بِصَادِقٍ فِيْ دَعْوَاهُ مَنْ لَّمْ يَتَلَذَّذْ بِضَرْبِ مَوْلَاهُ

[اهو شخص ٻنهنجي دعويٰ ۾ سچو نہ آهي، جيڪو ٻنهنجي مولي جي مار جي لذت نہ چکي.]

مالڪ چوي ٿو تہ:

---

[1] تفسير قرطبي ص۴۱۵ ج۱- ابن ڪثير ص۴۲۳ ج۲- ۳۰۵ ج۴- صحيح مسلم ص۳۷ ج۱- ابن حبان حديث : ۱۵۹، ۱۶۸- المسند المستخرج علي صحيح الامام مسلم حديث : ۷۴- موارد الظمان. حديث : ۱۶- ترمذي حديث : ۲۶۱۰.

[2] سورة التوبه آيت: ۱۲۰

www.maktabah.org

لَيْسَ بِصَادِقٍ فِيْ دَعْوَاهُ مَنْ لَّمْ يَشْكُرْ عَلٰى ضَرْبِ مَوْلَاهُ

[اهو شخص پنهنجي دعوي ۾ سچو نه آهي، جيڪو پنهنجي مولي جي مارتي شڪر نه ڪري.]

رابعه بصري رح چوي ٿي ته بلڪ هن طرح چوڻ گهرجي ته

لَيْسَ بِصَادِقٍ فِيْ دَعْوَاهُ مَنْ لَّمْ يَنْسَ اَلَمَ الضَّرْبِ فِيْ مُشَاهِدَةِ مَوْلَاهُ

[اهو شخص پنهنجي دعوي ۾ سچو نه آهي، جيڪو پنهنجي مولي جي مار جي درد کي نه وساري.]

پڙ چيو ويو آهي ته:

لَيْسَ بِصَادِقٍ فِيْ دَعْوَاهُ مَنْ لَّمْ يَشَأْ ضَرْبَ مَوْلَاهُ وَ لَيْسَ بِصَادِقٍ فِيْ دَعْوَاهُ مَنْ لَّمْ يَخْطُرْ فِيْ قَلْبِهٖ دُوْنَ مَوْلَاهُ

[اهو پنهنجي دعوي ۾ سچو نه آهي، جيڪو پنهنجي مولي جي مار نه چاهي يا اهو پنهنجي دعوي ۾ سچو نه آهي، جنهن جي دل ۾ الله کانسواءِ ڪنهن ٻئي جو لاڙو پيدا ٿئي.]

صديق اهو آهي، جنهن وٽ جيڪي به هجي، سو الله جي راه ۾ لٽائي ڇڏي، سندس محبت ۾ گم ۽ غرق هجي. چاڪاڻ ته سالڪ کي الله جي محبت کانسواءِ کا شيءِ نظر نه ايندي آهي ۽ نه ڪنهن شيءِ جي ان وٽ کا اهميت هوندي آهي يا صديق اهو آهي، جيڪو حق تعالي جي ياد کان هڪ گهڙي به غافل نه رهي يا صديق اهو آهي، جنهن جو ڪو ساه ۽ دم الله جي ياد کانسواءِ نه اندر وڃي، نه ٻاهر اچي. خدا تعالي بي حجاب هوندو آهي ۽ صديق به بي حجاب هوندو آهي، چاڪاڻ ته چيو ويو آهي ته:

لَا حِجَابَ اِلَّا وُجُوْدُكَ وَلَا غَيْبَ اِلَّا شُهُوْدُكَ

[تنهنجي وجود کان سواءِ کو حجاب نه آهي ۽ تنهنجي شهود کان سواءِ کو غيب نه آهي.]

www.maktabah.org

شعر

يكي بي خود درخود سفر كن
يا بي خويش را از خود گذر كن
چون احوال كه مي بيني ز يک دو
بچشم هوش يک را يک نظر كن
اگر خواهي خدا باشي تو بشنو كه
خطره خويشتن از خود بدر كن.

[بي خود ۽ اڪيلو ٿي، پنهنجي وجود ۾ سفر ڪر، يا پاڻ کي هر شيءِ کان پري ڪر. هڪ کان وڌيڪ شين جو جيڪو حال احوال تون ڏسين پسين ٿو، انهن سڀني کي هوش جي نظر سان هڪ خيال ڪر. جيڪڏهن گهرين ٿو ته خدا ٿئين ته پوءِ ٻڌي ڇڏ ته پنهنجي وجود مان پنهنجائپ جو خوف ۽ خطرو ڪڍي ڇڏ.]

عبوديت جي حقيقت متن شعرن ۾ بيان ٿي چڪي.

توڪل، قناعت ۽ رضا

رسول الله ﷺ جن عرض ڪيو ته:

اِلٰهِيْ !اَيُّ الْاَعْمَالِ اَفْضَلُ عِنْدَكَ؟ قَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى لَيْسَ شَيْءٌ اَفْضَلُ عِنْدِيْ مِنَ التَّوَكُّلِ عَلَيَّ وَ رِضًى عَلٰى مَا قَسَمْتُ لَهٗ [1]

[اي الله! تو وٽ سڀ کان افضل عمل ڪهڙو آهي؟ الله تعالي فرمايو ته مون وٽ سڀ کان وڌيڪ افضل عمل، مون تي توڪل ڪرڻ ۽ ٻانهي جو سندس باري ۾ منهنجي ورهاست تي راضي رهڻ آهي.]

---

[1] لفظي فرق سان حوالا ڏسو: حليه الاولياء ص۲۷ج۴- دارمي حديث۳٦۲-الزهد لابن المبارک حديث :۵۳۳ ۽ توڪل جي فضيلت لاءِ ڏسو: تفسير الجلالين ص۲۲۷ ج۱- مسلم حديث: ۲۱۸، ۲۲۰- بخاري حديث: ۵۳۷۸، ۵۴۲۰- صحيح ابن حبان حديث: ۷۲٦، ٦۰۸۴- المستدرک علي الصحيحين حديث: ۸۲۷۸، ۸۷۲۱- سنن الترمذي حديث: ۲۴۴٦- مجمع الزوائد ص ۱۰۹ ج۵- مسند احمد ص۲۷۱ ج۱- مسند ابي يعلي ص۲۳۲ ج۹- المعجم الڪبير ص۵٦ ج۴- جامع العلوم والحڪم ص۲۸ ج۱- فتح الباري ص۴۰۸ ج۱۱.

www.maktabah.org

پڙ چيو ويو آهي تہ:

اَلتَّوَكُّلُ اِظْهَارُ الْعِجْزِ عَنِ النَّفْسِ وَعَدَمُ الْاِعْتِمَادِ عَلٰى غَيْرِهٖ

[توڪل هي آهي تہ پنهنجي نفس کي عاجز سمجهجي ۽ پنهنجي غير تي پروسو نہ ڪجي.]

توڪل جو اصل مادو "وڪل" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪنهن ڪم کي ڇڏي ڏيڻ. انهيءَ ڏس ۾ الله تعاليٰ ارشاد فرمائي ٿو:

فَعَلَيْهِ تَوَكَّلُوْٓا اِنْ كُنْتُمْ مُّسْلِمِيْنَ ﴿٨٤﴾ [1]

[پوءِ الله تي توڪل ڪريو جيڪڏهن توهان مسلمان آهيو.]

شيخ المشائخ ابونجيب رح چوي ٿو تہ:

اَلتَّوَكُّلُ الْاِعْتِمَادُ عَلَى اللّٰهِ وَتَرْكُ الطَّمَعِ غَيْرَ مَا سِوَاهُ

[توڪل، الله تي پروسو ڪرڻ ۽ غير الله مان طمع ختم ڪرڻ آهي.]

شيخ ابو تراب بخشي چوي ٿو تہ:

اَلتَّوَكُّلُ طَرْحُ الْبَدَنِ فِي الْعُبُوْدِيَّةِ وَتَعَلُّقُ الْقَلْبِ بِالرُّبُوْبِيَّةِ

[توڪل بدن کي الله جي بانهپ ۾ وجهڻ ۽ دل جو تعلق ربوبيت سان قائم ڪرڻ آهي.]

شيخ ذوالنون مصري فرمائي ٿو تہ، توڪل هي آهي تہ مخلوق مان پنهنجي طمع ختم ڪري ڇڏجي. شيخ ابو محمد رقيم چوي ٿو تہ:

اَلتَّوَكُّلُ الثِّقَةُ بِاللّٰهِ فِيْ كُلِّ مَا ضَمِنَ

[توڪل هي آهي تہ هر شيءِ، جيڪا تنهنجي وس ۽ حفاظت ۾ هجي، ان جي باري ۾ الله تي پروسو ڪر.]

شيخ سري ستطي فرمائي ٿو:

اَلتَّوَكُّلُ تَرْكُ تَدْبِيْرِ النَّفْسِ

[توڪل نفس جي تدبير ۽ انتظام کي ڇڏڻ آهي.]

يعقوب نهرجوري چوي ٿو تہ حقيقي متوڪل اهو آهي، جيڪو مخلوق مان رنج سهي ۽ ان جي ڪنهن وٽ شڪايت نہ ڪري ۽ نہ

---

[1] سوره يونس آيت: ٨٤

www.maktabah.org

ڪنهن سان خيانت ڪري. شيخ حسين نوري چوي ٿو ته قضا ۽ تقدير جي هر فيصلي تي دل جي خوشيءَ سان راضي رهڻ جو نالو توڪل آهي. يعني پڪو ويساه رکجي ته جيڪي ڪجهه پيش اچي ٿو سو حق تعالي جي ارادي کان سواءِ نه آهي ۽ اهو ڪم ڪرڻ عين ثواب ۽ برحق آهي.

مثنوي

هرچه حق کرده آن همه حق است
کرده حق را مگو که ناحق است
خير وشر من الله است و بر رسيدن
آن هردو خوشحال و شاد بايد بود
که خيريت خود دران داند و دران هست
و جز آن از خلق طلب مکند
اگر در صحت تن و با شدت عيش دارد
صحت تن فراخي و عيش نه طلبد
و اگر در صحت تن و فراخي عيش بدارد
زحمت وتنگي نه خواهد کشد
هر رنگي که مي دارد خداوند
بجان و دل بدان مي باش خورسند
اگر در ملک شاهانت شمارد
و اگر در حلقه درويشانت گمارد
اگر در زحمت و راحت گزارد
وگر در رنج و زحمت هم بدارد
ذکر بآتش هجرت گزارد
بوصل او خرم و شادان بماند
اگر مغموم دارد و کند شاد
بجان و دل همين بايد رضا داد
ولي جز دوست در دل خويش زنهار
خيال و وهم و خطر هيچ مگذار

www.maktabah.org

[الله تعالي جيڪي ڪجهه ڪري ٿو اهو ئي حق آهي. حق تعالي جي ڪيل ڪم کي ناحق نه چئو. خير هجي يا شر، ٻئي الله تعالي جي طرفان آهن. ٻنهي حالتن ۾ خوش رهڻ گهرجي ۽ پڪ ڄاڻجي ته ان ۾ خيريت آهي ۽ ان ۾ ئي خيريت هوندي ۽ ان کان سواءِ ڪا ٻي شيءِ مخلوق کان طلب نه ڪر. صحتمندي، رزق جي ڪشادگي ۽ عيش طلب نه ڪر. پر جيڪڏهن صحتمندي، رزق جي ڪشادگي ۽ عيش حاصل آهي ته ان کي هٿ کان وڃڻ نه ڏي. هروپرو رنج ۽ تڪليف نه پوڳ الله تعالي جنهن حال ۾ رکي ان ۾ خوش رهه. ان تي دل سان راضي برضا رهڻ گهرجي. بادشاه آهي ته بادشاهيءَ تي، درويش آهي ته درويشيءَ تي قناعت ڪري. آرام ۽ راحت حاصل آهي ته ان تي الله تعالي جو شڪر ڪري، رنج ۽ مصيبت ۾ آهي ته ان تي صبر ڪري. هجر ۽ فراق جي ٻاه کي ياد رکي ته محبوب جي وصال تي ٻلي خوش ٿئي. غم رسي ته دل ۾ ان تي خوش ٿئي، دل ۽ جان سان قضا قدر جي رضا تي راضي رهي. دل ۾ دوست کان سواءِ ڪنهن کي جاءِ نه ڏي ۽ ان کان سواءِ، دل ۾ ٻيو ڪو خيال نه آڻي.]

حضرت امام غزالي رحمة الله عليه لکي ٿو ته توڪل هي آهي ته الله تعالي قادر ڪريم تنهنجي قسمت ۾ جيڪي ڪجهه لکي ڇڏيو آهي، ان تي ڪامل پروسو رک ۽ يقين رک ته دنيا جي جيڪا به مخلوق آهي، اها سموري ملي، تنهنجي قسمت کي مٽائڻ گهري ته اها تنهنجي قسمت کي هرگز بدلائي نه سگهندي. پڙ لکي ٿو ته جيڪي ڪجهه تنهنجي لاءِ تقدير ۽ قسمت ۾ لکيل آهي چاهي تون ڪيتري ڪوشش ڪرين، تو کي ان کان وڌيڪ نه ملندو ۽ جيڪي تو وٽ نه آهي، تون ڪيترو به ٻاڻ پتوڙين اهو توکي ڪڏهن به ملي نه سگهندو. انهيءَ ڪري هر حالت ۾ قناعت ڪر ۽ الله تي پروسو رک. الله تعالي فرمائي ٿو ته:

وَجَبَتْ كَمَالُ مَحَبَّتِي لِلْمُتَوَكِّلِينَ عَلَيَّ

[جيڪي ماڻهو مون تي پروسو ڪن ٿا، انهن جي لاءِ منهنجي محبت جو ڪمال واجب ٿي چڪو.]

www.maktabah.org

توڪل جي معنيٰ هيءَ آهي تہ دل ۾ الله تعاليٰ تي مڪمل ويساه رکجي ۽ ذري برابر بہ ان جي خلاف ڳڻتي ۽ پريشاني نہ آڻجي. رضا، توڪل جو آخري مقام آهي. نقل آهي تہ هڪ درويش پاڻي ۾ ٻڏندي مرڻينگ حالت ۾ ڪناري تي پهتو. ان کي چيو ويو تہ چا گهرين ٿو تہ پنهنجي جان بچائين؟ ان شخص چيو تہ نہ! چيو ويو تہ گهرين ٿو تہ هلاڪ ٿئين؟ چيائين تہ نہ! چيو ويو تہ پوءِ چا ٿو گهرين؟ چيائين تہ حق تعاليٰ جي جيڪا رضا هجي، اها ئي گهران ٿو.

جڏهن حضرت ابراهيم عليه السلام کي باه جي آڙاه ۾ ساڙڻ لاءِ منجنيق وسيلي اڇلايو پئي ويو. تڏهن ونس جبرئيل عليه السلام آيو ۽ ان کان پڇيائين تہ:

هَلْ لَكَ حَاجَةٌ ؟قَالَ اَمَّا اِلَيْكَ فَلَا فَقَالَ جِبْرِيْلُ عَلَيْهِ السَّلَامُ سَلْ رَبَّكَ قَالَ حَسْبِيْ سُؤَالِيْ عِلْمُهٗ بِحَالِيْ[1]

[چا توکي کا ضرورت آهي؟ ابراهيم عليه السلام فرمايو تہ مون کي تنهنجي مدد جي ضرورت نہ آهي. جبرئيل عليه السلام فرمايو تہ پوءِ پنهنجي رب کي سوال ڪر. ابراهيم عليه السلام جواب ڏنو تہ الله تعاليٰ منهنجي حال کان چڱيءَ طرح واقف آهي.]

اها توڪل ۽ الله جي رضا تي راضي رهڻ جي انتها آهي. پوءِ الله تعاليٰ باه کي حڪم فرمايو تہ:

يَا نَارُ كُوْنِيْ بَرْدًا وَّسَلَامًا عَلٰٓى اِبْرَاهِيْمَ ﴿٦٩﴾[2]

[اي باه! ابراهيم تي ٺڏي ۽ سلامتيءَ واري ٿي پؤ.]

---

[1] قرطبي ص ۴۰۰ ج ۵، ص ۳۰۳ ج ۱۱- ابن جرير طبري ص ۴۵ ج ۱۷- ابن ڪثير ص ۱۸۵ ج ۳- جامع العلوم والحڪم ص ۴۴۰ ج ۱ – شعب الايمان ص ۲۹، ۱۰۴ ج ۲- نوادر الاصول في احاديث الرسول ص ۲۷۶ ج ۲ – ص ۱۰۹ ج ۱، ص ۲۹۲ ج ۲، ص ۷۸ ج ۴، ص ۲۹۹ ج ۵- حلية الاولياء ص ۲۰ ج ۱- ذڪر الامام احمد ص ۱۲۲ ج ۳- تهذيب الاسماء ص ۱۱۴ ج ۱ – تاريخ الطبري ص ۱۴۸ ج ۱

[2] سورة الانبياء آيت: ۶۹

www.maktabah.org

تڏهن اها باهر ان لاءِ باغ بهار ٿي ويئي، چو تہ جنهن کي رضا ۽ توکل جو مقام عطا ٿيندو آهي، ان لاءِ باه بہ بهشت ٿي پوندي آهي.

بيت

شعار شيوه خود کن توکل را بجان و دل
خليل را آسان شد گلشن که برخود داشتي گلخن

[دل ۽ جان سان، توکل کي پنهنجو شعار بناءِ. ڏس ابراهيم خليل لاءِ باه بہ باغ بهار ٿي وئي.]

اسان جي پير، دستگير جن جي خدمت اقدس ۾ تحفا، تحائف ۽ هديا گهٽا ايندا هئا. هڪ پيري پاڻ ارشاد فرمايائون تہ فلاڻا ! الله تعالي کي توکل جو مقام ڏاڍو پياروآهي، اسان جي سامهون کا شيءِ اڇي يا نہ اڇي، اسان لاءِ ٻئي ڇالهيون برابر آهن.

رضا نالو آهي پنهنجي نفس جي چاهت کي ڇڏي ڏيڻ ۽ الله تعالي جي رضا تي راضي رهڻ جو ڇاکاڻ تہ ارشاد فرمايو ويو آهي تہ:

رَضِيْتُ بِمَا قُسِمَ لِيْ

يعني جيڪي ڪجهہ محبوب جي طرفان اڇي، محب فقط ان کي ئي ڏسي(1) جيئن چيو ويو آهي تہ:

مَا يَفْعَلُ الْمَحْبُوْبُ مَحْبُوْبٌ وَتَفْوِيْضٌ

[جيڪي ڪجهہ محبوب ڪندو آهي، اهو اسان کي بہ محبوب آهي، ان جي آڏو اسين ڪنڌ نوايون ٿا.]

---

(1) قرآن مجيد ۾ اهو مضمون هن طرح آيو آهي تہ وَلَو اَنهم رضوا ما آتاهم الله و رسوله، يعني جيڪڏهن اهي (منافق ماڻهو) الله ۽ ان جي رسول جي بخشش تي راضي رهن ها تہ اها انهن لاءِ چڱي ڇالهہ هئي) رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ رضيت بما رضي الله تعالي لي ولامتي (مون پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي امت لاءِ اهو ئي پسند ڪيو آهي، جيڪو منهنجي لاءِ ۽ منهنجي امت لاءِ الله تعالي پسند فرمايو آهي) پوري حديث ڏسو: مجمع الزوائد ص ۲۹۰ ج ۹. ان ڏس ۾ حضرت علي سائين رضي الله عنه جو مشهور شعر آهي تہ رضينا بقسمة الجبار فينا۔ لنا علم و للجهال مال (يعني اسين پنهنجي باري ۾ الله جليل جبار جي ورهاست تي راضي آهيون اسان لاءِ علم ۽ جاهلن لاءِ مال آهي) مطلب تہ اها ئي ايمان جي گهر آهي تہ ٻانهو الله جي لکئي تي راضي رهي.

www.maktabah.org

ڄاڻڻ گهرجي ته پاڻ کي ۽ پنهنجي هر شيءِ کي الله تعالي جي حوالي ڪرڻ جو نالو آهي مڪمل توڪل. جيئن فرمايو ويو آهي ته:

بِسْمِ اللهِ آمَنْتُ بِاللهِ رَبِّيَ اللهُ حَسْبِيَ اللهُ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللهِ وَاعْتَصَمْتُ بِاللهِ وَأُفَوِّضُ أَمْرِيَ إِلَى اللهِ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيمِ [1]

[مون هن ڪم کي الله جي نالي سان شروع ڪيو. مون الله تي ايمان آندو. منهنجو رب الله آهي. منهنجي لاءِ الله ڪافي آهي. مون الله تي پروسو ڪيو. مون الله جي رسيءَ کي مضبوطي سان پڪڙيو. نيڪي ڪرڻ جي سگهه ۽ برائي کان باز رهڻ جي طاقت. فقط الله تعالي جي توفيق ۽ حڪم سان ئي آهي.]

جڏهن انسان انهن عظيم الشان لفظن جي معني تي عمل ڪندو ۽ پنهنجي ذات ۽ پنهنجي هر ڳالهه ۽ پنهنجي هر فعل کي الله تعالي جي رضا جي مطابق ڪندو ۽ هميشه لاءِ سندس رضا ۾ فنا ٿي ويندو تڏهن ان کي اهو مقام نصيب ٿيندو جنهن کي "فنا في الله" ۽ "بقا بالله" چئبو آهي. يعني اهڙو شخص الله جي رضا حاصل ڪري. هميشه جي لاءِ امر ٿي ويندو آهي. الله تعالي. اصحابن سڳورن جي شان ۾ فرمائي ٿو ته:

وَمَا زَادَهُمْ إِلَّا إِيمَانًا وَتَسْلِيمًا [2]

---

[1] قرآن ۽ حديث جي مختلف دعائن کي ملايو ويو آهي ۽ سپ ثابت آهن. مثلاً نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته جيڪو چار قسم جا ڪلمات چوندو. چئن قسمن جي خطرن کان امن ۾ رهندو: ۱- جنهن ماشاءَ الله لا قوة الا بالله چيو سو نظر لڳڻ کان امن ۾ رهندو ۲- جنهن حسبنا الله ونعم الوكيل چيو سو شيطان جي شر ۽ مڪر کان محفوظ رهندو ۳- جنهن افوض امري الي الله چيو سو ماڻهن جي مڪر ۽ حيلي کان امن ۾ رهندو ۴- ۽ جنهن لا اله الا انت سبحانک اني كنت من الظالمين چيو سو غم کان امن ۾ رهندو. هي روايت ۾ فرمايائون ته لا حول ولا قوة الا بالله جنت جو خزانو يا جنت جا خزانا آهن: قرطبي ص۴۰۷ج۱۰- ساڳئي تفسير ۾ ۽ ساڳئي صفحي تي هيا به وظيفا آهن. اهڙيءَ طرح هين به گهڻن ڪتابن مان اهي وظيفا ثابت آهن. پر انهن جي ترتيب اسان نه آهي. جيڪا هن ڪتاب جي مصنف متن ۾ ڏني آهي. (مترجم)

[2] سورة الاحزاب آيت:۲۲

www.maktabah.org

[جڏهن ايمان وارن، ڪافرن جا لشڪر ايندي ڏٺا تہ سندن ايمان ۽ اطاعت گذاريءَ جو جذبہ اڳي کان بہ وڌي ويو.]

يعني الله تعالىٰ جيڪو بہ معاملو فرمائي، چاهي اهو پاڻ جهڙ ۽ مهرباني فرمائي، تڏهن بہ پاڻها لبيڪ چوندا آهن، چاهي قهر فرمائي، تڏهن بہ لبيڪ چوندا آهن. اهي قدرت جي قضا جي هر حڪم جي سامهون ڪنڌ جهڪائيندا آهن. ڪنهن بہ قسم جي چا ۽ چوڻ نہ ڪندا آهن. سندن رضا، الله تعالىٰ جي رضا ۽ تقدير مطابق هوندي آهي ۽ اهو ئي عين ايمان آهي. صبر ۽ شڪر انهن جي زندگي جا بنيادي اصول آهن، جيئن رسول الله ﷺ جن فرمائين ٿا تہ:

اَلْاِيْمَانُ نِصْفَانِ نِصْفُهٗ صَبْرٌ وَّنِصْفُهٗ شُكْرٌ (1)

[ايمان جا بہ حصا آهن، ان جو اڌ صبر آهي تہ اڌ شڪر آهي.]

هڪ اعرابي يعني ڳوٺاڻو شيخ حسن بصري رح جي خدمت ۾ آيو ۽ پڇڙ لڳو تہ سائين سڳورا! صبر چا آهي؟ ارشاد فرمايائين تہ صبر جا بہ قسم آهن. ١- مصيبت ۽ آزمائش تي صبر ڪرڻ ٢- هر انهيءَ شيءِ تي صبر ڪرڻ، يعني ان کان باز رهڻ جنهن کان الله تعالىٰ روڪيو آهي. ڳوٺاڻي چيو تہ توهان وڏا زاهد يعني دنيا کان بي رغبتي رکندڙ آهيو. مون توهان کان وڏو ڪو زاهد ۽ صابر نہ ڏٺو آهي. شيخ موصوف فرمايو تہ منهنجي زاهدي دنيا کان بي رغبتي ۽ منهنجو صبر، آه زاري ڪرڻ آهي. اعرابيءَ چيو تہ مون کي واضح ڪري ٻڌايو. چاڪاڻ تہ اها ڳالهہ منهنجي سمجهہ ۾ نٿي اچي. شيخ موصوف فرمايو تہ مشڪل حالتن ۽ مصيبتن ۾، الله تعالىٰ جي اطاعت ۾ قائم رهڻ ئي منهنجو صبر آهي. خدا تعالىٰ جي

---

(1) تفسير قرطبي ص٧٩ ج١٤ ۾ آهي تہ اهو قول شعبي جو آهي. ساڳيو قول مغيره بن شعبه جو بہ آهي: تفسير ابن جرير ص٨٤ ج٢١- ڪي چون ٿا تہ ايمان جا بہ حصا آهن: دل سان تصديق ڪرڻ ۽ ظاهري طرح ايمان وارا ڪم ڪرڻ: (شرح نووي ١٠١ ج٣) فيض القدير ص ٣١ ج٦ ۾ آهي تہ دين جا بہ حصا آهن: ١- برائي کي ڇڏڻ ٢- نيڪيءَ جا ڪم ڪرڻ. اهڙا ٻيا بہ گهڻا قول آهن. البت عبا. الله بن مسعود جي حديث ۾ آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ صبر ڪرڻ اڌ ايمان آهي ۽ يقين ڪرڻ پورو ايمان آهي: مسند الشهاب ص١٢٦ ج١.

www.maktabah.org

خوف سبب دوزخ جي باه کان ڊجان ٿو ۽ اها ئي عاجزي آهي ۽ منهنجي زاهدي هيءَ آهي ته دنيا ۾ رهي، آخرت جي رغبت رکان ٿو. اها رغبت آهي، زاهدي نه آهي. پوءِ نيڪ بخت اهو شخص آهي، جيڪو دنيا ۾ رهي پنهنجي لاءِ (آخرت جو) نصيب حاصل ڪري، يعني نيڪيون ڪمائي تان ته اڳئين جهان ۾ الله تعالي کان اجر حاصل ڪري. مون کي پنهنجي تن، بدن جي محبت ۽ آرام لاءِ ٻئي جهان ۾ گهربل نه آهن. ٻانهي جي زاهدي، الله تعالي لاءِ هجي، نه ٻنهي جهانن جون نعمتون يا بهشت حاصل ڪرڻ جي لاءِ ۽ اها ئي ڳالهه اخلاص جي صحيح هجڻ جي نشاني آهي.

سهڻن اخلاقن جي فضيلت

تواضع: ڄاڻ گهرجي ته تواضع ۽ عاجزي اهو شخص اختيار ڪندو آهي، جيڪو پلارو ۽ سڳوري صفت وارو هوندو آهي. تواضع جي تعريف هن طرح ڪئي آهي:

١- صَاحِبُ التَّوَاضُعِ صَاحِبُ الْجَاهِ فِي الدَّارَيْنِ

[عاجزي ۽ تواضع جو صاحب، ٻنهي جهانن ۾ مانُ، مرتبو ماڻيندو آهي.]

٢- مَنْ تَوَاضَعَ فَقَدْ كَرُمَ طَبْعُهُ وَمَنْ تَكَبَّرَ فَقَدْ اَخْبَرَ عَنْ رِذَالَةِ نَفْسِهِ

[جيڪو شخص عاجزي اختيار ڪندو آهي، اهو پنهنجي طبيعت جي شرافت جو اظهار ڪندو آهي ۽ جيڪو وڏائي ڪندو آهي، اهو پنهنجي طبيعت جو تڪبر ۽ نفس جي رذالت ظاهر ڪندو آهي.]

٣- بحير بن معاذ چوي ٿو ته:

اَلتَّوَاضُعُ حَسَنٌ وَلٰكِنْ فِي الْاَغْنِيَاءِ اَحْسَنُ وَالتَّكَبُّرُ قَبِيْحٌ فِي الْخَلْقِ وَلٰكِنْ فِي الْفُقَرَاءِ اَقْبَحُ

[تواضع هڪ سهڻي صفت آهي، پر ، شاهوڪارن لاءِ وڌيڪ چڱي شيءِ آهي ۽ تڪبر عام ماڻهن لاءِ هڪ خراب صفت آهي، پر خاص ڪري فقير ماڻهو تڪبر ڪري ته سڀ کان وڌيڪ خراب شيءِ آهي.]

4- شيخ ذوالنون مصري رح فرمائي ٿو ته:

ثَلٰثَةٌ مِنْ عَلَامَاتِ النَّفْسِ اَلتَّوَاضُعُ وَتَصْغِيْرُ النَّفْسِ وَالْمَعْرِفَةُ بِالْعَيْبِ وَتَعْظِيْمُ النَّاسِ

www.maktabah.org

[تي ڳالهيون نفس لاءِ (فائديمند) آهن: ١- عاجزي ٢- پاڻ کي گهٽ ڄاڻڻ ٣- پنهنجا عيب ڄاڻڻ ۽ ماٺهن کي پاڻ کان وڌيڪ سمجهڻ.

5- وَاَيْضًا حُرْمَةٌ وَقُبُوْلُ الْحَقِّ وَالنَّصِيْحَةِ مِنْ كُلِّ اَحَدٍ مِّنْهَا

[پڻ تواضع جي تعريف هيءَ ڪئي ويئي آهي ته توحيد کي محترم سمجهي ۽ حق ڳالهه ۽ هر هڪ جي نصيحت کي قبول ڪري.]

6- رسول الله ﷺ جن فرمائين ٿا ته:

مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللّٰهُ وَمَنْ تَكَبَّرَ وَضَعَهُ اللّٰهُ (1)

[جيڪو الله لاءِ عاجزي ڪندو الله ان جو درجو بلند ڪندو ۽ جيڪو وڏائي ڪندو الله ان کي ذليل ڪندو.]

ادب: ادب جي تعليم الله تعالي جي طرفان عطا ٿيندي آهي، جيئن نبي اڪرم ﷺ جن ارشاد فرمايو آهي ته:

اَدَّبَنِيْ رَبِّيْ فَاَحْسَنَ تَاْدِيْبِيْ (2)

[منهنجي رب، مون کي ادب سيکاريو پوءِ ڏاڍو سهڻو ادب سيکاريائين.]

---

(1) تفسير قرطبي ص ٣٢٨ ج ١٤- صحيح ابن حبان ص ٤٩١ ج ١٢- مجمع الزوائد ص ٨٢ ج ٨- مصنف ابن ابي شيبه ص ١٢٠ ج ٧- مسند احمد ص ٧٦ ج ٣- مسند ابي يعلي ٣٨٥ ج ٢- الترغيب و الترهيب ص ٢٩٩ ج ٤- فتح الباري ص ٤٩١ ج ١٠ ص ٣٤٧ج ١١ ص ١٢٥ ج ١٣. تواضع جي فضيلت ۾ ڪيترين آيتون آهن، جن مان هڪ هيءَ آهي: وبشر المخبتين (۽ عاجزي ڪندڙن کي بشارت ڏي).

(٢) تفسير قرطبي ص ٢٢٨ ج ١٨ في تفسير وانک لعلي خلق عظيم- فيض القدير ص ٢٢٤ ج ١- ساڳئي ڪتاب جو مصنف ص ٢٢٥ ج ١ ۾ بحواله زرڪشي فرمائي ٿو ته: اها حديث معنيٰ جي اعتبار سان صحيح، پر حديث جي ڪنهن صحيح طريقي سان ثابت نه آهي. ابن جوزي ان کي "بي بنياد" شمار ڪري ٿو. ڪشف الخفاء ٧٢ ج١ ۾ آهي ته ان حديث جي سند ڏاڍي ضعيف آهي. ابن حجر ان کي سند جي لحاظ سان پنهنجن ڪن فتوائن ۾ "غريب" ڄاڻايو آهي، پر معنيٰ جي اعتبار سان روايت صحيح آهي، اها ئي ڳالهه ابن اثير "النهايه" جي مقدمي ۾ ڄاڻائي آهي. سمعانيءَ منقطع سند سان انهن لفظن سان ملندڙ روايت ابن مسعود رضه جي بيان ڪئي آهي. عرض ڪري ٿو راقم الحروف ته قرطبي پنهنجي تفسير ۾ اها حديث هن طرح بيان ڪئي آهي: وقد روي عنه (۽ نبي ﷺ جن کان روايت بيان ڪئي وئي آهي) يعني مجهول صيغي سان بيان ڪئي آهي ۽ جيڪا روايت اهڙن لفظن سان بيان ڪئي ويندي آهي، اها ضعيف هوندي آهي (والله اعلم بالصواب).

www.maktabah.org

جاڻڻ گهرجي تہ سهڻو اخلاق هي آهي، جيئن رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

إِنَّ هٰذِهِ الْأَخْلَاقَ مِنَ اللهِ فَإِذَا أَرَادَ اللهُ بِعَبْدٍ خَيْرًا مَنَحَهُ مِنْهَا خُلُقًا [1]

[بيشڪ اهي سهڻا اخلاق الله تعالي جي طرفان وڏي نعمت آهن، جڏهن الله تعالي ڪنهن بانهي سان پلائي ڪرڻ گهرندو آهي تہ ان کي سهڻن اخلاقن مان بهرو عطا فرمائيندو آهي.]

إِنَّمَا بُعِثْتُ لِأُتَمِّمَ مَكَارِمَ الْأَخْلَاقِ [2]

[بيشڪ مون کي بهترين اخلاقن جي تڪميل لاءِ موڪليو ويو آهي.]

إِنَّ لِلّٰهِ عَزَّ وَجَلَّ مِائَةً وَسَبْعَةَ عَشَرَ خُلُقًا مَنْ أَتَاهُ وَاحِدًا مِنْهَا دَخَلَ الْجَنَّةَ [3]

[بيشڪ الله تعالي جون هڪ سئو سترهن خصلتون آهن، جنهن کي بہ انهن مان هڪ بہ خصلت عطا ڪئي ويئي، اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.]

واسطي فرمائي ٿو تہ:

اَلْخُلُقُ الْعَظِيْمُ اَنْ لَا يَخْتَصِمُ وَلَا يُخَاصَمُ

[عظيم اخلاقن جو صاحب اهو آهي، جيڪو نہ ڪنهن سان وڙهي ۽ نہ ڪو ان سان وڙهي.]

ابن عطار رح فرمائي ٿو تہ:

اَلْخُلُقُ الْعَظِيْمُ اَنْ لَا يَكُوْنَ لَهٗ اِخْتِيَارٌ فَيَكُوْنُ تَحْتَ الْحُكْمِ مَعَ فَنَاءِ النَّفْسِ وَفَنَاءِ الْوَفَاةِ

---

[1] الترغيب والترهيب ص ٢٧٧ ج ٣- فيض القدير ٤٧٢ ج ١- مجمع الزوائد ص ٢٠ ح٨- المعجم الاوسط ص ٢٧٥ ج ٣.

[2] قرطبي ص ١٩٧ ج ٤١، ابن كثير ص ٤٠٤ ج ٤، مجمع الزوائد ص ١٨٨ ج٨، احمد ص ٣٨١ ج ٢، فتح الباري ص ٥٧٥ ج ٦، بيهقي ص ١٩١- ١٩٢ ج ١٠، فيض القدير ص ١٦٤ ج ٥، موطا مالك ص ٩٠٤ ج ٢، كشف الخفاء ص ٢٤٤-٢٤٥ ج ١.

[3] مكارم الاخلاق ص ٢٤ ج ١، مجمع الزوائد ص ٣٦، ج١، مسند الطيالسي ص ١٤ج١، لسان الميزان ص ٨٠ ج ٤، علل دارقطني ص ٣٢ ج ٣، العلل المتناهية ص ٩٣٣ ج ٢.

www.maktabah.org

[عظيم اخلاق هي آهي تہ پانهي جو ڪو اختيار نہ هجي ۽ نفس ۽ دنيا جي سمورين پيارين شين کي فنا ڪري، الله ۽ سندس رسول ڪريم ﷺ جي حڪم هيٺ زندگي گذاري.]

شيخ علي ڪرمي فرمائي ٿو تہ تصوف سهڻن اخلاقن جو نالو آهي. شيخ ابو محمد مرتعش فرمائي ٿو تہ تصوف سٺن اخلاقن جو نالو آهي. امام محمد بن حسين فرمائي ٿو تہ تصوف سهڻي اخلاق جو نالو آهي، پوءِ جيڪو توهان کي اخلاق ۾ وڌائي، تنهن کي نوهان تصوف ۾ وڌايو.

ان ڏس ۾ رسول الله ﷺ جن جا ڪجهہ فرمان مبارڪ هي آهن :

حُسْنُ الْخُلُقِ خُلُقُ اللهِ تَعَالَى الْأَعْظَمُ (1)

[سهڻو اخلاق الله تعالي جو عظيم خلق آهي.]

مَنْ أُعْطِيَ حَظَّهُ مِنَ الرِّفْقِ فَقَدْ أُعْطِيَ حَظَّهُ مِنَ الْخَيْرِ وَمَنْ حُرِمَ حَظَّهُ مِنَ الرِّفْقِ فَقَدْ حُرِمَ حَظَّهُ مِنَ الْخَيْرِ (2)

[جنهن کي نرميءَ مان پاڻو مليو تنهن کي پلائيءَ جو حصو مليو ۽ جيڪو نرميءَ کان محروم ٿيو اُهو پلائيءَ کان محروم ٿيو.]

خَيْرُ النَّاسِ مَنْ يَنْفَعُ النَّاسَ وَشَرُّ النَّاسِ مَنْ يَضُرُّ النَّاسَ (3)

[سڀ کان پلارو شخص اهو آهي، جيڪو ماڻهن کي فائدو ڏي ۽ سڀ کان بچڙو انسان اهو آهي، جيڪو ماڻهن کي نقصان ڏي.]

پڙ فرمائين ٿا تہ:

لَا شَيْءَ أَفْضَلُ مِنْ إِيمَانٍ بِاللهِ وَالنَّفْعِ لِلْمُسْلِمِينَ وَلَا شَيْءَ أَخْبَثُ مِنَ الشِّرْكِ بِاللهِ وَالضَّرَرِ لِلْمُسْلِمِينَ

---

(1) الفردوس بماثور الخطاب ص ١٤٠ ج ٢، فيض القدير ص ٣٨٤ ج ٣، ميزان الاعتدال ص ٢٧٦ ج٢، لسان الميزان ص ٢٥٧ ج ٢، كشف الحثيث ص ٩٤ج١.

(2) سنن بيهقي الكبري حديث ٢٠٥٨٧- ترمذي ص ٣٧٦ج٤، مجمع الزوائد ص ١٥٣ ج ٨، مسند احمد ص ١٥٩ ج٦، فتح الباري ص ٤٥٩ ج ١٠، فيض القدير ص ٧٥ ج ٦، شعب الايمان ص ٢٣٨ ج ٦، الترغيب والترهيب ص ٢٢٨ ج ٣، حلية الاولياء ص١٥٩ج٩- مصنف ابن ابي شيبه ص ٢٠٩ ج١٠، مسند حميدي ص ١٩٣ ج ١

(3) حديث ۾ اهي الفاظ نہ آهن، پر مضمون قرآن ۽ حديث مان ثابت آهي. (مترجم)

www.maktabah.org

[ايمان بالله ۾ مسلمانن کي فائدي پهچائڻ کان وڌيڪ ڪا شيءِ افضل نہ آهي ۾ الله سان شرڪ ڪرڻ ۾ مسلمانن کي ايذائڻ کان وڌيڪ ڪا شيءِ بچڻي نہ آهي.]

پڙ مشهور حديث آهي تہ

اَلْحَيَاءُ مِنَ الْاِيْمَانِ[1]

[حياءُ ايمان جو حصو آهي.]

جيڪو ايمان وارو هونا و. اهو ڪڏهن خالق جي نافرماني نہ ڪندو ۾ هرگز خدا جي خلق کي نہ ايذائيندو.

ادب: هر هنڌ ۾ هر ڪم ۾ باادب هڻڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ آدمي ڪڏهن بہ بي ادب نہ هوندو آهي ۾ ادب، انسان جي اکين ۾ حيا ۾ نور رانگر آهي، جنهن شخص ۾ ادب نہ آهي، سمجهو تہ اهو آدمي نہ آهي. چيو ويو آهي تہ:

مصرعو

درميان فرق همين آدم و حيوان، ادب است

[حيوان ۾ آدميءَ ۾ فرق ادب جو ئي آهي.]

عدل: ڄاڻڻ گهرجي تہ حق ۾ باطل کي انصاف جي لحاظ سان برابر نٿو رکي سگهجي. چاڪاڻ تہ باطل ۾ عدم کي (فنا) ۾ حق کي دوام (بقا) حاصل آهي، تنهن ڪري باطل کي مجيندڙ ماڻهو بي انصاف ۾ جاهل آهي.

سخاوت: ڄاڻڻ گهرجي تہ:

---

[1] هڪ شخص پنهنجي پاءُ کي نصيحت ڪري رهيو هو تہ تون تہ کو ڏاڍو لڄاڙو آهين، هروپرو حياءُ ٿو ڪندو وتين، نبي ڪريم ﷺ جن سندس اها ڳالهہ ٻڌي کيس فرمايو تہ ڇڏيس، ڀيشڪ حياءُ ايمان جو حصو آهي. صحيح بخاري حديث: ٥٧٦٧- المسند المستخرج علي صحيح الامام مسلم حديث: ١٤٩- ابو دائود حديث: ٤٧٩٥- السنن الكبري حديث: ١١٧٦٤- سنن النسائي المجتبي حديث: ٥٠٣٣- موطا مالک حديث: ١٦٠١- المعجم الاوسط حديث: ٤٩٣٢- مسند احمد حديث: ٥١٨٢، ٦٣٤٠- المعجم الصغير ص٤٠ ج٢- مسند ابي يعلي ص٣٠٢ ج٩- مسند عبد بن حميد ص٢٣٨ ج١- المعجم الكبير ص١٩٦ ج١٠- شعب الايمان حديث: ٧٧١١.

www.maktabah.org

اَلسَّخِيُّ حَبِيْبُ اللهِ وَلَوْ كَانَ فَاسِقًا وَالْبَخِيْلُ عَدُوُّ اللهِ وَلَوْ كَانَ زَاهِدًا (1)

[سخي الله جو دوست آهي، چاهي فاسق هجي ۽ بخيل الله جو دشمن آهي، چاهي عبادت گذار هجي.]

يا ائين چئجي تہ سخي اهو آهي، جيڪو پنهنجي ذات ۽ دنيا جي هر شيءِ سان سخاوت ڪري ۽ ان جي باجهہ ۽ ڪرم نوازيءَ جي تقاضا آهي تہ الله تعالىٰ کانسواءِ نہ پاڻ کي ڏسي ۽ نہ ڪنهن فاني شيءِ کي ڏسي.

امانت: ڄاڻڻ گهرجي تہ مؤمن امانتدار ۽ مشرڪ خيانت ڪندڙ هوندو آهي. امانتدار مؤمن اهو آهي، جيڪو ناحق، ڪنهن ٻئي جي ذره برابر شيءِ ۾ بہ طمع ۽ لالچ نہ ركي.

قناعت: ڄاڻڻ گهرجي تہ قناعت اهڙي شيءِ آهي، جيڪا انسان کي عزتدار ۽ مالدار بنائي ٿي. چيو ويو آهي تہ درويشيءَ کان وڌيڪ ڇگو ڪو مقام نہ آهي ۽ قناعت جي بادشاهيءَ کان وڌيڪ ڇگي ڪا بادشاهي نہ آهي. قانع (قناعت ڪندڙ) اهو شخص آهي، جيڪو مالک الملک رب العالمين جي لاءِ (يعني سندس رضا ۽ خوشنودي جي واسطي) قناعت ڪري، نڪي پنهنجي ذات ۽ پنهنجي مال ۽ ملڪيت جي باري ۾. نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

إِنَّ اللهَ تَعَالٰى يُحِبُّ الْهِمَمَ الْمَعَالِيَةَ وَيُبْغِضُ الْهِمَمَ اللَّئِيْمَةَ

---

(1) حديث ۾ "ولو كان فاسقا" جا الفاظ نقل ۽ عقل بنهي لحاظ سان نٽا نهڪن. قرآن مجيد ۾ فاسقن کي گهٽو نندیو ويو آهي، مثلاً: ان الله لا يهدي القوم الفاسقين. وليخزي الفاسقين وغيرهما. ترمذيءَ ۾ اها حديث لفظن جي فرق سان موجود آهي، ان ۾ الفاظ آهن: والجاهل السخي احب الي الله عزوجل من عابد بخيل (جاهل سخي، عابد بخيل کان، الله کي وڌيڪ پياروآهي) ترمذي فرمائي ٿو تہ: هن حديث ۾ غرابت آهي يعني مُبهم ۽ پيچيده آهي: (ترمذي ص ۳۴۲ج ۴) مجمع الزوائد ص ۱۲۷ ج۳ ۾ آهي تہ: حديث ضعيف آهي. المعجم الاوسط ص ۲۸ ج ۳، شعب الايمان ۾ بہ اهڙي حديث آهي، جنهن کي امام بيهقي بہ ضعيف ڄاڻائي ٿو: ڏسو ص ۴۲۷ ج ۷ ۽ پڙ الترغيب والترهيب ص ۲۵۸ ج ۳) غرض تہ حديث ضعيف هجڻ کان سواءِ انهيءَ ۾ اهي لفظ نٽا ملن تہ "چاهي سخي فاسق هجي."

www.maktabah.org

[بيشڪ الله تعالي ان شخص کي پسند ڪري ٿو جيڪو بلند همت هجي ۽ ڪمينه صفت انسان کي دشمن رکي ٿو.] (1)

بلند همت اهو شخص آهي، جيڪو پنهنجي نفس کي ٻنهي جهانن جي شين ۾ نه ريجهائي ۽ نه رولي. ڪم ظرف انسان اهو آهي، جيڪو پنهنجي نفس کي ٻنهي جهانن جي شين جي پويان رلائي ۽ ريجهائي. الله تعالي اهڙي کي دشمن رکندو آهي، ڇاڪاڻ ته انسان جو جسم ۽ جان هجي، يا ان جو قلب هجي، سڀ ان جا آهن، جيئن فرمايو ويو آهي ته روح انسان جو عين آهي.

غزل

تويۍ در جان من! جانان تُويۍ
در چشم من چون جان تُويۍ
جسم است جان وتن تُويۍ
هرچه هست تويۍ برآمد از دلم دلبر
و نشسته چون جان و در جاءِ قلب اندر
که آن اخفي است از من آن تصور کردم
زيرا که اين موجود ماجد را است
ونحن اقرب ز جان وتن مرا بر بود
جانب خود که رفتم از خود جايۍ خود
عجب دارم ز حالت خود که من او گشت او شُد من
يکي خوانم يکي جويم يکي دانم يکي پويم
که در وحدت دو چون گويم يکي دانم يکي پويم

---

(1) اسان کي حديث جا هي الفاظ ڪتابن ۾ ملن ٿا: عن حسين بن علي قال قال رسول الله ﷺ ان الله يحب معالي الامور و اشرافها و يکره سفسافها و في رواية: معالي الاخلاق يعني الله بلند هستيءَ وارن اخلاقن ۾ عزت وارن ڪمن کي پسند ڪري ٿو ۽ خسيس ڪمن کي پسند نٿو ڪري: (معجم الڪبير ص ۱۳۱ ج ۳، ايضا ص ۱۸۱ ج ٦، مسند الشهاب ص ۱۵۰ ج ۲، تاويل مختلف الحديث ص ۲۷۰ ج ۱، مڪارم الاخلاق ص ۱۹ ج ۱، الزهد لهناد ص ۴۲۳ ج ۲، فيض القدير ص ۲۲٦ ج ۲، ايضاً ص ۲۹۵ ج۲، حلية الاولياءِ ص ۲۹ ج ۵).

www.maktabah.org

که در وحدت دو چون گويم نه من بي او نه او بي من
دوئ در قلزم وحدت تصوريست که اين خلقت
چون اورا است در کثرت و لي نابود در بودن
به بين "فقيري" که در عشق تو گوئ سوخته آتش
ولي در دل ازان دوزخش گلخن گشت خوش گلشن.

[تون ئي منهنجي جان ۾ آهين! تون ئي منهنجو محبوب آهين. تون ئي منهنجين اکين ۾ منهنجي جان وانگر آهين، منهنجي نظر ۾ تون ئي انسان آهين، جسم ۽ جان ۽ بدن تون ئي آهين، دلبر منهنجي دل مان نڪتو آهي ۽ جان وانگر بيٺو آهي، قلب ۾ ويٺو آهي، جيڪو مون کان اخفيٰ ۾ آهي، خيال ڪريان ٿو ته آءٌ ئي اهو سڀ ڪجھ آهيان، ڇاڪاڻ ته انسان جو شان هي آهي ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اسين ان کي ان جي ساه جي رڳ کان به وڌيڪ ويجها آهيون. پنهنجي جاءِ تان اٿي، محبوب جي وٽ ويس ته پنهنجي حالت تي تعجب ٿيو، جو مان خود اُهوئي آهيان ۽ اهُو خود، مان آهيان. ان کي هڪ چوان ٿو هڪ ڳوليان ٿو هڪ ڄاڻان ٿو، هڪ لهان ٿو، ڇاڪاڻ ته وحدت ۾ سڀ هڪ ئي آهن. نه آءٌ ان کان سواءِ آهيان ۽ نه اهو مون کان سواءِ آهي. وحدت جي سمنڊ ۾ ٻيائي فقط هڪ خيال آهي. ڇاڪاڻ ته هيءَ مخلوق ائين ئي آهي، جيئن ڪثرت ۾ روح گڏ هجن. جيڪي (الله جي) هستيءَ ۾ نابود ٿي ويا هجن، هن فقير کي ڏس ته آءٌ ڪيئن انهيءَ (الله) جي عشق ۾ سڙي رکَ ٿي ويو آهيان، پر منهنجي دل جي دوزخ، ائين باغ بهار لڳي پيئي آهي، جيئن ابراهيم عليه السلام لاءِ باه، باغ بهار ٿي هئي.]

جلال ۽ جمال: ڄاڻڻ گهرجي ته الله تعاليٰ جي صفت جلال جون تجليون، انوار ۽ روشنيون آهن، جيڪي قهر جي جهان سان واسطو رکن ٿيون، اهي قهر جون تجليون هر شيءِ کي فنا ڪري ڇڏيندڙيون آهن، ان جي تشريح کان قلم ۽ زبان عاجز آهي. قهر جي صفت جي سڀ کان اڳ جيڪا تجلي ظاهر ٿي، ان جي خاصيت اها هئي ته

www.maktabah.org

لَا تُبْقِي وَلَا تَذَرُ ﴿٢٨﴾[1]

[اها دوزخ نہ ڪنهن کي باقي رکندي ۽ نہ ڪنهن کي ڇڏي ڏيندي.]

سَت ئي دوزخ، الله جي انوارن جا پاڇا ۽ اولڙا آهن. جلال جي مقابلي ۾ الله پاڪ جي ٻي صفت جمال آهي، جيڪا الله تعالي جي ٻاجهه ۽ مهرباني سان واسطو رکي ٿي ۽ ڪائنات ۾ نورانيت پکيڙي ٿي ۽ مخلوق کي نوازي ٿي. الله تعالي جي صفت قهر جو نتيجو هي آهي ته سندس طالبن ۽ مشتاقن جي دل ۽ جان ۾ جڏهن جلال ظاهر ٿيندو آهي، تڏهن اهي الله جي جلالي شان جي عظمت کي نہ ڄاڻندا آهن ۽ سندن دلين ۾ اها ڳالهه نہ هوندي آهي ته اهو الله ڪيڏو عظيم آهي ۽ ٻيون شيون ان کان ڪيتريون گهٽ درجي جون آهن. اها ڪفر جي حالت ۽ حد آهي، پر ڪين ويساه هوندو آهي ته همه اوست، يعني جيڪي ڪجهه آهي، سڀ اهو ئي آهي، ان کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نہ آهي، ڇاڪاڻ ته اهو الله "اللطيف" آهي ۽ لطيف اها هستي هوندي آهي، جيڪا هر هنڌ ۽ هر مخلوق ۾ اثر ۽ عمل دخل ڪري ۽ هر وقت موجود هجي. الله تعالي جي هڪ صفت "عظيم" آهي. عظيم اهو هوندو آهي، جيڪو هر هنڌ ۽ هر وجود جو عين يعني اصل هجي، بلڪ هر اها شيءِ جيڪا مڪان، مڪين ۽ امڪان ۽ تصور ۾ ٻہ اچي نہ سگهي، الله تعالي ان کي ٻہ پنهنجي ڪمال، حڪمت ۽ دانائيءَ سان وجود ۾ آڻي سگهي ٿو. ان جي ذات پاڪ کان سواءِ ڪو ٻہ ممڪن الوجود يعني عدم کي وجود عطا ڪندڙ نہ آهي ۽ جيڪا شيءِ جائز الوجود هوندي آهي، يعني جنهن جو وجود ممڪن هوندو آهي، ان جو وجود پنهنجو نہ هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته جيئن جنت جي نعمتن جي صفت رسول ڪريم ﷺ جن بيان فرمائي آهي ته مَالَا عَيْنٌ رَاَتْ يعني الله تعالي جنتين لاءِ اهي نعمتون تيار ڪري رکيون آهن، جن کي ڪنهن اک ٻہ نہ ڏٺو آهي.]

تنهن ڪري چيو ويو آهي ته الله تعالي ڄجهو خزانو آهي، جنهن جو ظهور ان جي حڪمت ۽ دانائيءَ هيٺ ٿيندو رهي ٿو. پر اهو اهڙو غيب

---

[1] المدثر آيت: ٢٨

www.maktabah.org

۽ ڪجهه آهي، جنهن کي معلوم نٿو ڪري سگهجي. جيڪا شيءِ معلوم ۽ محسوس ڪري سگهجي ٿي، عقل ۽ شعور جي گهيري يا گهرائي ۾ اچي سگهي ٿي، ان کي "ظهور" چوندا آهن. ظاهر هجي يا باطن، الله تعالي جي سامهون سڀ ڪجهه ظاهر آهي. اهو ئي سندن حقيقت به ڄاڻي ٿو ۽ پنهنجي ذات ۽ پنهنجين صفتن کي به پاڻ سڃاڻي ٿو، ٻيو ڪو الله جي گهرائي ۽ حقيقت کان آگاه نه آهي.

ڄاڻڻ گهرجي ته الله تعالي جي عظمت، ڪبريائي، جاه، جلال، ڪنهن انسان جي سمجهه ۾ نٿو اچي سگهي ته اهو عظيم ڪيئن آهي ۽ ڪيترو عظيم آهي؟ ڇاڪاڻ ته سندس ذات پاڪ ڪيفيت، ڪميت ۽ ماهيت کان پاڪ ۽ بلند آهي. وڏا وڏا بزرگ، جن جي دلين ۾ عرش کان فرش يعني زمين تائين پوري ڪائنات ماپي ٿي، سندس عظمت ۽ ڪبريائي نٿا ڄاڻي سگهن. حالانڪ انهن ڪامل ولين جو شان هي بيان ڪيو ويو آهي ته ماڻهن مان ڪي اهڙا آهن، جيڪي الله اڪبر چوندا آهن ته الله تعالي جي عظمت ۽ ڪبريائي ۾ غائب ٿي ويندا آهن.

انهن جو باطن نور سان پريل هوندو آهي ۽ پوري ڪائنات سندن سيني جي وسعت ۾ ائين هوندي آهي، جيئن ڪنهن وڏي رڻ پٽ ۾ منڊي پيل هجي. پڻ سندن شان ۾ چيو ويو آهي ته جيڪڏهن عرش ۽ ان جي چوڌاري جيڪي ڪجهه آهي ۽ هڪ روايت مطابق ان جي پرياسي واري جيڪا به مخلوق آهي، سا عارف انسان جي دل ۾ اچي تڏهن به ان کي ڪا عزت جوڳي ڀالهه محسوس نه ڪندو آهي.

عارف جي فضيلت

قَالَ النَّبِيُّ ﷺ فَيُنَادِي مُنَادٍ رَبَّهُ تَعَالٰى فَيَقُوْلُ اِلٰهِيْ! لِكُلِّ مَلِكٍ خَزَائِنٌ فَاَيْنَ خَزَائِنُكَ؟ قَالَ اللّٰهُ تَعَالٰى خَزَائِنِيْ اَعْظَمُ مِنَ الْعَرْشِ وَاَوْسَعُ مِنَ الْكُرْسِيِّ وَاَطْيَبُ مِنَ الْجَنَّةِ وَاَزْيَنُ مِنَ الْمُلْكُوْتِ وَاَرْضُهَا الْمَعْرِفَةُ وَثِمَارُهَا الْاِيْمَانُ وَ هَمْسُهَا الشَّوْقُ وَ قَمَرُهَا الْمَحَبَّةُ وَنُجُوْمُهَا الْخَوَاطِرُ وَ سِحَابُهَا الْعَقْلُ وَ مَطَرُهَا الرَّحْمَةُ وَ اَشْجَارُهَا الطَّاعَةُ وَاَنْهَارُهَا الْاِخْلَاصُ وَاَجْدَارُهَا الْيَقِيْنُ وَمَكَانُهَا

www.maktabah.org

الْهِمَمُ وَلَهَا اَرْبَعَةُ اَرْكَانِ اَلتَّوَكُّلُ وَالتَّفَكُّرُ وَالْاُنْسُ وَالذِّكْرُ وَلَهَا اَرْبَعَةُ اَبْوَابِ اَلْعِلْمُ وَالْحِلْمُ وَالصَّبْرُ وَالرِّضَا وَهِيَ قَلْبُ الْعَارِفِ (1)

[نبي ﷺ جن فرمايو تہ هڪ پڪاريندڙ پنهنجي رب وٽ عرض ڪيو تہ اي الله! هر بادشاه جا خزانا هوندا آهن، تنهنجا خزانا ڪٿي آهن؟ الله تعالي فرمايو تہ منهنجا خزانا عرش کان وڏا، ڪرسيءَ کان ڪشادا، جنت کان پاڪ، ملائڪن کان وڌيڪ زينت وارا ۽ خوبصورت آهن. انهن جي زمين معرفت، انهن جا ميوا ايمان، انهن جو سج شوق، انهن جو چنڊ محبت، انهن جا ستارا دليون، انهن جا ڪکر عقل، انهن جو مينهن رحمت، انهن جا وڻ اطاعت، انهن جون نهرون اخلاص، انهن جون پتيون انس ۽ محبت ۽ ذڪر آهي. ان جا چار دروازا آهن: علم، حلم، صبر، رضا ۽ اها آهي عارف انسان جي دل.]

عرش عظيم سميت انهيءَ "عالم ڪبير" يعني وڏي جهان کان سواءِ اسي هزار جهان آهن، جن جي پيٽ ۾ اهو عالم ڪبير ائين آهن جيئن ڪنهن رڻ پٽ ۾ اٺن جي قطار هجي، جن مان هر هڪ تي صندوق هجي، ان کان سواءِ ريگستان جو درياءُ هتي، جتي واريءَ جي هر هڪ ذري ۾ مٽي بيان ڪيل سمورا جهان موجود هجن. انهن جي ٻاهر نڪرڻ ۽ داخل ٿيڻ جي جاءِ ڪنهن کي معلوم نہ آهي. انهن جي حقيقت الله عالم الغيب والشهادة کان سواءِ ڪو نٿو ڄاڻي. سمورا جهان، الله تعالي لاءِ ائين آهن، جيئن نون جو نقطو يا ريگستان جي پيٽ ۾ واريءَ جو هڪ ذرڙو تنهن ڪري اهي عارف پڻ الله تعالي جي جلال، عظمت ۽ وڏائي ۾ حيران ۽ عاجز رهندا آهن.

شعر

چه آدمي چه فرشته حوريان چه پري
همه در وصف جلال تو بجان حيرانند
يا رب! اين شاه جهان دار چه عالي قدر است
که گدايان درش جمله جهان پناه اند

(1) حديث جي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ اها حديث موجود نہ آهي، ڪنهن شخص جو قول آهي، جنهن کي حديث جي حوالي سان بيان ڪيو ويو آهي. والله علي ما نقول وكيل.

www.maktabah.org

با تو هر جا كه نشينم دلم آباد است
بي تو هر هشت بهشت و دو جهان ويرانند
عاشقان بر شكر آستان تو مي آيند
ليک دور با شان درت چون مگسان ميرانند
ديده ناديده بديده دل و جان مشتاقند
روز و شب بجلالت بدل و جان نگرانند
مگر آن جان جهان هست دلارام
در دو جهان راه روان جانانند
در غم دوست اگر "فقيري" مير دبيرست
ز آنكه آن را كشد بمير جهان برسانند

[آدمي هجي يا فرشتو حور هجي يا پري، هر هڪ تنهنجي صفت جلال ۾ دل جان سان حيران آهي. اي رب منهنجا! هن جهان جا مالڪ ۽ مولي! تون ڪيڏو نہ عظيم آهين، جو تنهنجي در جي فقيرن وٽ سمورن جهانن وارا اچي پناه پنن ٿا. تو سان گڏ جتي بہ ويهان تو منهنجي دل آباد ۽ شاد رهي ٿي ۽ تو کان سواءِ اٺ بهشت ۽ ٻئي جهان بہ ويران آهن. عاشق، تنهنجي آستاني تي شڪر ڪرڻ اچن ٿا، پر تنهنجي درگاه جي فرمانروائيءَ جو شان ڏسي، ماکيءَ جي مکين وانگر پڇن ٿا. ڏسن يا نہ ڏسن، دل ۽ جان جي نگاهن سان تنهنجا مشتاق آهن. ڏينهن رات تنهنجي جلال ۾ پريشان ۽ حيران رهن ٿا. پر اها حيراني ۽ اها پريشاني هن جهان وارن جي جان آهي. ان سان دل کي آرام ملي ٿو. ٻنهي جهانن جي زندگي ۾ خوشي نصيب ٿئي ٿي. دوست جي غم ۾ جيڪڏهن هيءُ "فقير" بادشاه جي در جو گدا ٿي ويٺو آهي، يعني پير ۽ مرشد جو در جهلي ويٺو آهي تہ هن ڪري تہ جيئن، ان کي مالڪ الملڪ تائين رسائي حاصل نصيب ٿئي.]

هن وات جا سالڪ ۽ عارف، روحانيت جي سير سفر ۾ ائين مشغول هوندا آهن، جو انهن کي نہ رات جو قرار نصيب هوندو آهي ۽ نہ ڏينهن جو آرام ميسر هوندو آهي. هر گهڙي جيڪا بہ وات طئي ڪندا آهن، پنهنجي خدا جي ۽ پنهنجي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪندا آهن. ٻيو

www.maktabah.org

کو انهيءَ ڄجهه ۾ انهيءَ راز کي سمجهي نه سگهندو آهي. پر باوجود هن جي جو اهي هر گهڙي، حق جي تلاش ۾ رهندا آهن. الله تعالي جي عظمت ۽ وڏائي جي انتها ۽ ڇيهه کي سمجهي نه سگهندا آهن. مگر فقط ايتري قدر جيترو سير دوران سندن سامهون ايندو آهي.

هڪ پيري هن فقير جي پيرد،ستگير کان طالبن انهيءَ ڄجهه جي باري ۾ سوال کيو. فرمايائون ته ائين سمجهو ته هڪ شخص عظيم سمنڊ ۾ آهي، جنهن جو کو ڇيهه ۽ کا انتها نه آهي ۽ نه ئي ان جو کنارو ۽ طرف آهي ۽ اهو هميشه ان ۾ رهي ٿو. اهو ويچارو انهيءَ سمنڊ جي کنارن ۽ پاسن کي کيئن ڄاڻي سگهندو؟ اهڙي شخص کي ته فقط ايترو ئي حال معلوم ٿي سگهي ٿو. جيتري قدر ان کي گهمڻ ۽ ڏسڻ ۾ ايندو. ظاهر آهي ته اهو شخص انهيءَ عظيم سمنڊ ۾ فقط عاجز ۽ پريشان ئي رهندو. اهڙيءَ طرح الله تعالي کي به کو شخص عقل ۽ سمجهه جي وسيلي سمجهي نٿو سگهي، ڇاکاڻ ته ڇيو ويو آهي ته:

بيت

چونست جلال و کبريائ و عظمت حق؟
درينجا واقفان حيران بجانند، اگرچه يافتند

[حق تعالي جي عظمت ۽ کبريائي کيئن ڄاڻي سگهجي ٿي؟ هن مقام تي، واقف ۽ ڄاڻ رکندڙ به اندر ۾ حيران ۽ پريشان آهن، جيتوڻيڪ کين کجهه حاصل به ٿيو آهي.]

تنهن ڪري ڇيو ويو آهي ته ان جي حقيقت ڄاڻڻ کان عاجزي ظاهر ڪرڻ به ان جي ڄاڻ آهي. غرض ته انوار الهي جا واقف به سندس شان عظمت، شان جلال ۽ شان کبريائيءَ ۾ دل جان سان حيران ۽ پريشان رهن ٿا. جيتوڻيڪ واحديت ۽ احديت جي سلطنت ۽ صمديت جي اقليم ۾ سير سياحت ڪندا رهن ٿا. تڏهن به سندس وڏائي، بزرگي ۽ جاه وجلال جي باري ۾ نٿا ڄاڻن. ان حقيقت جو اظهار سلطان الانبياءِ حضرت محمد ﷺ جن هن طرح فرمايو آهي:

سُبْحَانَكَ مَا عَرَفْنَاكَ حَقَّ مَعْرِفَتِكَ سُبْحَانَكَ مَا عَبَدْنَاكَ حَقَّ عِبَادَتِكَ

www.maktabah.org

سُبْحَانَكَ مَاشَكَرْنَاكَ حَقَّ شُكْرِكَ سُبْحَانَكَ مَاذَكَرْنَاكَ حَقَّ ذِكْرِكَ. (1)

[تون پاڪ آهين، تنهنجي معرفت جو جيترو حق آهي، اوترو اسان توکي سجاڻي نٿا سگهون، تون پاڪ آهين، تنهنجي عبادت جو جيترو آهي اسان تنهنجي اوتري عبادت ڪري نٿا سگهون، تون پاڪ آهين، تنهنجي شڪر ڪرڻ جو جيڪو حق آهي، اوترو شڪر اسين ڪري نٿا سگهون، تون پاڪ آهين، تنهنجي ذڪر ڪرڻ جو جيترو حق آهي، اوترو ذڪر اسان ڪري نٿا سگهون.]

پوءِ پلا ٻئي کي ڪهڙي طاقت ٿي سگهي ٿي؟ رهيو اهو سوال ته عارف ۽ سالڪ الله تعالي جي باري ۾ ڇا ٿا ڄاڻن ۽ ڇا ٿا سڃاڻن؟ ان جو جواب عرض ڪيو ويو ته الله پاڪ جي عظمت ۽ جلال جو اندازو ڪو نٿو ڪري سگهي. البت پنهنجي معرفت حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ اها به

---

(1) فيض القدير ص ۴۱۰ ج۲ ۽ كشف الظنون ص ۸۷۲- ۸۹۲ ج ۱ مان معلوم ٿئي ٿو ته ان وظيفي تي اعتراض ڪندڙن جي خلاف ۽ ان جي حق ۾ مستقل رسالا لکيل آهن. اسان جي تحقيق مطابق ائين چوڻ بيشڪ جائز آهي. پر اهو وظيفو يا اها دعا بهرحال نبي ﷺ جن کان ثابت نه آهي، قرآن ۽ حديث جي مختلف فرمانن کي ناهي ان جي نسبت نبي سائين ﷺ جن ڏانهن ڪئي وئي آهي، مثلاً: ۱. جابر بن زيد جي روايت آهي ته الله تعالي هڪ فرشتو پيدا فرمايو جنهن جو مٿو ستين آسمان تي ۽ پير هيٺئين زمين تي ۽ عرش عظيم جو ڪجهه حصو سندس ڪلهن تي آهي. اهو چوي ٿو ته سبحان الله! تنهنجو شان ڪيڏو عظيم آهي (مسند الربيع ص ۳۶۵ ج ۱، اهڙي ٻي روايت لاءِ ڏسو: مجمع الزوائد ص ۱۳۳ ج ۸، المستدرک ص ۳۳۰ ج ۴) ۲. جابر رضي الله عنه جي روايت ۾ آهي ته آسمانن تي هر هنڌ فرشتا سجدي ۾ آهن، اتي هڪ هٿ ۽ هڪ گرانٽ جيتري جاءِ به خالي نه آهي. قيامت قائم ٿيندي ته اهي چوندا ته تون پاڪ آهين، تنهنجي عبادت جو جيترو حق آهي، سو اسان کان ادا ٿي نه سگهيو: مجمع الزوائد ص ۳۸۵ ج ۱۰، ابن ڪثير ص ۴۴۶، ۴۴۷ ج ۴، المستدرک ص ۶۲۹ ج ۴، المعجم الاوسط ص ۴۴ج ۴، المعجم الكبير ص ۱۸۴ ۲. جامع العلوم والحكم ص ۲۱۷ ج ۱. العظمة ۱۰۱۵ ج ۳، الترغيب والترهيب ص ۲۳۰ ج ۴. تعظيم قدر الصلوة ص ۲۶۳ ج۱) ۳. نبي سائين ﷺ جن هيءَ دعا گهرندا هئا ته آءٌ تنهنجي ساراه جو حق ادا ڪري نٿو سگهان، تون ائين ئي آهين، جيئن تو پنهنجي تعريف پاڻ فرمائي آهي: ابن ڪثير ص ۴۵۲ج۳- مسلم حديث: ۴۸۶-ابودائود حديث:۸۷۹- قرآن ۾ آهي: وما قدروا الله حق قدره (الانعام: ۹۱) يعني انهن ڪما حقه الله جو قدر نه سڃاتو.

www.maktabah.org

الله جي ذات، صفات، ڪائنات ۾ ان ۾ موجود شين جي ڪثرت جي عظيم نشاني آهي.

شعر

که واقف است بگو بر جلال عاليشان
مگر بعظمت خود يافته است خويش نشان
فراگرفته بذات قديم عرش عظيم
چنان که عرش معين است بر زمين و زمان
ذات ماجد موجود جمله ذات صفات
در نگر بکثرت امواج بحر بي پايان

[ٻڌاءِ ته ان جي جلال ۽ بلند شان کان ڪير واقف ٿي سگهي ٿو؟ ها! پر پنهنجي عظمت جو شان پاڻ لهي ٿو. ذات قديم يعني الله تعالي، عرش عظيم کي پنهنجي احاطي ۾ گهيري ۾ ورتو آهي. تنهن ڪري عرش، زمين ۽ زمان جو يار ۽ مددگار آهي. ماجد يعني وجود بخشيندڙ الله جي ذات سموري مخلوق جي ذات ۽ صفات ۾ موجود آهي. ڪثرت جي اٽ کٽ سمنڊ ۾، بي حد موجن جو مشاهدو ته ڪر.]

الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو ته جيڪڏهن اڳئين ۽ پوئين مخلوق هڪ هنڌ گڏ ٿئي ۽ انهن مان هر هڪ مون کان اٽ، ٻيو سورهن، ٽيون ٻٽيهه بهشت گهري ۽ اهڙيءَ طرح هر هڪ پنهنجي پنهنجي مرضي مطابق، گهري ۽ هر هڪ کي ان جي گهرج مطابق بهشت عطا ڪريان، تڏهن به منهنجي عظمت، جلال ۽ بزرگيءَ مان فقط ايترو مقدار گهٽ ٿيندو جيترو وڏي سمنڊ ۾ سئيءَ جي چهنب ٻوڙي، ٻاهر ڪڍي ڏسجي ته ان ۾ ڪيترو پاڻي آيو آهي.

اي عزيز! الله تعالي جي عظمت، وڏائي ۽ شان ڪبريائي جي باري ۾ اها سموري ساراه ڪا حقيقت نٿي رکي. ان جي عظمت کي عقل ۽ سمجهه سهيڑي نٿي سگهي.

بيت

بفهم اندر نمي آيد جلال و عظمت آن اعظم
مگر آن هم بداند خود بزرگي خويش آن اعظم

www.maktabah.org

[الله جي جلال ۽ عظمت کي ڪو به سمجهي نٿو سگهي، البت الله تعالي پنهنجي عظمت ۽ شان ڪبريائيءَ کي پاڻ سمجهي سگهي ٿو.]

حسن ۽ جمال

جمال دوست روز افزون چه گويم وصف زان احسن
دل مجروح هر ذي روح مي باشد ازان احسن
نه مجروحست زين خنجر دل تنهائي ذوالارواح
که باشد کل شيءِ واله و حيران ازان احسن
چون خرامد کاشانه بدين طلعت که او دارد
گل و پروانه و شمع حيران ازان احسن
درون جان و دل شخصي خرد رعشه است از حيرت
ازان تاباني که جلوه بوالعجب افتاده ازان احسن
چون ديدم چهره دلبر تنم چون خسرو خاور
ز همه يک چشم شد بنگر که بينم رويءِ آن احسن
تني دور گم هوشست و در جان آرزو نيست
تيرگي نہ پذيرد کام من يا رب ! که مي باشم بدان احسن
دلم چون بلبل نالان، تنم پروانه سوزان
بعشق شمع قد دلجوئ گل و رخسار آن احسن
اگر آن ماه عالم حسن چون خود جلوه گر کرده
سپارم جان چون شمع ته اقدام آن احسن
نہ سر ماند نہ پا درجست جانان نه جان
هنوزم هيچ اشاري نه شد پيدا چه شد يا رب ازان احسن
بجايءِ مرهم و تریاق و شادي و راحت انگارم
جراحت و زهر غم محبت اگر باشد ازان احسن
نه ميل اين جهان کرده نه پرواه آن جهان دارم
نه خود را ياد مي آرم ز شوق رؤيت آن احسن
حرامم باد بر ديده نظر از جلوه جانان
اگر در منظرم باشد دگر چيزي جز آن احسن

www.maktabah.org

بيا "فقيري" تماشا كن اگر آئ ز بيرون
به خود در خود كني افزون جمال و حسن آن احسن

[منهنجي دوست جو حسن ۽ جمال ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي ۽ اُنهيءَ حسن جي کهڙي وصف بيان کريان. هر روح ۽ ساهواري جي دل، انهيءَ حسين جي کري زخمي آهي. نہ صرف سڀ ارواح انهيءَ حُسن جي خنجر سان زخمي ٿيل آهن، پر هر شيءِ انهيءَ حُسن کان حيران آهي. جڏهن، اُنهيءَ ننڍڙي گهر، يعني روح جي نور مان تجلي نمودار ٿيندي آهي تہ اُنهيءَ حُسن جي کري گل، پروانو ۽ شمع سڀ حيران ٿي ويندا آهن. انهيءَ حسين هستيءَ جي عجيب روشني جي تجلي جي کري هر شخص جي دل ۽ جان حيرت وچان ڏکي رهي آهي. جڏهن مون پنهنجي دلبر ڏانهن نهاريو تہ اک چنپ ۾ منهنجو جسم سج وانگر چمکڻ لڳو. تنهن کري انهيءَ حسين چهري ڏانهن نهاريان ٿو. جو منهنجو جسم ۽ هوش ان ۾ گم آهي. دل ۾ کا آرزو نہ آهي. اي منهنجا رب! منهنجي تمنا ۽ مراد هرگز قبول نہ کر تہ جيئن آءٌ بہ انهيءَ دلبر جي کري حسين ٿي وجان. منهنجي دل، بلبل وانگر درد جي دانهن کري ٿي. جسم، پرواني وانگر سڙي ٿو. شمع جي عشق يعني انهيءَ حسين جي خوشنوديءَ جي خاطر ٽٽل آهيان. جيکڏهن حسن جي جهان جو اهو چند پنهنجو جلوو ڏيکاري تہ پرواني وانگر آءٌ بہ سندس قدمن ۾ پنهنجي جان گهوري چڏيان. (پر افسوس!) نہ منهنجو مٿو محبوب جي قدمن هيٺان آهي ۽ نہ پيرا! اي منهنجا رب! کهڙي ڳالهہ آهي، ايڏا تہ محبوب طرفان کو اشارو ئي نہ ٿيو آهي؟ جو مرهم، تریاق، خوشي ۽ راحت ماڻڻ جي بجاءِ کو ٻيو گمان کريان. جيکڏهن اِهو حَسين زخم ۽ محبت جي غم جو زهر پياري تہ اهو بہ منظور آهي. نہ هن جهان يعني دنيا جي محبت آهي، نکي انهيءَ جهان يعني آخرت جي کا پرواه آهي ۽ نہ ئي انهيءَ حَسين جي ديدار جي شوق جي کري پاڻ کي ياد رکان ٿو. جيکڏهن ٻي شيءِ جو ڏيک سامهون رکان تہ پوءِ منهنجي نظر تي دلبر جو جلوو حرام آهي. اي فقيرا! اچي تماشو ڏس، جيکڏهن خودپرستي جي خول مان ٻاهر اچين تہ انهيءَ حَسين جي حُسن جي کري، تنهنجو حُسن ۽ جمال بہ وڌي ويندو.]

www.maktabah.org

جاڻڻ گهرجي تہ قادر مطلق ڪائنات ۾ پنهنجي ڪمال، جمال حسن ۽ جلال جو غيب مان جلوو ظاهر ڪندو رهي ٿو. اهو ئي سبب آهي تہ الله جي رسول ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

إِنَّ اللهَ جَمِيلٌ وَيُحِبُّ الْجَمَالَ (1)

[الله تعاليٰ خوبصورت آهي ۽ خوبصورتي کي پسند ڪري ٿو.]

هيءَ عاشقيءَ ۽ معشوقي، هي محبوب، محبت ۽ محب، رغبت ۽ راغب، مرغوب سڀ ڪجهہ انهيءَ سبب جي ڪري آهي، جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ پرواني کي شمع مان ۽ بلبل کي گل مان ڪهڙو فائدو ٿئي ها؟ پر هر مجاز جي، هڪ اندروني حقيقت هوندي آهي، جيتوڻيڪ مجاز ظاهري صورت ۾ هوندو آهي، پر ان جي باطني حقيقت ۾ هوندي آهي.

رباعي

هر دلبر زيبا که ترا رخ نمود
ماجد زجمال خويش کرده موجود
زنهار مدان هيچ دگر غير خدا
که غير خدا، هيچ نيامد بوجود.

[هر حسين شيءِ جيڪا توکي نظر اچي، تنهن کي الله تعاليٰ پنهنجي جمال مان وجود عطا ڪيو آهي. خبردار! ڪنهن شيءِ کي خدا کان سواءِ هرگز نہ سمجهہ، چاڪاڻ تہ خدا کان سواءِ ڪنهن جو وجود نہ آهي.]

كُنْتُ كَنْزًا مَخْفِيًّا فَأَحْبَبْتُ لِأُعْرَفَ فَخَلَقْتُ الْخَلْقَ لِأَجْلِي (2)

---

(1) تفسير قرطبي ص ٢٩٦ج١، ١٩٧ ج ١٠٣-٧ ٢٠، ابن ڪثير ص ٤٠٣ ج ٣، صحيح مسلم ص ٩٣ ج ١- صحيح ابن حبان ٢٨٩ ج ١٢- المستدرک علي الصحيحين ص ٢٠١ ج ٤، مسند ابي عوانه ص ٣٩ ج ١، ترمذي ص ٣٦١ ج ٤، مجمع الزوائد ص ٩٨ج ١، ص ٢١٤ج٢، ص ١٣٢- ١٣٣- ١٣٤ ج ٥، ص ١٨٨ج ٨، المعجم الاوسط، مسند احمد، مسند الروياني، مسند الشامين، مسند ابي يعلي، المعجم الڪبير، مسند الشهاب، شعب الايمان ص ١٥٧، ١٦١، ١٦٣ج٥، ص ٢٧٩.

(2) هيءَ حديث صوفي صاحبن جي ڪتابن ۾ عام ملي ٿي پر حديث جي ڪنهن ڪتاب ۾ نٿي ملي. ابن تيميہ، زرڪشي ۽ سخاوي فرمائي ٿو تہ: ان حديث جو بنياد نہ آهي. (المصنوع ص ١٤١ ج ١) ساڳي ڳالهہ حافظ ابن حجر "اللالي" ۾ ۽ علامہ سيوطي تدريب الراوي ۾ بہ چوي ٿو. ملا علي قاري چوي ٿو تہ معنوي اعتبار سان اها ڳالهہ صحيح آهي. چاڪاڻ تہ الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ: وما خلقت

www.maktabah.org

[آءُ ڳجهو خزانو هيس، پوءِ مون اها ڳالهه پسند ڪئي ته منهنجي معرفت حاصل ڪئي وڃي، پوءِ مون پنهنجي لاءِ خلق کي پيدا ڪيو.]

يقين ڪر ته سڀ ڪجهه اهو الله آهي، جنهن پاڻ کي پنهنجي لاءِ باطن مان ظاهر ڪيو آهي، نه ته مجنون ڪيئن چوي ها ته "مان پاڻ ليلي ۽ ليلي مان آهيان" ۽ سندس ديدار جي سگهه ڪنهن کي ٿئي ها! جو باوجود هن حقيقت جي ته مجنون جو جسم جدا ۽ ليلي جو جسم جدا هو. ظاهري اعتبار سان هڪ ٻئي کان جدا هئا ۽ جدا جدا جاءِ تي رهندا هئا ۽ ممڪن نه هو ته ٻنهي جو جسم هڪ ٻئي ۾ داخل ٿئي، تڏهن به ليلي پنهنجي گهر ۾ پنهنجي جسم مان رت ڪيرايو ته رڙ پٽ ۾ رهندڙ مجنون جي جسم مان زور سان رت وهڻ لڳو. مون پاڻ هڪ عاشق کي ڏٺو جنهن جي معشوق جي پير ۾ ڪنڊو لڳو ته اهو ڪنڊو انهيءَ عاشق، پنهنجي پير مان ڪڍي ورتو. ان ڏس ۾ ڪنهن هيءَ رباعي چئي آهي.

رباعي

عاشق و معشوق ديدم در جهان
هر دو يكجا بودند در مكان
ناگهان معشوق را خاري خليد
عاشق از پائ خود خار كشيد

[عاشق ۽ معشوق کي دنيا ۾ ڏٺم، ٻئي هڪ هنڌ هڪ جاءِ تي گڏ هئا. اوچتو معشوق کي ڪنڊو لڳو، عاشق اهو ڪنڊو پنهنجي پير مان ڪڍي ورتو.]

مگر ظاهر آهي ته اهو ڪم الله تعالي، پنهنجي ڪمال ۽ قدرت سان انهيءَ مريد مطلق کان ڪرائيندو آهي، جنهن لاءِ چاهيندو آهي، جيئن قرآن مجيد ۾ آهي ته:

الجن والانس الا ليعبدون. مون جنن ۽ انسانن کي رڳو پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي (ڪشف الخفاء ص ۱۷۳ ج ۲) ڪشف الظنون ص ۱۰۴۰ ج ۲ ۾ آهي ته ان "حديث" جي تشريح ۾ شيخ بالي صوفي (جنهن جو سن وفات ۹۵۰هـ ڪان پوءِ آهي) هڪ ڪتاب لکيو آهي ۽ مخالفن جو رد لکيو آهي.

www.maktabah.org

إِنَّ اللَّهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيدُ ﴿١٤﴾ إِنَّ اللَّهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيدُ ﴿١﴾[1]

[الله تعالىٰ جيڪو بہ ارادو ڪندو آهي سو ڪندو آهي ۽ جيڪو بہ چاهيندو آهي، اهو فيصلو ڪندو آهي.]

بس مريد کي چڱيءَ طرح ڄاڻڻ گهرجي تہ سمورا وجود واحد آهن ۽ ڪائنات ۾ هي جيڪو حسن، جمال ۽ ناز نياز نظر اچي ٿو اهو سڀ الله بي نياز بادشاه جو (پيدا ڪيل) آهي. ان الله جي ذات کان وڌيڪ ڪو اجمل ۽ احسن نہ آهي. هن جهان ۾ جيڪا بہ سهڻي صورت ۽ سهڻي شڪل توهان کي نظر اچي، فقط ان جي ظاهري صورت ۽ شڪل کي نہ ڏسو، بلڪ ان جي معنيٰ ۽ حقيقت تي غور ڪريو. هر صورت ۽ هر نقش جي بنيادي ۽ حقيقي معنيٰ ان جي پيدا ڪندڙ الله تعالىٰ جي محبت آهي ۽ هر قسم جي صورت ۽ نقش جو وجود عين ممڪن آهي ۽ ان جو ناهيندڙ الله تعالىٰ آهي، جيڪو واجب الوجود يعني هميشه آهي ۽ هميشه رهندو. جنهن پاڻ کي مخلوق جي صورت ۾ ظاهر ڪيو آهي. پوءِ يقين ڄاڻ تہ جنهن بہ شيءِ جو وجود آهي، سا واجب الوجود يعني الله تعالىٰ جي حڪم سان آهي، تنهن ڪري پنهنجي دل کي هر وٽندڙ تصوير جي حوالي ڪرڻ نہ گهرجي ۽ نہ وري ڪنهن سهڻي دلبر کي دل ڏيڻ گهرجي. بلڪ قلب ۽ نظر ان جي پيدا ڪندڙ يعني الله تعالىٰ جي حوالي ڪرڻ گهرجي، جيئن چيو ويو آهي.

رباعي

هر نقش كه در صورت هستي پيدا است
اين صورت آن كس است كه اين نقش بيآر است
درياءِ گهن كه بر زند موج نو
موجش خوانند حقيقت درياست

[دنيا جي هن زندگي ۾ جيڪو وجود جي صورت ۾ ظاهر آهي، اها صورت اُنهيءَ جي آهي، جنهن اُن کي سينگاريو آهي. قديم سمنڊ، جيڪو لهرون هٽي ٿو سو تون ئي آهين. انهيءَ کي موجون (لهرون) چون ٿا،

---

[1] بہ جدا جدا آيتون آهن: ان الله يفعل ما يريد لا ڏسو سورة الحج آيت:۱۴- ۽ ان الله يحكم ما يريد لاءِ ڏسوسورة المائدة آيت:۱.

www.maktabah.org

پر اها سمنڊ جي حقيقت آهي، يعني تنهنجي ذات مطلق آهي.]

مولانا رومي چوي ٿو:

در خم اين دائره نقش بند
چند شوي نقش بهر نقش بند
نقش رها كن، سوئ نقاش رو
ديده بر نقش چه داري كزو
نقش چون پرده است تو
ز افسردگي است مائل بر پرده شد
از پردگي است بر فگن
از پره كه اين پرده را كرم كن
از وي دل افسرده را رستن
زين پرده كه بر جان تست
بي مدد پير نه امكان تست.

[هن جهان جي چرخي ۾ ڪجهه نقش ۽ صورتون آهن، جيڪي پنهنجي وجود کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ان جي ناهيندڙ پاڻ جوڙيون آهن. ظاهري جسماني قيد کان آزادي حاصل ڪرڻ ۽ وجود عطا ڪندڙ (خلقٹهار) ڏانهن اڇ. انهن ظاهري شڪلن ۽ صورتن سان تنهنجو ڪهڙو واسطو؟ پردي تي نظر ايندڙ انهن سهٹين صورتن کي ڏسي حيران، پريشان ڇو ٿو ٿئين؟ اڳتي وڌ ۽ تنهنجي جان تي جيڪو (جسماني) پردو آهي، ان کي ڦاڙي ڦٽو ڪر ۽ درياءِ وحدت ۾ گم ٿيءُ. تنهنجي دل جي حيراني ۽ پريشاني خودبخود ختم ٿي ويندي. پر اهو ڪم پنهنجي پير جي مدد کان سواءِ ڪري نه سگهندين.]

يعني ڪائنات ۾ جيڪو به نقش يا صورت نظر اچي ٿو، ان کي نقاش (خلقٹهار) جي رنگ ۾ ڏسڻ ۽ سمجهڻ گهرجي. جيئن حضرت علي رضي الله عنه جو قول آهي ٿو:

صبيح الوجه مراة فيها جمال الله
فنعم العبد و المولي يقال الله تعالي

[منهنجو حسن هڪ آئينو آهي، جنهن ۾ الله جو جمال ۽ حسن نظر اچي ٿو. پوءِ ڪهڙو نه چگو ٻانهو ۽ ڪهڙو نه چگو مولي آهي، جنهن کي الله تعالي چئجي ٿو.]

www.maktabah.org

نبي ﷺ جن فرمايو آهي:

رَأَيْتُ رَبِّي لَيْلَةَ الْمِعْرَاجِ (1)

[مون معراج جي رات پنهنجي رب کي ڏٺو.]

پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

إِيَّاكُمْ وَالنَّظَرَ إِلَى الْأَمَارِدِ فَإِنَّهُ لَوْنُهَا كَلَوْنِ اللهِ (1)

---

(1) رؤيت باري تعالي جو مسئلو اصحابين سڳورن کان اختلافي آهي. کي حضرات ان جو انکار کن ٿا. کي حضرات اقرار کن ٿا. حضرت عائشه رضي الله عنها ان جو انکار کري ٿي ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما ان جو اقرار فرمائي ٿو. سوره نجم جي تفسير ۾ حافظ ابن کثير امام بيهقيءَ جي حوالي سان لکي ٿو تہ حضرت عائشه، ابو هريره ۽ ابن مسعود فرمائين ٿا تہ نبي کريم ﷺ جن معراج جي رات، الله تعالي کي نہ پر حضرت جبريل امين کي ڏٺو. سندن دليل مسلم شريف ۾ ابوذر غفاري رضي الله عنه جي حديث آهي تہ مون نبي کريم ﷺ کان پڇيو تہ ڇا توهان پنهنجي رب کريم کي ڏٺو؟ فرمايائون تہ: نور اني رآه وفي رواية رايت نورا (نور ئي نور هو. مان کٹي ٿو ڏسي سگهان ۽ ٻي روايت مطابق فرمايائون تہ مون هڪ نور ڏٺو.) جيکي حضرات ان جا قائل آهن انهن جو دليل هيءَ حديث آهي: رايت ربي في احسن صورة (حوالن لاءِ ڏسو: الاصابه ص ٣٢١ ج٤، ايضاً حديث: ٨٠٤٠٥- تفسير طبري ص ٤٨ ج ٢٧- مجمع الزوائد ص ١٧٦ ج ٧، ص ٧٨ج١، ص ٢٣٧ ج ١، السنة لابن ابي عاصم ص ٢٠٤ج ١، مسند احمد ص ٢٨٥ ج ١، ص ٢٩٠ ج ١، مسند ابي يعلي ص ٤٧٥ ج ٤، علل الدارقطني ص ٥٤ ج ٤. پڙ فرمايو اٿن تہ مون پنهنجي رب کي عرفات ۾ ڳاڙهي اٽ تي ڏٺو اها روايت گهڙيل آهي (لسان الميزان ص ٢٣٨) هڪ روايت ۾ آهي تہ مون ان کي منيٰ ۾ ماٿهن جي اڳيان خاکي رنگ جي اٽ تي ڏٺو. ان کي جبو پاتل هو اها حديث جڙتوآهي. (ملا علي قاري کذا في الدلائل) ابن عباس رضي الله عنه جي روايت ۾ آهي تہ مون ان کي نوجوان چوکر جي صورت ۾ ڏٺو. جنهن کي سائو وڳو پاتل هو. (ميزان الاعتدال ص ٣٦٣ ج ٢- العلل المتناهية ص ٢٦ ج ١)

فائدو: مشهور محدث رجال ۽ سند جو پارکو علامه ذهبي سير اعلام النبلاءِ ص ١١٤ ج ١٠ ۾ فرمائي ٿو تہ: هن مسئلي جي ثبوت ۽ نفي ٻنهي جي باري ۾ دليل آهن. پر ٻئي ڳالهيون ثابت کرڻ ڏکيون آهن. وڌيڪ دليل هن طرف آهن تہ نبي سائين جن کي رؤيت باري تعالي نہ ٿي آهي. ٿي هجي تہ به امکان آهي. تنهن کري دين ايمان جي سلامتيءَ جي تقاضا آهي تہ نہ انکار کجي ۽ نہ اقرار کجي، بلڪ چڏجي تہ والله اعلم.

(1) حديث ثابت نہ آهي، پڙ عربيءَ جا الفاظ به صحيح نہ آهن. (مترجم)

www.maktabah.org

[پاڻ کي بچايو خوبصورت چوڪرن ڏانهن نهارڻ کان. پوءِ بيشڪ سندن رنگ الله جي رنگ جهڙو آهي.]

وَإِنَّ فِي الْجَنَّةِ لَسُوقًا يُبَاعُ فِيهِ الصُّوَرُ (2)

[بيشڪ جنت ۾ هڪ بازار آهي، جتي تصويرون وڪرو ٿيندیون.]

هڪ روايت ۾ آهي ته پاڻ سڳورا دعا گهرندا هئا ته:

وَأَرِنِي الْأَشْيَاءَ كَمَا هِيَ (3)

[اي الله! مون کي شيون ائين ڏيکار جيئن اهي حقيقت ۾ آهن.]

پوءِ پڪ ڄاڻ ته شين جي حقيقت اها ئي آهي ته الله کان سواءِ ڪجهه به موجود نه آهي، تنهن ڪري جيڪا به شيءِ جيڪا به صورت توکي نظر اچي. ان جي باري ۾ پورو پورو ويساه رک ته ان کان سواءِ ڪجهه به نه آهي ۽ جيڪو به مجازي حُسن ۽ جمال توکي نظر اچي ٿو، پڪ ڄاڻ ته اهو الله رب العالمين جي حقيقي جمال ۽ حسن کانسواءِ ممڪن نه آهي.

رباعي

همان جمال حقيقي که جلوه گر گشته

---

(2) لفظن ۾ معمولي درستي هن طرح آهي: عن علي رضي الله عنه قال قال رسول الله ﷺ: ان في الجنة لسوقا ما فيها بيع ولا شراء الا صور من الرجال و النساء فاذا اشتهي الرجل الصورة دخل فيها (جنت ۾ هڪ بازار آهي جتي ڪا شيءِ نه خريد ٿيندي، نه وڪامبي، اتي مردن ۽ عورتن جون تصويرون هونديون، جڏهن ڪنهن جنتيءَ کي ڪا تصوير وٺندي ته انهو انهيءَ تصوير ۾ داخل ٿي ويندو يعني اها تصوير هوبهو ان جي ٿي ويندي. (ترمذي: ص ٦٨٦ ج ٤- مجمع الزوائد ص ١٢٥ ج ٥، ص ١٤٩ ج ٨، المعجم الاوسط ص ١٨ ج ٦، مسند بزار ص ٢٨٢ ج ٢، تذكرة الحفاظ ص ٤٩٨ ج ٢، سير نبلاء الاعلام ص ٣٩٧ ج ١١، مسند ابي يعلي ص ٢٣٢ ج١، الزهد لابن مبارك ص ٥٢٣ ج ١، مسند احمد ص ١٥٦ ج١).

(3) سند ۽ حوالي کان بغير اها روايت لکن ٿا، پر حديث جي ڪتاب ۾ نٿي ملي. ان سان ٺهڪندڙ هيءَ حديث تفسير ۽ حديث جي ڪتابن ۾ ملي ٿي: اللهم ارني الهدي هدي و ارني الضلالة ضلالة (الجامع الصغير للسيوطي ص ٩٠ ج ١) ارني في العدو ثاري (تاويل مختلف الاحاديث ص ٨٤ ج ١) ارني الحق حقا وارزقني اتباعه و ارني الباطل باطلا وارزقني اجتنابه (ابن كثير ص ٢٥٢ ج ١).

www.maktabah.org

بدان جمال مجازي است زوست عکس پذير
اگر نبود چنان کي بر آمدي بيرون
چنين لطيف صدائ نغمهء زير و بم

[اهو سڀ کجهه تجليءَ سان نمودار ٿيو آهي. سوئي حقيقي جمال آهي. جيڪو باطن مان ظاهر ٿيو آهي. هي مجازي جمال ان جو ئي عڪس ۽ اولڙو آهي. جيڪڏهن ائين نه هجي ها ته پلا اهو (باطني نور ۽ حسن ۽ جمال) باهر ڪيئن نڪري نروار ٿئي ها؟ ۽ هي سهڻا، سريلا آواز ۽ نغما ٻڌڻ ۾ ڪيئن اچن ها؟]

اي عزيز! يقين ڄاڻ ته ڪائنات ۾ جيڪو به حسن ۽ جمال نظر اچي ٿو، اهو فقط انهيءَ احسن ۽ اجمل ذات يعني الله تعالي جي حسن جي سڄ جو اولڙو ۽ عڪس آهي. جنهن، ڪائنات جي هر ذري کي روشن ڪري رکيو آهي.

نظم

در عهد ماهتاب جمال تو فيض بخش
هر ذره آفتاب شد از روزگار حسن
خوش شد دماغ جان جهان جهانيان
از بوي نازِ ناف و خوش مشک بهار حسن
بلبل هزار دوستي نمودي ز رنگ تو
گلهاءِ لاله راز تويي نوبهار حسن
سيمرغ دل ز پنجره قالبم رميد
تاديد از دريچه خوش مرغ زار حسن
هرجا که بود دل همه را صيد کرده برد
در کوئ عشق خويشتند آن شه سوار حسن
نعمتي دو کون دادم از دست خويشتن
تا شود مرور خاطر من در دريا حسن
نعمت دو کون دادم از دست خويشتن
تا شود مرور خاطر من در دريا حسن
داد از خيال خاطر من نعمت دو کون
تا شود سرور ديده و دل در ديار حسن

www.maktabah.org

مستم چنان كه از سرتا پائ عريان است
تا خورده ام ز جام مي خوشگوار حسن
آن بادشاه عزيزي ملک عرب عجم
مفتوح كرد اين هم با ذوالفقار حسن
هر چند عاشقان جهان مبتلا ديدند
پرواه كس نهي كنند از بيشمار حسن
باد بہ كوئ عشق تو مقبول در فيض مند
"فقيري" كشته شو از دل و جان جان نثار حسن

[تنهنجي جمال ۽ حسن جي چنڊ جي زماني ۾ فيض بخشيءَ جو حال هي آهي جو ڪائنات جي هر ذري ذري کي، سج وانگر روشن ڪري رکيو آهي، تنهنجي حسن جي ناز جي ناف جي وٽندڙ بهار واري خوشبوءِ، جهان وارن جي جان ۽ دماغ مهڪائي ڇڏيو آهي. بلبل گل ڏسن سان ڪيتري بہ دوستي ظاهر ڪري تنهنجي حسن جي بهار جي ڪري ئي گلن ڏسن کي رنگ ۽ خوشبو حاصل آهي، منهنجي دل جو سيمرغ (پکي) منهنجي جسم جي قالب مان تاه کائي وڃي پڳو تانجو دل جي دريءَ مان ان کي سهڻو باغ نظر آيو. عشق جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ دل جتي بہ آهي ۽ جنهن جي بہ دل آهي، حسن جي انهيءَ شهنشاه انهن سيني جو شڪار ڪري ورتو آهي. مون ۾نهي جهانن جون نعمتون هن مقصد لاءِ ڇڏي ڇڏيون، تان تہ منهنجي دل ديار حسن ۾ وڃي آباد ٿئي. منهنجي خيال ۽ دل ۾ ۾نهي جهانن جون جيڪي بہ نعمتون اڇي سگهن ٿيون، مون اهي گهوري ڇڏيون آهن تان تہ ديار حسن ۾ منهنجي دل ۽ نظر کي فرحت ۽ خوشي نصيب ٿئي. جڏهن کان، تنهنجي حُسن ۽ جمال جي خوشگوار مَي جو پيالو پيتو اٿم، تڏهن کان ايتريقدر تہ مست آهيان جو مٿي کان پيرن تائين ظاهري لباس کان بي خبر آهيان. اُنهيءَ، عرب و عجم مُلڪ جي پياري بادشاه (يعني حضور عليه الصلوة والسلام) اها سموري سلطنت، حُسن جي "ذوالفقار" سان فتح ڪئي. جيتوٽيڪ جهان جي عاشقن کي پنهنجي عشق ۾ مبتلا ڏٺائين پر پنهنجي بي شمار حسن جي ڪري ڪنهن ڏانهن بہ توجهہ نہ ڏنائين ٿي سگهي ٿو تہ تنهنجي عشق

www.maktabah.org

جي گهٽيءَ ۾ توکي مقبوليت ملي ۽ فيض حاصل ٿئي. اي "فقيرا" تون (ان جي) حسن ۽ سونهن تي پاڻ کي دل ۽ جان سان فدا ڪري ڇڏ ۽ بس!.]

جيڪو سچو عاشق ۽ محب مخلص هوندو آهي، اهو دنيا جي ظاهري حسن ۽ جمال جي فريب ۾ نه ايندو آهي. پر ان جي اصل حقيقت تي نظر رکندو آهي ۽ ان ظاهري حسن جمال جي پيدا ڪندڙ سان لونءِ لڳائيندو آهي ۽ ان کي راضي ڪرڻ لاءِ اهو ٻنهي جهانن جون نعمتون به قربان ڪري ڇڏيندو آهي.

غزل

من هزار جان مبتلا گشته بجمال تو محسن
شاهد خوش لقا بيا تا برهم ز بلائ خويش
مهر تو گشت برائ من همچون ماه بر چمن
بنده نوازي کن شاه جهان بگدائ خويش
نعمت هر دو کون ظاهر کردي، بده وي را همت
و اميد ز او مرا لطف کن برضائ خويش
قدرت شمع در انجمن روئ تو چون گل در چمن
بر جان و دل رحم بکن بهر خداي، خدائ خويش
ماه خجل ز عارضت گل حيرت از رخت ز سنبل
شمع بسوخت از قوت باز مدار لقائ خويش
جمله دماغ انس و جان بلکه جهان و جهانيان
کرد به باز بوئ خوش ز سنبل مشکائ خويش
شاهد گل عزار گوا تا به کنيم دوائ خويش
اشک گواه گشت من عشق که سرنوشت من
ورنه همي نهفت من مهر تو در قضائ خويش
خان، مان و جان تن، جمله جهان فدائ بکن
تا تو بجائ خويشتن يابي خوش خدائ خويش
لاله زار ساخت زمانه را چون موسم نوبهار
آن شاهد گلعذار از مهر ماه برضائ خويش

www.maktabah.org

[اي منهنجا مُحسن! آءٌ هزارين جانين سان، تنهنجي حُسن ۽ جمال ۾ مبتلا آهيان. اي حسين چهرو رکندڙ محبوب! اڄ تہ پنهنجي عشق جي درد جي بلا کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريان جو منهنجي مٿان ائين مهربان ٿيءُ جيئن، باغ ۾ رات جي چانڊوڪي هوندي آهي. اي جهانن جا بادشاه! پنهنجي در جي هن فقير تي بنده نوازي ڪر. تو ۾نهي جهانن جون نعمتون ظاهر فرمايون آهن، مهرباني ڪري انهن جي حاصل ڪرڻ لاءِ منهنجي اندر پنهنجي رضا ۽ همت پيدا ڪر. تنهنجو چهرو ائين آهي، جيئن انجمن ۾ شمع يا باغ ۾ گلاب جو گل. منهنجي جان ۽ دل! خدا ڪارڻ مون تي رحم ڪر. توکي تنهنجي خدا جو واسطو آهي، تنهنجي ڳل تي حسن جو جيڪو چنڊ شرمائي رهيو آهي. پنهنجي هيٹائيءَ جي ڪري گل بہ ان تي حيرت ۾ آهي. شمع بہ ملاقات جي قوت حاصل نہ هئڻ سبب سڙي ۽ ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي. سيني انسانن، جنن، بلڪ جهان ۽ جهان وارن جي دماغن ۾ پنهنجي محبت جي مشڪ جو واس ڏئي ڇڏيائين! اي مهڪندڙ خوشبوءِ وارا محبوب! اي موسم بهار! اي ساقي! خوشگوار مَي جا صاحب! اوهين سڀ ڇئو ۽ سنبت ڪريو تہ اسان پنهنجو علاج ڪريون. منهنجين اکين جا ڳوڙها گواه آهن تہ آءٌ فطري طرح عاشق مزاج آهيان، نہ تہ آءٌ تنهنجي قضا ۽ تقدير جو لکايل اهو ئي چنڊ آهيان. اي عاشق! پنهنجو گهر بار، تن، من، بلڪ پنهنجي ڪل ڪائنات ان تي قربان ڪري ڇڏ. تان تہ پاڻ کي لهڻ جي بجاءِ خوشي سان پنهنجي خدا کي لهين. انهيءَ سهڻي محبوب (الله تعالي) پنهنجي ڪرم ۽ مهرباني جي چنڊ جي وسيلي، زماني کي ائين گل ۽ گلزار ڪري ڇڏيو آهي، جڙ نئين نئين موسم بهار آهي.]

www.maktabah.org

باب چوڏهون

فتح بابت محويت

ڄاڻڻ گهرجي تہ جڏهن عالم قدسي کان ڇڪَ ۽ ڪَشَش ٿيندي آهي تہ بسيط جوهر يعني نفس انساني، پنهنجي جسماني گندگين ۽ طبعي لذتن جي محبت کان پاڪ ٿي، بصيرت ۽ باطني روشنيءَ جي وسيلي حقيقي جمال جو مشاهدو ڪندو آهي. ان وقت پرواني وانگر پنهنجي هستي کي فنا ڪري، الله تعالي جي اڻ کٽ ۽ لازوال تجلين ۽ انوار ۾ مشغول ڪري ڇڏيندو آهي. تانجو آخري مقام، "مقام وحدت" تي وڃي پهچندو آهي. پنهنجي انتهائي ۽ آخري مرتبي تي پهچڻ جي باوجود، ان جي بدن جون قوتون ان کي جمال حقيقي جي مشاهدي کان باز نہ رکنديون آهن. انهيءَ ڪري اها سعادت ۽ نيڪ بختي، جيڪا ٻين کان اڳئين جهان يعني آخرت ۾ ملندي، اها ان کي هن دنيا ۾ ئي نصيب ٿي ويندي آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي ماڻهو پاڻ کي محبت الهي ۾ گم ڪري ڇڏيندا آهن، انهن جو مقصد فقط حق تعالي ۾ محويت ۽ مستي هوندو آهي. اهي مخلوق مان ٻي ڪنهن بہ شيءِ ۾ پاڻ کي نہ ريجهائيندا آهن ۽ نہ مشغول ڪندا آهن. اهي پنهنجيون سموريون بشري ضرورتون مٽائي، امڪاني حد تائين الله تعالي جي رضاجوئي ۾ پاڻ کي مصروف رکندا آهن. تانجو پنهنجو پاڻ کي بہ وساري ويهندا آهن. ان کي "محويت" چوندا آهن. محويت يا فنا ڪرڻ جو مطلب هي آهي تہ ١-انسان پنهنجي بشري صفتن کي الله جي ذات ۾ گم ڪري ڇڏي ٢- پنهنجي ذات کي ان جي ذات ۾ گم ڪري يا ٣- ذات بحت (يعني خالص ذات) ۾ گم ٿي وڃي، يا ۴- سلوڪ جي ڪنهن مقام ۾ پاڻ کي گم ڪري ڇڏي. يعني جز مان ڪل، يا ڪل مان جز ٿي وڃي ۽ ان کي ڪا بہ خبر نہ پوي. ان کي "مقام لا انا ولا غيري" چوندا آهن.

رباعي

محويت حاصل کن اي عارف کامل
تا محو شوي هر چه سوئ الله تعالي است
آن کس که بهشت است وجود وصفت
لاشبه و لاريب ز خود رفت و خدا راست

www.maktabah.org

[اي عارف ڪامل! محويت حاصل ڪر، تانجو تون جيڪي ڪجهه الله تعالي وٽ آهي، ان ۾ مَحو ٿي وڃين. جنهن جي وجود جي صفت، بهشت آهي، اُهو بيشڪ بغير ڪنهن شڪ ۽ شبهي جي، پنهنجي وجود مان نڪري ويو ۽ خدا جي ذات ۾ فنا ٿيو.]

اهو مقام نبين ۽ ڪامل اوليائن کي ملندو آهي، جيڪي سڀ کان افضل ۽ اڪمل آهن، بلڪ چون ٿا ته جيڪڏهن تو کي آدم عليه السلام جي صفت صفي الله، ابراهيم عليه السلام جي صفت خليل الله، موسيٰ عليه السلام جي صفت ڪليم الله ۽ عيسيٰ عليه السلام جي صفت روح الله ملي ته ان تي به ڪفايت نه ڪر، ڇاڪاڻ ته انهن کان بلند مقام به آهن، يعني ڪنهن به مڪان ۽ ڪنهن به مقام تي قناعت ۽ ڪنهن به شيءِ تي ڪفايت نه ڪر ۽ ان تي راضي نه ٿيءُ، سواءِ الله تعالي جي محويت جي. بلڪ هن فقير جو پير، دستگير حضرت مخدوم نوح رح فرمائيندو هو ته الله پاڪ جي محويت کان سواءِ هر شيءِ ۾ سراسر نقصان ۽ خسران آهي، جيئن قرآن مجيد مان اهڙي رهنمائي ملي ٿي:

يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا لَا تُلْهِكُمْ أَمْوَالُكُمْ وَلَا أَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللَّهِ وَمَنْ يَفْعَلْ ذَٰلِكَ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْخَاسِرُونَ ﴿٩﴾[1]

[اي ايمان وارو! توهان کي توهان جا مال ۽ توهان جو اولاد الله جي ياد کان غافل نه ڪن ۽ جيڪو ائين ڪندو ته پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن.]

هن آيت جون ٻيون معنائون مٿي بيان ٿي چڪيون. اسان جو پير، مرشد مخدوم نوح رحمة الله عليه ذڪر ڪندڙن، مجاهدو ڪندڙن، عالمن، طالبن، محبن، عاشقن، مشاهدو ڪندڙن، قرب ماڻيندڙن، وصال حاصل ڪندڙن، وحدت جي مقام تي پهچندڙن کي به نقصان ۾ شمار ڪندو هو ۽ فرمائيندو هو ته اصل مقام محويت جو آهي، جيڪو سيني مقامن کان بلند ۽ مٿانهون آهي، بلڪ اهو ئي "لامڪان" آهي ۽ ان کي ئي "هويت حق" چون ٿا. يعني الله ئي حق آهي ۽ "هويت حق" لاءِ هرگز، هرگز مڪان ۽ مڪين، انا ۽ انت جي ضرورت نه هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته

[1] سورة المنافقون آيت: ٩

www.maktabah.org

الله الواحد القهار جي ذات کان سواءِ کا شيءِ نہ مطلق هئي، نہ آهي ۽ نہ ٿيندي. بس اهو ئي اول بہ آهي، اهوئي آخر بہ آهي، اهوئي باطن بہ آهي ۽ اهوئي وجود، جز، کل، ممکن، خوب، مقيد ۽ مطلق بہ آهي. الله کان سواءِ کا بہ شيءِ نہ آهي، چاکاڻ تہ هر شيءِ، آخرڪار الله ۾ محو ۽ گم ٿئي ٿي. تنهن ڪري، حقيقت اها ئي آهي تہ لَاهُوَفِيْ شَيْءٍ وَلَاشَيْءٌ فِيْهِ، يعني نہ اهو ڪنهن شيءِ ۾ آهي ۽ نہ کا شيءِ انهيءَ ۾ آهي.)

شعر

همون ظاهر هم او باطن چون الحق
نہ باشد هيچ باطل شد محقق
چون واجب هست ممکن نيز از
وي است حقيقت از مقيد هست مطلق
بيا بنگر بچشم دل خود که
يابي با جزائ مقيد کل مطلق
چون هم موجود هم ماجد يکي شد
خلائق هم ازو که اوست خالق
چون از ذات و صفات خويش رسي
شود آن گاه ذات، ذات مطلق
کسي چون محو ذات خود بذاتش
همي يابي که مي باشد هو الحق

[اهو ئي ظاهر ۽ اهو ئي باطن آهي، بيشڪ حق هڪ الله آهي. اها ڳالهہ مڃيل آهي تہ، حق وانگر باطل هميشہ رهندڙ نہ آهي. الله واجب الوجود آهي، تنهن ڪري هر پيدا ٿيندڙ شيءِ بہ ان جي ڪري وجود ۾ اچي ٿي. حقيقت مقيد کان مطلق آهي. اڇ، دل جي اک کولي ڏس تہ ڇا مقيد ۽ مطلق کان سواءِ کا بہ شيءِ لهين ٿو؟ شيون ۽ انهن کي وجود ڏيندڙ (خالق اڪبر) هڪ آهن، چاکاڻ تہ مخلوق بہ درحقيقت سندس آهي، جو اهو ئي خالق آهي. جڏهن پنهنجي ذات ۽ صفات کان چوٽڪارو حاصل ڪندين، تڏهن تنهنجي ذات، ذات مطلق ٿيندي. جڏهن ڪو پنهنجي ذات کي الله جي ذات ۾ گم ۽ محو ڪندو، تڏهن ڪيس معلوم ٿيندو تہ الله برحق آهي.]

www.maktabah.org

باب پندرهون

فتح بابت هستي، نيستي، وجود، عدم، بقاءِ فنا

جاڻڻ گهرجي تہ وجود چار آهن. ١- واجب الوجود (جنهن جو هر گهڙيءَ موجود هجڻ لازمي آهي ۽ اهو الله آهي) ٢- جائز الوجود (جنهن جو موجود هجڻ جائز آهي ۽ اها مخلوق آهي) ٣- ممكن الوجود (جنهن جي وجود جو امكان هجي، يعني مخلوق جيكا كڏهن بہ پيدا ٿي سگهي ٿي.) ۴- ممتنع الوجود (جنهن جو وجود ممكن ئي نہ آهي ۽ اهو غير الله آهي، يعني الله كان سواءِ كو ٻيو معبود هجڻ.)

1) واجب الوجود مان مراد الله تعالىٰ جي ذات پاڪ آهي، اهو موجود بہ آهي ۽ شين كي وجود بہ عطا كري ٿو. ان كي زوال نہ آهي، سدائين قائم آهي، هميشه ۽ هر وقت قائم رهندو آهي.

2) كائنس سواءِ جيكي شيون كائنات ۾ آهن، تن جو وجود جائز آهي.

3) ۽ جيكي شيون موجود نہ آهن، پر انهن جي وجود جو امكان آهي. انهن كي ممكن الوجود چئبو آهي.

4) جيئن تہ الله تعالىٰ جي ذات ۽ صفات جهڙي كا هستي هجڻ ممكن ئي نہ آهي، نہ ئي آهي ۽ نہ وري آئنده كڏهن ٿيندي، تنهن كري ان كي ممتنع الوجود چئجي ٿو.

شعر

فاذا وجب وجود عدم ما سواه فان الذي ظن انه سواه

ليس سواه انه تنزه من اين يكون غير سواه

[جڏهن سندس وجود واجب ٿيو تہ لازم آهي تہ سندس غير عدم ٿيو. جيكو شخص ويساه ركي ٿو تہ ان جهڙو كو ٻيو نہ آهي، سو دراصل الله جي هن ڳالهہ سان پاكائي بيان كري ٿو تہ ان كان سواءِ كو موجود نہ آهي.]

مثال طور نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

www.maktabah.org

لَا تَسُبُّوا الدَّهْرَ فَإِنَّ الدَّهْرَ هُوَ اللهُ [1]

[زماني کي گاريون نہ ڏيو چاکاڻ تہ الله ئي زمانو آهي.]

معلوم ٿيو تہ زماني جو وجود الله جو ئي وجود آهي، چاکاڻ تہ دنيا جي ظاهر ٿيڻ کان اڳ فقط حق تعالي هو ۽ دنيا جي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ بہ حق تعالي ئي آهي، جيئن صوفين جي اصطلاح ۾ چوندا آهن تہ العالم هو الحق، يعني عالم ئي حق آهي، يا جيئن چيو ويو آهي تہ الله کان سواءِ، کا بہ شيءِ موجود نہ آهي. پڻ چيو ويو آهي تہ ٻنهي جهانن ۾ الله کان سواءِ ٻي کا شيءِ موجود نہ آهي. پڻ چيو ويو آهي تہ اهو الله، نہ ڪنهن شيءِ ۾ آهي ۽ نہ کا شيءِ منجهس آهي. نہ ان جي اندر ۾ آهي ۽ نہ ان کان ٻاهر آهي.

ڄاڻڻ گهرجي تہ هڪ شيءِ، ٻي شيءِ ۾ داخل ٿي سگهي ٿي ۽ کا بہ شيءِ ان الله کان سواءِ نہ آهي. شيون هڪ ٻئي مان جڏي سگهن ٿيون ۽ هڪ ٻئي ۾ داخل ٿي سگهن ٿيون، پر الله جو شان ان کان مٿانهون آهي، چاکاڻ تہ ان جو وجود بہ آهي ۽ اهو وجود بخشيندڙ يعني خلقٽهار بہ آهي. جڏهن تہ مخلوق ۾ اها صفت نہ آهي. پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو آهي تہ شيون ائين ئي آهن، جيئن اهي نظر اچن ٿيون. جيڪو بہ شين جي ڪيفيت جي حقيقت تائين پهتو سو در حقيقت حق تائين پهتو. نبي اڪرم ﷺ جن فرمائين ٿا تہ:

مَنْ عَرَفَ نَفْسَهُ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهُ [1]

[جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو.]

واضح هجي تہ سڀ مخلوق الله تعالي جي پيدا ڪيل آهي ۽

---

[1] تفسير قرطبي ص ۱۷۱ ج ۱۶، بخاري باب لا تسبوا الدهر حديث نمبر ۵۸۲۷، بيهقي سنن ڪبري ص۳۶۵ ج۳، مسند احمد ۳۹۵ ج۲، مسند ابي يعلي ص ۴۵۲ ج ۱۰، مسند الشهاب ص ۷۹ ج ۲، شعب الايمان ص ۳۱۶ ج ۴، فتح الباري ص ۵۶۴ ج ۱۰، التمهيد لابن عبدالبر ص ۱۵۳- ۱۵۵ ج ۱۸.

[1] امام نوري چوي ٿو تہ حديث ثابت نہ آهي: (ڪشف الخفاء ص ۳۴۳) ابن تيميه چوي ٿو تہ حديث موضوع آهي: (المصنوع ص ۱۸۹ ج ۱) ساڳيءَ طرح مٿئين حديث: الاشياء الخ بہ ثابت نہ آهي. (مترجم)

www.maktabah.org

محسوس ٿيندڙ موجوده (شين) کي "عالم ملک" چئبو آهي ۽ ادراک، عقل ۾ ايندڙ خيالن کي، "عالم ملکوت" چئبو آهي ۽ جيکي شيون، عملاً ۽ بالقوة موجود آهن، انهن کي "عالم جبروت" چوندا آهن ۽ جيکي موجود شيون انهن ٽنهي جهانن کان مٿي آهن، انهن کي "عالم لاهوت" چوندا آهن.

"عالم ملک" جي لطيفن کي "عالم ملکوت" سان کا نسبت نه آهي، ڇاکاڻ ته "عالم ملکوت" گهٽو لطيف آهي. وري "عالم ملکوت" کي "عالم جبروت" سان کا نسبت نه آهي، ڇاکاڻ ته اهو لطيف کان به وڌيڪ لطيف آهي، وري "عالم جبروت" کي "عالم لاهوت" سان کا نسبت نه آهي، ڇاکاڻ ته اها الله جي ذات آهي ۽ حق تعالي جي ذات لطيف، لطيف کان به وڌيڪ لطيف ۽ عظيم، عظيم کان به وڌيڪ عظيم آهي. "عالم ملک"، "عالم جبروت" جو کو به ذرڙو اهڙو نه آهي، جنهن کي "ذات حق" سان کا مناسبت هجي، ڇاکاڻ ته الله جي ذات بابرکات جو نه کو ڇيهه آهي، نه کا انتها آهي، نه وري ان کي کو ڄاڻي سگهي ٿو. جيئن فرمائي ٿو:

وَهُوَ اللَّطِيفُ الْخَبِيرُ ﴿١٤﴾[1]

[اهو الله ئي لطيف، خبر رکندڙ آهي.]

الله لطيف مطلق آهي ۽ لطيف مطلق، محيط مطلق هوندو آهي. يعني هر شيءِ ان جي گهيري ۾ دائري جي اندر هوندي آهي، اهو عظيم به آهي، يعني هر شيءِ ۽ هر جاءِ جنهن جو وجود آهي، اهو خود پاڻ آهي، پر پنهنجي عظمت ۽ جلال جي ڪمال جي ڪري خود پردي ۾ هڪ راز آهي.

رباعي

اين لطافت در هر مکان سرايت اوست
پس جلالش بنگر که خود مکين و مکان
عيان شده آمد چون مهر در مظاهره
ولي ز غايت اظهار خود بخود پنهان

[1] سورة الملک آيت: ١٤

www.maktabah.org

[الله تعاليٰ جي لطافت جو عمل دخل هرهنڌ جاري ساري آهي. سندس عظمت ۽ جلال ڏس! پاڻ ئي مڪين ۽ پاڻ ئي مڪان آهي. پاڻ ئي سج، چنڊ ۽ ٻين ظاهري شين جي صورت ۾ ظاهر ٻه آهي، پر پنهنجي انتهائي اظهار جي ڪمال سبب خود بخود لڪل ٻه آهي.]

ڄاڻڻ گهرجي ته وحدت ۽ هيڪڙائي جي اعتبار سان ملڪ، ملڪوت، جبروت، لاهوت جي جهان ۾ ڪو امتياز ۽ فرق نه آهي، جو وجود سڀ هڪ آهن، گهٽا وجود هڪ هجن ته انهن جي مجموعي وجود کان سواءِ ڪا شيءِ نظر نه ايندي آهي. جيتوڻيڪ ظاهري اعتبار سان گهٽائي جي ڪري، گهٽا نظر ايندا آهن، پر جڏهن غور ڪبو ته انهن سيني شين جو مجموعو هڪ "وحدت" ڏسڻ ۾ ايندي.

بيت

چون نيک بنگري همه واحد وجود هست
در صورت ار چه بود نمودش بکثرتست

[جيڪڏهن چگيءَ طرح ڏسندين ته سڀ هڪ نظر ايندا، جيتوڻيڪ ڪثرت جي ڪري انهن جي صورت ۽ شڪل جدا جدا ڇو نه هجي.]

انساني حياتي جو مثال: اي عزيز! سمورا عالمَ، يعني عالم ملڪ، عالم ملڪوت، عالم جبروت، عالم لاهوت تنهنجي اندر موجود آهن. تَنَ بَدَنَ کي عالم ملڪ، سيني کي عالم ملڪوت، دل کي عالم جبروت ۽ روح کي عالم لاهوت سمجهه. ان جو سبب هي آهي ته انسان جي حقيقت الله تعاليٰ جي راز جو اظهار آهي. بلڪ سڀ شيون جن کي "موجودات" چون ٿا، اهي رب العالمين جي ربوبيت جي ظهور جو واسطو ۽ سبب آهن. جڏهن، الله رب العالمين گهريو ته مان پاڻ کي غيب جي خزاني مان ظاهر ڪريان ته "موجودات" کي جن کي "ممڪن الوجود" ٻه چوندا آهن، انهن کي خلقيائين. اهي موجودات جن جو ذڪر ٿيو پنهنجي وجود ۾ اچڻ لاءِ ٻه ۽ پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ ٻه پنهنجي خالق جون محتاج آهن. انهيءَ ڪري فرمايو ويو آهي ته الله کان سواءِ ڪا ٻه شيءِ موجود نه آهي ۽ نه ئي سندس ذات کان سواءِ کي صفتون آهن ۽ نه ئي الله جي ذات کان سواءِ ڪا ٻي ذات موجود آهي.

www.maktabah.org

انهيءَ لحاظ سان کا بہ شيءِ اهڙي موجود نہ آهي، جيڪا الله جل جلاله جي پيدا ڪرڻ کان سواءِ وجود ۾ اچي سگهي، تنهن ڪري اصل خلقٽهار يعني الله جي ذات کي نہ مڃڻ ۽ مخلوق جي وجود کي نہ مڃڻ انڌن ۽ ڪوتاه انديشن جو ڪم آهي. ڇاڪاڻ تہ هر شيءِ الله وٽان آهي، هر شيءِ کي ان جي طرفان سمجهڻ گهرجي ۽ ان جي طرفان ڏسڻ گهرجي. پاڻ سڳورا دعا گهرندا هئا تہ مون کي شيون انهيءَ طرح ڏيکار، جيئن اهي آهن. يعني شين جي حقيقت کي ان جي خالق جي حوالي سان سمجاتو اٿم ۽ مخلوق جي حقيقت اها ئي آهي تہ خالق کان سواءِ ڪنهن جو وجود نہ آهي ۽ خالق ۽ مخلوق هڪ آهي ۽ بس! البت چوڻ ۾ مفعول ۽ فاعل ۽ فعل ايندو آهي. جيئن نبي ڪريم ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالي کي فرمايو تہ:

مَا رَأَيْتُ شَيْئًا إِلَّا وَرَأَيْتُ اللهَ قَبْلَهُ (1)

[مون جيڪا بہ شيءِ ڏٺي، ان کان اڳ ۾ الله کي ڏٺم.]

شعر

هيچ کس نيست در سرائ وجود
که بجز ماجد آمد موجود
نيک بنگر که جمله موجودات
جز مشيت خدا نہ شد موجود
هر چه هست آن همه بقدرت اوست
بلکه خود عين اوست شاهد و مشهود
غير حق نيست ظاهر و باطن
ز آنکه او بود هست خواهد بود
لمن الملک گفت عز و جل

(1) حديث جي ڪنهن بہ ڪتاب مان ان حديث جي ثابتي نٿي ملي. البت ان سان ملندڙ جلندڙ قول تفسير قرطبي ۾ عامر بن عبدالقيس جو نقل ڪيو ويو آهي تہ: ما نظرت شيئا الا رايت الله علي اقرب منه. يعني مون جيڪا بہ شيءِ ڏٺي، ان کان مٿان، ان جي ويجهو الله کي ڏٺو: (قرطبي ص ١٧٦ ج ١، نوادر الاصول في احاديث الرسول ص ٧٤ ج ١) ساڳيءَ طرح روايت: ارني الاشياءَ الخ بہ ثابت نہ آهي.

www.maktabah.org

که مر او را است ملک و مال وجود
کیست جز حق که گفت سبحاني
هرچه هست آن همه ازو موجود
خلق دارد ز خالق آمد و شد
نیک بنگر که مي شود محمود
در حقیقت نگر تو اي "فقیرا"
یک وجود است ماجد و وجود

[هن وجود جي ڪائنات ۾ ماجد يعني خالق اڪبر کان سواءِ ڪنهن بہ وجود جي جاءِ نہ آهي. ڇڪي طرح ڏس تہ ڇا ڪا شيءِ، الله تعالي جي مرضيءَ کان سواءِ پيدا ٿئي ٿي؟ پوءِ جيڪي ڪجهہ بہ آهي، سڀ الله جي قدرت سان آهي. بس! شاهد بہ (الله) آهي ۽ مشهود بہ اهو ئي آهي، اهوئي عين آهي. ظاهر ۽ باطن ۾ حق کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ اها ئي شيءِ وجود ۾ اچي ٿي، جيڪا الله چاهي ٿو. (قيامت ۾) الله عزوجل فرمائيندو تہ اڄ بادشاهي ڪنهن جي آهي؟ ڇو تہ مُلڪ هجي، يا مَال هجي، انهن سيني جو وجود فقط الله جو ئي آهي. الله کان سواءِ ڪير آهي، جيڪو چوي تہ آءٌ ساراهيل آهيان؟ جيڪي بہ شيون موجود آهن، اهي سڀ سندس پيدا ڪيل آهن. ظاهر آهي تہ خلقَ، خالق جي پيدا ڪرڻ سان ئي پيدا ٿيندي آهي. ڇڪيءَ طرح غور ڪر تہ اهو الله ئي ساراهيل آهي. اي "فقيرا" حقيقت جي نظرن سان ڏس تہ خالق هجي يا مخلوق، انهن جو وجود هڪ ئي آهي.]

ڄاڻڻ گهرجي تہ هستي، بقا، وجود، ذات، نيستي، فنا ۽ عدم جو اطلاق صفات تي ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ صفات جو دارومدار ذات تي آهي ۽ ذات اصل کان موجود هوندي آهي. جيتوڻيڪ صورت ۽ شڪل جي اعتبار سان صفتون جدا جدا هونديون آهن. پر انهن جي معنيٰ ۽ اصليت ذات سان وابسته هوندي آهي. الله تعالي جون صفتون بہ ان جي ذات سان وابسته آهن، ڇاڪاڻ تہ ذات باري تعالي کان سواءِ انهن صفتن جو ڪو وجود نہ آهي. الله جي هستيءَ ۾ وجود، بقا، جوهر ۽ عرض پيدا ڪرڻ جي خاصيت موجود آهي، تنهن ڪري جيڪا بہ شيءِ پيدا ٿي آهي يا آئندہ

www.maktabah.org

پيدا ٿيندي. اها ان جي ذات جي ڪري آهي. فرمايو اٿن تہ ذات سان صفات جي نسبت اها ئي آهي. جيڪا موج جي پاڻي سان ۽ حرفن جي مس سان هوندي آهي. موج ۾ پاڻي کان سواءِ ۽ حرفن ۾ مس کان سواءِ ڪجهہ نہ هوندو آهي. صفتن ۾ بہ ذات کان سواءِ ڪجهہ نہ هوندو آهي.

اي منهنجا عزيز! ذات اول آهي ۽ صفتون بعد ۾ آهن. ذات باطن آهي ۽ صفتون ظاهر آهن. ذات قديم آهي ۽ صفتون حادث يعني نئون وجود رکندڙ آهن. پر جيئن تہ الله تعالي اول ۾ بہ آهي تہ آخر ۾ بہ آهي. باطن ۾ بہ آهي تہ ظاهر ۾ بہ آهي ۽ جيڪي ڪجهہ بہ آهي. سو اهو ئي آهي. تنهن ڪري ان جي ذات ۽ ان جون صفتون بہ اول ۽ آخر. ظاهر ۽ باطن سڀ هڪ آهن. ڇاڪاڻ تہ تصرف ۽ عمل دخل جي لحاظ سان ذات مطلق جو اطلاق. مقيد صفتن تي ڪندا آهن. جو حقيقت جي جهان ۾ اڪيلي الله. خالق اڪبر جي وجود کان سواءِ ڪنهن جو بہ وجود نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ان جي باري ۾ نڪو ڇئي سگهجي تہ هن هنڊ آهي ۽ هُن هنڊ نہ آهي. بلڪ اهو هر هنڊ آهي. دنيا هجي چاهي آخرت. هر زمان ۽ هر مڪان ۾ موجود آهي. خالق. مخلوق کان جدا ٿي نڪو سگهي ۽ نہ ئي انهن ۾ ٻيائي ۽ جدائي جو خيال ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ جدائي ۽ ٻيائي ٻن شين ۾ ٿيندي آهي. پر الله تہ اهو پاڻ لاشيءِ آهي ۽ پاڻ موجود آهي. اهو پاڻ منظور حق ۽ ناظر مطلق جي نظر ۾ آهي. چار ئي وجود گڏجي هڪ وجود آهن.

مثنوي

آنکه حق موجود غالب يافته
جائز و ممکن چو واجب يافته
چونکه جز حق نيست در هر دو جهان
پس کجا باطل بود نزد اهل جان
هر که او بسته است ديده از ماسوا
در دل او نيست چيزي جز خدا
کرده حق از جمله بي باک آمده
و از همه چون و چرا پاک آمده
نيست فرق اندر ميان اين و آن

www.maktabah.org

پس نہ باید کرد فرق اندر میان
اي که کردي فرق در خلق خدا
نیست مخلوقات از خالق جدا
این مقید کل مطلق آمده
در همه اجزا هو الحق آمده
اي که چیزي را تو باطل دیده
تا دل کج کور و غافل دیده
چشم باطل پوش دیده حق کشا
تا نہ بیني غیر حق در هر کجا
ماجد و موجود ایجاد و وجود
هر که بیند نیک بیند یک وجود.

[اهو حق، جیکو موجود ۽ غالب آهي، اهو واجب الوجود وانگر جائز بہ آهي تہ ممکن بہ آهي. جیئن تہ ہنهي جهانن ۾ حق کان سواءِ کجهہ بہ نہ آهي، پوءِ اهل جان وٽ باطل کیئن ٿي سگهي ٿو؟ جنهن، غیر الله کان سواءِ پنهنجیون اکیون ہوتي ڇڏیون، تنهن جي دل ۾ خدا کان سواءِ کا بہ شيءِ نہ هوندي آهي. جیکي بہ شیون وجود رکن ٿیون، اهي الله جي پیدا کرڻ سان ٿیون آهن ۽ هر قسم جي چون و چرا یعني چو، چا جي کري ۽ هن ۽ هُن جي فرق کان پاڪ ٿي وجود ۾ آیون آهن، تنهن کري انهن ۾ کو بہ فرق نہ آهي. اي شخص! تون جیکو خدا تعالي جي خلق ۾ فرق کرین ٿو تہ ڀاڙ تہ مخلوق، خدا کان جدا نہ آهي. هي مقید کل مطلق آیو آهي. سیني جزن ۾ اهو حق ٿي آیو آهي. اي اهي شخص! جیکو کائنات جي کنهن شيءِ کي باطل سمجهي ٿو، تون انڌي ۽ غافل دل سان ڏسین ٿو. باطل جي اک کي پوري ڏس، حقیقت جي اک کي کولي ڏس، توکي الله کان سواءِ کجهہ بہ نظر نہ ایندو. جتي بہ مخلوق ڏسندین اتي، ان جو وجود ۽ ان جي خالق کي ڏسندین. جیکو بہ نیک نظر کندو ان کي هک ئي وجود، یعني الله جي ذات نظر ایندي.]

واضح هجي تہ جیکي شیون پنهنجو وجود خود نٹیون رکن، تن کي جدا شيءِ چئي سگهجي ٿو ڇاکاڻ تہ اهي (مختلف وقتن ۾) پیدا

www.maktabah.org

ٿيندیون آهن يا موجود ٿيندیون آهن. مخلوق جون اهي سڀ صورتون ممكن آهن. (پر اهي سڀ شيون عارضي آهن.) هميشه هجڻ ۾ هميشه رهڻ، فقط الله تعالي جي صفت آهي. جيئن فرمايو ويو آهي:

بيت

هستي تو بذات ما بتو هست نما
الله الله! چه تفاوت ز كجا تا كجا
تو غني مطلق وي خلق گدا
ز تو وجود و از خويش فنا

[تنهنجو وجود ذاتي آهي، اسين تنهنجي پيدا كرڻ سان وجود ۾ آيا آهيون. الله الله! كيڏو نہ وڏو ۾ ڪٿان كان ڪٽي جو فرق آهي. تون غني مطلق يعني بلكل بي پرواه ۾ اسين مخلوق تنهنجي در جا گدا آهيون. سيني كي تو ئي وجود عطا كيو ۾ توكان سواءِ سڀ فاني آهن.]

بقا ۾ فنا

ڄاڻڻ گهرجي تہ الله جي ذكر كي بقا ۾ غير الله جي ذكر كي فنا چوندا آهن. حديث شريف ۾ آهي تہ الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

أَنَا جَلِيسُ مَنْ ذَكَرَنِي(1)

---

(1) روايت جا الفاظ اڳتي پوئتي آهن. جيكي درست كيا ويا. پڙ اها حديث نہ. پر تابعي كعب احبار جا الفاظ آهن. جيكو اڳ ۾ يهودي عالم هو ۾ مسلمان ٿيڻ جي باوجود توريت جون روايتون بيان كندو هو جن مان كي صحيح تہ كي غير صحيح آهن. البت هن روايت سان ملندڙ هك صحيح حديث آهي. تفصيل ڏسو: عن الكعب الاحبار قال، قال موسي عليه السلام يا ربا اقريب انت فاناجيك؟ ام بعيد فانادیک؟ قال الله يا موسي انا جليس من ذكرني: (كعب احبار چوي ٿو تہ موسي عليه السلام عرض كيو تہ اي رب منهنجا! تون ويجهو آهين تہ توكي رازداريءَ سان پكاريان. پري آهين تہ توكي ڏاڍيان پكاريان. الله فرمايو تہ اي موسيٰ! جيكو مون كي ياد كندو. مان ان جو ساڻي آهيان : قرطبي ص ۳۱۱ ج ۴، مصنف ابن ابي شيبه ص ۱۰۸ ج۱، ص ۷۳ ج ۷، الجامع الصغير ص ۳۰۴ج۱، شعب الايمان ص ۴۵۱ ج ۱، فيض القدير ص ۲۱۴ ج ۱، حلية الاولياءِ ص ۴۲ ج ۶، كشف الخفاءِ ص ۲۳۲ ج ۱، ديلمي ۾ اها روايت ام المؤمنين عائشه جي حوالي سان. پر بغير سند جي آهي: (كشف الخفاءِ ص ۲۳۲) ان سان ملندڙ جلندڙ صحيح حديث جا

www.maktabah.org

[جيڪو مون کي ياد ڪندو تنهن جو آءٌ ساڻي آهيان.]

الله ڪريم قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو:

فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ [1]

[پوءِ مون کي ياد ڪريو تہ آءٌ توهان کي ياد ڪريان.]

اي منهنجا عزيز! جيڪو حق سان ويهندو ۽ حق کي ياد ڪندو رهندو ان کي بقا حاصل ٿيندي. يعني اهو حق تعالي سان بقا حاصل ڪندو. فرمايو ويو آهي تہ پاڻ کان فاني ٿيڻ جي معنيٰ آهي پاڻ کي باقي رکڻ.

يعني ياد رک! تون فاني آهين ۽ حق تعالي باقي آهي. جيڪڏهن تون پنهنجي مراد کي ان سان باقي نہ رکندين تہ قيامت جي ڏينهن فاني نہ ٿيندين ۽ جڏهن حق تعالي جي تصرف سان مراد حاصل ڪندين تہ قيامت جي ڏينهن باقي رهندين. انهيءَ ڪري فرمايو ويو آهي تہ جڏهن پاڻهو پنهنجين صفتن کي الله جي رضا لاءِ فنا ڪري ڇڏيندو آهي. تڏهن ان سان بقا ماڻيندو آهي. ان ڏس ۾ الله تعالي فرمائي ٿو تہ :

مَا عِنْدَكُمْ يَنْفَدُ وَمَا عِنْدَ اللَّهِ بَاقٍ [2]

[جيڪي توهان وٽ آهي. سو ختم ٿي ويندو ۽ جيڪي الله وٽ آهي. سو باقي رهندو.]

جيئن تہ هيءُ سمورو جهان اول کان آخر تائين فاني آهي ۽ آخرت وارو جهان. جيڪو اڳ ۾ موجود نہ هو پر پوءِ وجود ۾ آيو ۽ هاڻي ڪڏهن بہ فنا نہ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ ان کي حق تعالي سان بقا حاصل ٿي آهي ۽ ان سان ئي هميشه باقي رهندو ۽ ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ الله تعالي جو وجود هميشه کان آهي ۽ هميشه رهندو ۽ ان جي ذات ۽ صفات قديم آهن.

الفاظ هي آهن: انا عند ظن عبدي بي و انا معک اذا ذکرتني (مان پنهنجي بانهي جي گمان مطابق معاملو ڪندو آهيان ۽ اي بانها! جڏهن تون مون کي ياد ڪندين تہ مان توسان گڏ هوندس: (المستدرک علي الصحيحين ص ٦٧٤ ج ١).

[1] سورة البقرة آيت: ١٥٢

[2] سورة النحل آيت: ٩٦

www.maktabah.org

فنا ۽ بقا جو بيان: "بقا" مان مراد وجود جو دوام ۽ هميشگي آهي. پر الله جي وجود جي اندر کو شخص يا کا شيءِ شريک نٿي ٿي سگهي ۽ نہ وري ٿي سگهندي. جو سندس صفتن ۾ شريک ٿي سگهي. فاني ٿيڻ جو علم هي آهي تہ ماٹهو پک ڇاڻي تہ هيءَ دنيا فاني آهي ۽ بقا جو علم هي آهي تہ ڇاڻي تہ آخرت باقي رهندي. جيئن الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ وَّاَبْقٰى ﴿١٧﴾ [1]

[۽ آخرت چگي ۽ باقي رهندڙ آهي.]

مگر حال جو باقي رهڻ يا فنا ٿيڻ، هن طرح آهي تہ جڏهن بندو فاني ٿيندو آهي تہ بيشک علم باقي رهندو آهي ۽ جڏهن بندو علم حاصل کندو آهي ۽ اطاعت کندو آهي ۽ سندس غفلت ختم ٿي ويندي آهي. يعني جڏهن ٻانهو حق تعالي کي ڇاڻندو يا سندس معرفت حاصل کندو آهي تہ ان سان باقي ٿيندو آهي. غرض تہ پهريائين حق جي بقا نصيب ٿيندي آهي، پوءِ ان جي عبادت کبي آهي. شيخ ابوسعيد فرمائي ٿو تہ فنا هيءَ آهي تہ ٻانهو پنهنجي ٻانهپ جي ڏسڻ کان فاني ٿئي، بقا هيءَ آهي تہ ٻانهو الله تعالي جي الوهيت جي مشاهدي سان باقي رهي.

ٻانهو بندگي جي حقيقت کي انهيءَ وقت پهچندو آهي، جڏهن پنهنجي فعل جي ڏسڻ کان فاني ٿيندو آهي ۽ حق تعالي جي فعل يعني کائنات جي مشاهدي ۾ غرق ٿيندو آهي. جيئن تہ سيني کمن جي نسبت الله تعالي ڏانهن آهي، پوءِ جڏهن ٻانهو پنهنجن ذاتي تعلقات ۽ لاڳاپن کان فاني ٿي ويندو آهي، تڏهن الله جي جمال سان باقي ٿيندو آهي. انهيءَ وقت ان کي پنهنجي فنا ۽ حق جي بقا جو درجو حاصل ٿيندو آهي ۽ اهو جملي ذات ۽ صفات کي، هڪ وجود ڏسندو آهي، ڇاکاڻ تہ پنهنجي ذات ۽ صفات بہ الله تعالي جي ذات اقدس جي حوالي کري ڇڏيندو آهي ۽ وجود جو عين ۽ اصل هڪ ٿي ويندو آهي. اهو هڪڙو وجود، مشاهدي کان سواءِ فقط چوڻ ۽ ٻڌڻ سان کنهن جي سمجهه ۾ نہ ايندو آهي. مگر توهان لاءِ هتي ان جو ذکر کيو ويو آهي. خواجه بهاؤ

---

[1] سورة الاعلي آيت: ١٧

www.maktabah.org

الدين دلق پوش هن فقير جي پير، مرشد جو مريد هو. پاڻ فرمائي ٿو ته هڪ ڏينهن مون کي ڪا تڪليف پهتي. مون پنهنجي جسم جي ڪيفيت کي الله جي تقدير ۽ سندس فضل جي حوالي ڪري ڇڏيو. پوري زمين ۽ جيڪي منجهس آهي، سي سڀ منهنجي سامهون اچي ويا ۽ منهنجو عزم ۽ منهنجي پرواز بلند کان بلند ٿيندي وئي. پوءِ زمين کان دنيا جي آسمان تائين جيڪي ڪجهه آهي، اهي سڀ سامهون اچي ويا. پوءِ هڪ آسمان کان ٻئي آسمان تائين ۽ اهڙي طرح ستن آسمانن کان مٿي ڪرسي ۽ عرش ۽ انهن جي درميان جيڪي به شيون آهن، تانجو ڪل، بلڪ ذرڙي جيتري شيءِ به سامهون ايندي وئي، مون کي محسوس ٿيو ته اهو سڀ منهنجي وجود ۾ آهي، ائين سڀ ملڪ، ملڪوت، جبروت گهميس ۽ آخر لاهوت ۾ مالڪ الملڪ جي فضل سان پهتس. اتي لڳي ٿي ته مون جيڪي چاهيو ٿي سو ٿئي پيو. اي عزيز، واحد وجود جي معنيٰ مطلب اهوئي آهي، ليڪن جيئن چيو اٿن:

اما ذوق اين مي نشناسي بخد اتانعجشي

يعني اهو پرو تڏهن پوندو جڏهن اهو ذائقو چکندين.

مطلب ته وجود جيڪو جملہ موجودات جو اصل آهي، ان کي سڃاڻ ته جيئن هر موجود شيءِ جي حقيقت معلوم ڪري سگهين، پوءِ جڏهن موجودات جي حقيقت کي رسندين ته ڏسندين ته وجود جي حقيقت هڪ آهي، انڪري جڏهن هڪڙي حقيقت جو انڪشاف ٿيو ته پاڻ کي به واحد وجود لهندين.

مثنوي

خود عين وجود واحد آمد
گو بر دل خويش شاهد آمد
آنکس کہ زکنہ خويش بازماند
از يافت حقيقت بار ماند
هرکس کہ شناخت خويشتن را
گم کردہ يافت خويشتن را

www.maktabah.org

انکس که وجود خود عدم کرد
کوئي که عزيمت قدم کر
داني که فنائي توچه باشد
فاني که شود زخود بقا يابد
باقي که شود بخود فنا يافت
تاضلن نبري که من چه چيزم

اي عزيز جيئن ته صفات ذات کانسواءِ ناهن، تنهنکري اجايو پريشان نہ ٿي، تون هن جي صفتن تائين پهچڻ جي ڪر، ۽ صفتن کان پوءِ ذات مطلق ڏانهن وڃ تڏهن توکي حظ حاصل ٿيندو. اهي مڙئي صفتون هڪ وجود رکن ٿيون، پر جن وٽ انهن جو وجود ناهي، انهن لاءِ صفت يا وجود جو قيد جيڪو موجود لاءِ آهي، ذات مطلب لاءِ ڪا معني نٿو رکي.

www.maktabah.org

باب سورهون

فتح سلوڪ بابت

اي عزيز، سلوڪ دل جي سير کي چون ٿا، ان ڪري جسم جو سير عالم ناسوت آهي، روح جو سير ملڪوت ۾ جبروت آهي، اهڙيءَ طرح مسافر سير و سفر ڪندو منزلن ۾ مقامن کان گذري ٿو. يعني جيئن هڪ مسافر ماڻهو ملڪن جا ملڪ گهمي ڦري، سير سياحت ڪري سمورا مشاهدا ڪندو آهي، تيئن سالڪ به مقامات طي ڪندو آهي. ملڪ مان ملڪوت ۾، ملڪوت مان جبروت ۾، جبروت مان لاهوت ۾ پهچندو آهي. ان جو نالو "سير سلوڪ" آهي. جنهن ۾ ٻانهو دنيا، آخرت، بلڪ پنهنجي ذات، بلڪ پنهنجي محبوب کان سواءِ جيڪا به شيءِ هوندي آهي، ان کي ڇڏي ڏيندو آهي، يا وري "سلوڪ" جي معنيٰ آهي ظاهر ۾ باطن کي ڇڏي ڏيڻ. ظاهر کي ڇڏڻ هي آهي ته جن ڳالهين کان منع ڪئي ويئي آهي، پاڻ کي انهن (نواهي) کان پري رکي، يعني پنهنجن حواسن (ڏسڻ، ٻڌڻ، کائڻ، پيئڻ وغيره صلاحيتن ۾ قوتن) کي نفس جي گندگين کان پاڪ ڪري، تانجو انسان جو ڪو به عضوو الله تعالي سان بغاوت ۾ سرڪشيءَ جي جرئت نه ڪري سگهي، جيئن حديث ۾ آهي ته

أُقْتُلُوْا أَنْفُسَكُمْ بِسُيُوْفِ الْمُجَاهِدَاتِ وَالْمُخَالِفَاتِ (1)

---

(1) هن حديث جو حوالو نٿو ملي البت قرآن ۾ حديث جا گهڻا فرمان ان مضمون جا ملن ٿا. الله تعالي فرمائي ٿو ته: ۱. بيشڪ نفس برائيءَ جو حڪم ڪري ٿو (پ۱۳) ۲. بيشڪ اسان انسان کي خلقيو ۾ جاڻون ٿا ته ان جو نفس ان کي کهڙا کهڙا وسوسا وجهي ٿو. (سوره ق) ۳. بيشڪ اهو شخص ڪامياب ٿيو جنهن پنهنجي نفس کي پاڪ ڪيو. هتي ابوالفرج عبدالرحمن حنبلي جي جامع العلم و الحڪم ص ۱۹۶ ج۱، مان ڪجهه حديثون ۾ اقوال پيش ڪجن ٿا: ۱. نبي ﷺ جن فرمايو ته مجاهد اهو آهي، جيڪو الله جي رضا لاءِ پنهنجي نفس جي خلاف جهاد ڪري. ۲. عبدالله بن عمر رضي الله عنهما کان ڪنهن شخص جهاد جي باري ۾ پڇيو. فرمايائين ته پهريائين پنهنجن نفس جي خلاف جهاد ۾ جنگ ڪر. ۳. ابراهيم بن ادهم فرمائي ٿو ته: اسان کي هڪ معتبر ماڻهو حضرت علي رضه جو قول ٻڌايو ته توهان سڀ کان پهريائين پنهنجن نفسن

www.maktabah.org

[پنهنجن نفسن کي مجاهدن ۾ مخالف ڪمن جي وسيلي ماري ڇڏيو.]

جيڪو شخص انهيءَ طريقي سان مجاهدا ڪري، نفس اماره کان نجات حاصل ڪندو انهيءَ سير سلوڪ ماڻيو ۽ روحانيت حاصل ڪئي. ترڪ باطن هي آهي ته پاڻ کي خدا ۾ بلڪل فنا ڪري ڇڏي. نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته جسم کي لذتن کان، نفس کي شهوتن کان، قلب کي وسوسن کان، روح کي خطاب کان پاڪ ۽ صاف ڪريو ۽ اهي سڀ شيون تنهنجي ذات ۾ موجود آهن.

اي منهنجا عزيز! سالڪ جو سير انهيءَ حد تائين آهي. هن کان اڳ ان جو اکثر ذڪر ٿي چڪو آهي.

مصرعو

نزديکان را پيش بود حيراني

[جيڪي الله جا مقرب بانها آهن، اهي حيرانيءَ ۾ غرق هوندا آهن.]

اهو حيرت جو مقام آهي، جڏهن کو وات ويجايل انسان مقام قرب جي ويجهو ايندو آهي ته اهڙي حيرانيت ۾ گم ۽ گرفتار ٿي ويندو آهي، جنهن جو کو ڇيهه ۽ کا انتها نه هوندي آهي. اتي هو پاڻ کي خدا تعالي ۾ ايتري قدر وساري ويهندو آهي جو "انا ولا غيري" جو نعرو هڻندو آهي يعني فقط آءٌ ئي آءٌ آهيان ۽ مون کان سواءِ ٻيو کو به نه آهي. جڏهن

جي خلاف جهاد کان انڪار ڪندا. ۵. ڪي ماڻهو جنگ تان موٽيا ته ابراهيم بن علقمه کين چيو ته: توهان ننڍي جهاد تان موٽي وڏي جهاد ڏانهن وڃي رهيا آهيو. پڇيائون ته وڏو جهاد ڪهڙو آهي؟ چيائين ته: قلب سان جهاد ڪرڻ. ۶. اهڙي مرفوع حديث جابر رضہ کان به ثابت آهي، پر ان جي سند ضعيف آهي. ۷. سعد بن انس نبي ﷺ جن جي حديث بيان ڪري ٿو ته تنهنجو (اصل) دشمن اهو (ڪافر) نه آهي، جيڪو توکي قتل ڪري ته تون شهيد ٿي جنت ۾ داخل ٿئين ۽ جيڪڏهن تون ان کي قتل ڪرين ته تنهنجي لاءِ نور ٿئي، پر توهان جو سڀ کان سخت دشمن اهو نفس آهي، جيڪو تنهنجي ٻن پاسيرين جي درميان آهي. ۸. حضرت ابوبڪر رضہ، حضرت عمر رضہ کي خليفو مقرر ڪرڻ وقت نصيحت ڪئي ته تنهنجو پهريون نمبر دشمن تنهنجو نفس آهي، جيڪو تنهنجين ٻن پاسيرين جي درميان آهي. دراصل نفس، شيطان کان به انسان جو وڏو دشمن آهي. چاڪاڻ ته حضرت آدم کي ته بيشڪ شيطان گمراه ڪيو پر خود شيطان کي ڪنهن گمراه ڪيو؟ جواب آهي ته ان جي نفس.

www.maktabah.org

سالڪ، انهيءَ مقام تي پهچندو آهي، تہ سندس ڪو مذهب ۽ ڪا ملت نہ هوندي آهي. جيئن فرمايو ويو آهي تہ صوفي جو ڪو مذهب نہ آهي. ان ڪان پوءِ بہ جيڪڏهن منهن موڙيندو تہ حقيقت جي اسرارن ڪان محروم ٿيندو، جنهن وقت فقر پورو ٿيندو آهي، ان وقت نہ وجود باقي رهندو آهي نہ موجود، سواءِ واحد يعني الله تعاليٰ جي ذات جي. جيئن چيو ويو آهي تہ جڏهن فقر جو مقام پورو ٿيندو آهي تہ اهو ئي الله آهي. اتي سلوڪ جو مقام پورو ٿيندو آهي.

سالڪ جون صفتون: سالڪ اهو آهي، جيڪو پنهنجو منهن حق ڏانهن ڪري. ڪتاب الله کي ساڄي پاسي، سنت رسول الله ﷺ کي کاٻي پاسي ۽ انهن ٻنهي جي سامهون روشني رکي، سڏي وات کي طي ڪري. ٻڌ سالڪ لاءِ هيٺيون چار شيون انتهائي ضروري آهن، جن ڪان سواءِ چارو نہ آهي: ۱- علم، جيڪو کيس سڏيءَ وات تي هلڻ ۾ مدد ڏي. ۲- ذڪر، جيڪو ان جو مونس ٿئي تہ جيئن تنهائيءَ جي ڪري کيس وحشت نہ ٿئي. ۳- تقويٰ ۽ پرهيزگاري، جيڪا ان کي گناهن ڪان پاڪ ڪري. ۴- مجسم يقين هجي، جيئن پنهنجن ساٿين ڪان پري نہ ٿئي. سالڪ کي گهرجي تہ پنهنجي اندر هيٺيون چار وصفون بہ پيدا ڪري تہ جيئن فقر جي مرتبي تي پهچي: ۱- "اڇو موت" يعني بک. ۲- ڪارو موت يعني مصيبتن تي صبر ڪرڻ. ۳- ڳاڙهو موت يعني نفس جي مخالف ڪرڻ. ۴- سائو موت يعني نئين پوشاڪ جي بجاءِ پراڻن سراڻن ڪپڑن تي قناعت ڪرڻ.

جڏهن، سالڪ تي ادارڪ جي تجلي ٿيندي آهي تہ ان جي ڪا مخصوص صورت نہ هوندي آهي. جتان بہ حق تعاليٰ جي تجلي ٿئي، ان کي غنيمت ڄاڻي. جيئن موسيٰ عليه السلام کي وڻ مان آواز آيو تہ:

إِنَّنِيٓ أَنَا ٱللَّهُ [1]

[بيشڪ آءٌ ئي الله آهيان.]

وڻ خدا نہ هو، پر ان جي اندر الله جي تجلي ظاهر ٿي هئي. جڏهن ٻانهو ملڪ ۽ ملڪوت يعني فرشتن ۽ ملڪوتي قوتن وانگر ڪجهو

---

[1] سوره طه آيت: ۱۴

www.maktabah.org

رهندو آهي تہ فاني ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن سالڪ جي هستي ڳجهي رهندي آهي تہ ان کي فنا مٿان فنا نصيب ٿيندي رهندي آهي. پوءِ جڏهن سالڪ پنهنجي هستي کي نيست ۽ نابود سمجهندو آهي، يعني سندس هستي ۽ نيستيءَ جو شعور اهڙي طرح ختم ٿي ويندو آهي، جو کيس ذات ۽ صفات جو احساس باقي نہ رهندو آهي، سلوڪ ۽ سالڪ جون سموريون ڪيفيتون گم ٿي ويندیون آهن، انهيءَ وقت کيس فنا در فنا نصيب ٿيندي آهي. ان وقت ڪنهن بہ شيءِ، ڪنهن بہ نالي، ڪنهن بہ نشان جو اتو پتو نہ پوندو آهي. سواءِ ان جي جو الله جي اخلاقن سان موصوف ٿيندو آهي. جيئن فرمايو ويو آهي تہ:

تَخَلَّقُوْا بِاَخْلَاقِ اللهِ (1)

[پنهنجي اندر الله جا اخلاق پيدا ڪريو.]

(1)التعريفات ص ٢١٦ ج ١، التعاريف ص ٥٦٤ ج ١، پڙ قرآن مجيد ۾ بہ ان طرف اشارو آهي تہ: صبغة الله و من احسن من الله صبغة (الله جو رنگ اختيار ڪريو ۽ الله جي رنگ کان بهترين رنگ ڪنهن جو ٿي سگهي ٿو. (سوره بقره پ:١) پر تفسير وارا ان مان مراد الله جو دين وٺن ٿا. ڏسو: متئين آيت جي تفسير ۾ قرطبي، ابن ڪثير، ابن جرير، جلالين.

www.maktabah.org

باب سترهون

فتح بابت معرفت نفس

ڄاڻڻ گهرجي ته الله تعالي جي معرفت کانپوءِ پنهنجي نفس جي معرفت حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ اشرف ۽ افضل ڪو ٻيو مقام نه آهي. "معرفت نفس" هر شيءِ جي وجود جو ذريعو آهي. ماڻهن ان جون گهڻيون معنائون بيان ڪيون آهن. ڪي چون ٿا ته نفس مان مراد روح آهي. ڪي چون ٿا ته ان مان مراد مروت آهي. ڪن وٽ مراد نفساني حسد ۽ ساڙ آهي. ڪي حيواني روح کي "نفس" چون ٿا. ڪي انساني جسم جي رت کي نفس چون ٿا. پر محقق چون ٿا ته انهن مان کا به شيءِ نفس نه آهي. البت هن ڳالهه تي انهن جو اتفاق آهي ته "نفس" مان مراد بديءَ جي اها قوت آهي. جيڪا انسان کان گناه ڪرائيندي آهي. پڙ چيو ويو آهي ته نفس جي ذريعي ڇڳا اخلاق به ظاهر ٿين ٿا ۽ خراب اخلاق بہ طريقت وارن وٽ نفس. بخارن جي مجموعي جو نالو آهي. جيڪو انساني جسم جي سمورن عضون تي غالب هوندو آهي. جيئن روح غالب هوندو آهي. جيئن: کير جي لطافت منهن ۾ محسوس ٿيندي آهي. تيئن نفس جا بخار يا ان جي ٻاڦ سموري بدن تي غالب هوندي آهي. انهيءَ ٻاڦ جي اثر هيٺ انسان برائي ڪندو آهي ۽ ان ٻاڦ جو مرڪز دل آهي. نفس بيڙيون صفتون پيدا ڪندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ الله تعالي فرمائي ٿو ته:

إِنَّ النَّفْسَ لَأَمَّارَةٌ بِالسُّوْءِ (1)

---

(1) جڏهن زليخا سيني جي سامهون يوسف عليه السلام جي پاڪدامنيءَ جو اعلان ڪيو ته انهيءَ سڳوري نبيءَ اعلان فرمايو ته: مان پنهنجي نفس جي پاڪدامني بيان نٿو ڪريان. بيشڪ نفس برائيءَ جو حڪم ڪندڙ آهي (سوره يوسف آيت: ٥٣ پ ١٣) هر شخص سوچي سگهي ٿو ته حضرت يوسف جهڙو عظيم انسان به پنهنجي نفس کي پاڪدامن نٿو چوي ته پوءِ توهان ۽ اسان جي نفس جي خباثت ۽ سرڪشيءَ جو ڪهڙو حال هوندو؟ خود نبي سائين ﷺ جن دعا گهرندا هئا ته: اللهم آت نفسي تقواها وزكها انت خير من زكاها انت وليها ومولاها (اي الله! منهنجي نفس کي پرهيزگاري عطا ڪر ۽

www.maktabah.org

[بيشڪ نفس برائي جو حڪم ڪندڙ آهي.]

روح ۽ نفس جو بيان: دراصل انساني جسم روح ۽ نفس ٻنهي جو مجموعو آهي. پوءِ معرفت ئي اها چاهي آهي. جنهن جي وسيلي انسان حق تعالي جي سڃاڻپ ڪري سگهي ٿو ۽ دل ئي اهو خزانو آهي، جتان معرفت ۽ اسرارن جا چشما ڦٽن ٿا. ان ڪري ئي ان جي معرفت حاصل ڪرڻ بہ عين فرض آهي. طالبن کي گهرجي تہ الله کان سواءِ هر شيءِ کان غافل ۽ فاني ٿين تہ جيئن کين ذات باري تعالي جي محويت حاصل ٿئي. جڏهن مريد، ڪامل مرشد جي تلقين موجب ذڪر ۾ هميشگي ڪندو آهي، تہ سندس دل صاف ۽ صيقل ٿي ويندي آهي ۽ کيس نفس جي حقيقت معلوم ٿي ويندي آهي. جڏهن ٻنهنجي نفس کي سڃاڻندو آهي تہ ان وقت ٻنهنجي رب کي سڃاڻندو آهي، ڇاڪاڻ تہ خودشناسي، دراصل خدا شناسيءَ جو مقام آهي، جيئن فرمايو ويو آهي تہ جنهن ٻنهنجي رب کي سڃاتو انهيءَ بيشڪ ٻنهنجي رب کي سڃاتو ۽ جنهن کي اها ڄاڻ حاصل ٿي تہ سندس قوت ۽ ڪوشش کان سواءِ رزق حاصل ٿيندو تنهن ٻنهنجي رب کي خالق ۽ رازق ڄاتو.

چون ٿا تہ هڪڙي نبي سڳوريءَ ڏانهن الله تعالي وحي ڪئي تہ:

كَيْفَ عَرَفْتَنِيْ وَكَيْفَ عَرَفْتَ نَفْسَكَ؟ قَالَ يَا رَبِّ! قَدْ عَرَفْتُكَ بِالْقُدْرَةِ وَالْقُوَّةِ وَالْبَقَاءِ وَعَرَفْتُ نَفْسِيْ بِالْعِجْزِ وَالضُّعْفِ وَالْفَنَاءِ. فَقَالَ اللهُ تَعَالٰى: اَلْاٰنَ قَدْ عَرَفْتَنِيْ وَمَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ وَمَنْ جَهِلَ نَفْسَهٗ فَقَدْ جَهِلَ عَنْ رَبِّهٖ وَيَا اِنْسَانُ اَعْرِفْ نَفْسَكَ تَعْرِفْ رَبَّكَ فَاِذَا عَرَفْتَ نَفْسَكَ هٰكَذَا عَرَفْتَ اللهَ (1)

ان کي پاڪ ڪر، تون ئي ان کي پاڪ ڪري سگهين ٿو. تون ئي ان جو سائين ۽ مولي آهين: مسلم حديث: ٢٧٢٢.

(1) اها روايت باطل آهي (تدريب الراوي ص ١٧٦ ج ٢) روايت موضوع آهي. (ابن تيميه) روايت ثابت نہ آهي. (نووي) رسول الله ﷺ جن جي حديث نہ پر يحيي بن معاذ رازي جو قول آهي. ابن عرس نووي جو مٿيون قول نقل ڪري چوي ٿو تہ صوفين جي ڪتابن ۾

www.maktabah.org

[مون کي تو کيئن سجاتو ۽ پاڻ کي کيئن سجاتئي؟ چيائين ت: رب منهنجا! تو کي تنهنجي قدرت، قوت ۽ هميشه باقي رهڻ سبب سجاتم ۽ پنهنجي نفس کي عاجزي، ضعيفي ۽ فاني ٿيڻ سبب سجاتم. الله تعالي فرمايو هاڻي تو مون کي سجاتو پوءِ جيڪو شخص پنهنجي نفس کي سجاڻندو اهو پنهنجي رب کي سجاڻندو ۽ جيڪو پنهنجي نفس کان اڻ واقف هوندو اهو پنهنجي رب کان بہ اڻ واقف هوندو. اي انسان! پنهنجي نفس کي سجاڻ تہ پنهنجي رب کي سجاڻندين. اهڙي طرح ئي الله کي سجاڻي سگهين ٿو.]

اي منهنجا عزيز! پهريائين پنهنجي نفس کي سجاڻ تہ جيئن الله تعالي جي سجاڻپ ٿئي. درحقيقت، الله تعالي توکي توکان بہ وڌيڪ قريب آهي. پاڻ فرمائي ٿو:

وَنَحْنُ أَقْرَبُ إِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيدِ ﴿١٦﴾ [2]

[۽ اسان ان کي سندس نرگهٽ کان بہ وڌيڪ ويجها آهيون.]

ٻئي هنڌ آهي:

وَفِي أَنفُسِكُمْ أَفَلَا تُبْصِرُونَ ﴿٢١﴾ [1]

[۽ توهان جي نفسن ۾ بہ نشانيون آهن، ڇا توهان نٿا ڏسو.]

بيت

اي نزديک تر ز تو به تو يار شد
حجاب تو بر تو پندار شد

[جيڪو الله توکي تنهنجي ساه جي رڳ کان بہ ويجهو آهي، تون ان جو يار ٿيءُ. تنهنجو حجاب ئي تنهنجي لاءِ اصل روڪ ۽ رڪاوٽ آهي.]

اها روايت اڪثر ملي ٿي. "جامع صغير" للسيوطي جو شارح شيخ حجازي واعظ چوي ٿو ت شيخ محي الدين ابن عربي چوندو هو ت جيتوڻيڪ روايت جي طريقي سان هيءَ حديث ثابت نہ آهي، پر اسان وٽ ڪشف جي اعتبار سان ثابت آهي. (ڪشف الخفاء ص ٣٤٣ ج ٢).

[2] سوره ق آيت: ١٦

[1] سورة الذاريات آيت: ٢١

www.maktabah.org

پڙ فرمايو ويو آهي تہ جيڪو الله کي سڃاڻندو تنهن تي ڪا بہ شيءِ ڳجهي نہ رهندي. يعني خدا کي خدا سان ئي سڃاڻي سگهين ٿو. جيڪو الله کي الله سان سڃاڻندو اهو هر شيءِ کي سڃاڻندو ۽ جيڪو هر شيءِ کي سڃاڻندو سو سلامت رهندو. ڇاڪاڻ تہ چوندا آهن تہ سلامتي، تنهائي ۾ آهي ۽ تنهائي ذات وحدت ۾ آهي ۽ وحدت ان شخص کي حاصل ٿيندي، جنهن جي دل ۾ الله کان سواءِ ٻئي جو خيال نہ ماپندو. اها تنهائي ظاهري شڪل، صورت ۾ نہ پر باطني ڪيفيت سان حاصل ٿيندي آهي. پڙ فرمايو ويو آهي تہ پنهنجي قلب جي حفاظت ڪر. يعني هميشه ۽ هر وقت دل جي سار سنيال لهندو رهہ تہ ڏاريو (شيطان) ان ۾ داخل نہ ٿئي.

هڪ درويش، الله تعالي کي ٻاڏائي رهيو هو تہ اللهم اشغلنا بک من سواک (اي الله! اسان کي ٻين جي بجاءِ پنهنجي ذات ۾ مشغول رک.) ڪنهن شخص پڇيو تہ جڏهن الله پاڪ جو غير بہ ان کان جدا نہ آهي تہ پوءِ انهيءَ دعا جي معني ڪهڙي ٿيندي؟ چيائين تہ "بک" ۾ ڪاف خطاب جو صيغو الله ڏانهن راجع آهي ۽ "سواک" مان مراد نفس آهي. يعني اسان کي غير جي ذات جي بجاءِ پنهنجي ذات ۾ مشغول رک. "ذات" يعني اسماءَ، صفات ۽ افعال جو مجموعو آهي. يعني اي الله! اسان کي پنهنجي ذات تي ايمان جي تجلي ۽ پنهنجين صفتن ۽ افعالن مان روشني عطا فرماءِ.

بيت

"فقيري" تو اگر طالب ذات حمدي
در جمله صفت، فعل اثر نام بر بند

[اي فقير! جيڪڏهن تون الله تعالي جي ذات جو طالب آهين تہ ان جي تمام صفتن ۽ فعلن سان اثر وڃ. چيو ويو آهي تہ جيڪو شخص پاڻ کي نڪو سڃاڻي، حالانڪ ٻين سيني شين جي پيٽ ۾ سندس نفس ان کي ويجهو آهي تہ پوءِ ٻئي کي ڪيئن سڃاڻندو. شيخ محمد بن علي ترمذي رح فرمائي ٿو تہ جيستائين تنهنجي اندر نفس باقي آهي، تيستائين تون حق کي سڃاڻي نہ سگهندين. جڏهن تون پنهنجي نفس کي ئي نڪو

www.maktabah.org

سڃاڻي سگهين ته پوءِ تون ٻئي کي ڪيئن سڃاڻندين؟ سيد الطائفه جنيد بغدادي رح فرمائي ٿو ته ڪفر جو بنياد هن ڳالهه تي آهي ته تون نفس جي مراد ۽ خواهش کي پوري ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙين. شيخ بايزيد بسطامي رح فرمائي ٿو ته نفس، هڪ اهڙي عادت ۽ صفت آهي، جيڪا باطل شين سان قرار ۽ سڪون وٺندي آهي ۽ پاڻ کي هرگز حق جي حوالي نه ڪندي آهي. شيخ ذوالنون مصري چوي ٿو ته سخت ترين حجاب پنهنجي نفس کي ڏسڻ يعني خودپرستي ڪرڻ ۽ نفس جي اصلاح جي تدبيرن کي ڇڏي ڏيڻ آهي. يعني هر حالت ۾ نفس جي مخالفت ڪجي ۽ نفس کي راضي ڪرڻ لاءِ حق جي مخالفت ۾ جيڪا به ڏک ڏوڙ ٿئي ٿي، ان کي ٻنجو ڏجي. شيخ سليمان داراني رح چوي ٿو ته نفس، امانت جي ادائيگي ۾ خيانت ڪندڙ ۽ رب تعالي جي رضا کان منع ڪندڙ آهي ۽ سڀ کان افضل عمل هي آهي ته ماڻهو نفس جي مخالفت ڪري. خاتم الاولياءِ هن فقير جو حضرت پير دستگير فرمائيندو هو ته نفس جي مراد پوري نه ڪجي. عرض ڪيو ويو ته سائين سڳورا! نفس مان مراد ڇا آهي؟ فرمايائون ته پنهنجي ڪيل نيڪيءَ کي نه ڏسجي. عرض ڪيائون ته پنهنجي ڪيل نيڪي ڏانهن ڪيئن نه نهاربو. فرمايائون ته لا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم جي حقيقت تي نظر رکجي، يعني هميشه ويساه رکجي ته نيڪي ڪرڻ ۽ برائي کان باز اچڻ، فقط الله تعالي جي مهرباني سان ئي ممڪن آهي. جيڪو شخص انهيءَ حقيقت تائين پهچندو اهو پاڻ کي ۽ پنهنجي نيڪ عمل کي اهميت نه ڏيندو.

اي منهنجا عزيز! جيڪو به شخص پنهنجي نفس کي جدا خيال ڪري ٿو ۽ ان جي پيروي ڪري ٿو اهو نفس جي بلا ۽ مصيبت جو قيدي آهي ۽ جنهن انهيءَ بلا کان نجات لڌي، انهيءَ غير کان نجات لڌي. انهيءَ وٽ روح، دل، نفس، جسم ۽ ٻي جيڪا به شيءِ آهي، سڀ هڪ وجود آهي. الله فرمائي ٿو:

وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿٤٠﴾ فَإِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَأْوٰى ﴿٤١﴾ [1]

---

[1] سورة النازعات آيت: ۴۰-۴۱

www.maktabah.org

[۽ جنهن شخص پنهنجي نفس کي خواهشن کان روکيو تنهن جو ٺڪاڻو جنت آهي.]

يعني دنيا ۾ پنهنجي نفس کي شريعت جي منع ڪيل ڪمن کان روکيو تہ توهان کي آخرت ۾ بهشت نصيب ٿئي، يا پنهنجي نفس کي دنيا ۾ غير الله جي وصال کان روکيو تہ خدا تعاليٰ جو وصال حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، يا پنهنجي نفس کي هر قسم جي ذات ۽ صفات جي خيال، سمجهہ، خطري کان باز رکو تہ توهان کي واجب الوجود، يعني الله تعاليٰ جو فيض حاصل ٿئي ۽ ٻنهي جهانن جي مصيبت کان نجات لهو ۽ اها ڳالهہ انهيءَ وقت تائين ناممڪن آهي، جيستائين پنهنجي نفس جي خواهشن کان پاڻ کي نہ بچائجي ۽ الله کان سواءِ هر شيءِ کي ڇڏي ڏجي ۽ اها ڳالهہ فقط الله جي فضل ۽ ٻاجهہ سان ئي حاصل ٿيندي آهي.

بيت

قومي را مبين، گر تو اهل يقين
وحده واحد بين، بيش مكن

[جيڪڏهن تون يقين وارن مان آهين تہ ماڻهن تي نظر نہ رک، فقط الله وحده لاشريک له جي هيڪڙائي کي ڏس، ان کان وڌيڪ نہ ڏس.]

تنهنجي نفس جون خواهشون، توکي غير الله ڏانهن ڇڪي توکي مشرڪ نہ بنائين. هن طرح جو تون، الله جي بجاءِ پاڻ کي ڏسين. الله تعاليٰ حديث قدسي ۾ فرمائي ٿو تہ:

يَا بْنَ آدَمَ طَلَبْتَ الرِّفْعَةَ فَوَجَدْتَّهٗ فِي التَّوَاضُعِ وَطَلَبْتَ الرِّيَاسَةِ فَوَجَدْتَّهٗ فِي النَّصِيْحَةِ وَ طَلَبْتَ الْمُرُوَّةَ فَوَجَدْتَّهٗ فِي التَّوَاضُعِ وَطَلَبْتَ الْفَخْرَ فَوَجَدْتَّهٗ فِي الْفَقْرِ وَ طَلَبْتَ النَّسَبَ فَوَجَدْتَّهٗ فِي التَّقْوٰى وَطَلَبْتَ الشَّرَفَ فَوَجَدْتَّهٗ فِي الْقِنَاعَةِ وَطَلَبْتَ مَعْرِفَةَ اللّٰهِ تَعَالٰى فَوَجَدْتَّهٗ فِي الْفَقْرِ وَطَلَبْتَ الرَّاحَةَ فَوَجَدْتَّهٗ فِي الزُّهْدِ وَطَلَبْتَ مَعْرِفَةَ اللّٰهِ تَعَالٰى فَوَجَدْتَّهٗ فِيْ مُخَالِفَةِ النَّفْسِ(1)

(1) اهو ڪنهن جو قول آهي، جنهن کي حديث مشهور ڪن ٿا، حديث، تفسير، رجال ۽ مسانيد جي ڪنهن بہ ڪتاب ۾ ان جو وجود نٿو ليڀي. والله علي ما نقول وڪيل (مترجم)

www.maktabah.org

[اي آدم جا اولاد! تو بلندي طلب ڪئي تہ ان ڪي عاجزي ۾ لڌئي، تو رياست طلب ڪئي تہ ان ڪي نصيحت ۾ لڌئي، تو مروت طلب ڪئي تہ ان ڪي سچائي ۾ لڌئي. تو فخر طلب ڪيو تہ ان ڪي فقيري ۾ لڌئي. تو نسب طلب ڪيو تہ تو ان ڪي تقوي ۾ لڌئي. تو شرف طلب ڪيو تہ ان ڪي قناعت ۾ لڌئي، تو راحت طلب ڪئي تہ ان ڪي زهد ۾ لڌئي. تو الله تعالي جي معرفت طلب ڪئي تہ ان ڪي نفس جي مخالفت ۾ لڌئي.]

نفس جا قسم: اي عزيز! اسرار ۽ رموز جا جيڪي واقف حال آهن، انهن جي قول مطابق دل چئن قسمن جي آهي: ۱- جيڪا دل ذات ۽ صفات جي چڪر ۾ ڦاٽل هجي. ۲- عبرتناڪ دل، جيڪا عشق، عاشقي، معشوق، دنيا جي تجلي ڪان خالي هجي. ۳- صنوبري دل، جيڪا خدا تعالي جي صفتن، لطيفه رباني ۽ نمونه يزدانيءَ جي جامع هجي. ۴- نيلوفري دل، جيڪا نفساني خواهشن ۽ هر قسم جي معنائن جو خزانو هجي. طبيعت ۾ جيڪي لاها چاڙها ايندا آهن ۽ ٻڌتر جي جيڪا ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي، سا ان دل جي ڪري ئي ٿيندي آهي. بيان ڪيل دل جي انهن چئني قسمن کي چار نفس چئجي ٿو، جيڪي هي آهن:

۱- نفس اماره (اهو نفس جيڪو برائيءَ جو حڪم ڪري) الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

وَمَآ أُبَرِّئُ نَفْسِيٓ إِنَّ ٱلنَّفْسَ لَأَمَّارَةٌۢ بِٱلسُّوٓءِ إِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيٓ [2]

[۽ آءٌ پنهنجي نفس کي پاڪ نٿو چوان، بيشڪ نفس برائي جو حڪم ڪري ٿو، مگر جيتري قدر الله رحم فرمائي.]

۲- ملامت ڪندڙ نفس، جنهن جي باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

لَآ أُقْسِمُ بِيَوْمِ ٱلْقِيَٰمَةِ ۝١ وَلَآ أُقْسِمُ بِٱلنَّفْسِ ٱللَّوَّامَةِ ۝٢ [1]

[آءٌ قيامت جي ڏينهن جو قسم نٿو کٽان ۽ نڪي ملامت ڪندڙ نفس جو قسم کٽان ٿو.]

---

[2] سوره يوسف آيت: ۵۳

[1] سورة القيامة آيت: ۱-۲

www.maktabah.org

اهو نفس خود پسندي ۽ خودپرستي جون ڪيفيتون پيدا ڪندو آهي. سالڪ کي گهرجي تہ ان جو چيو نہ ميجي ۽ ان کان خبردار رهي.

۳- جنهن نفس ڏانهن الهام ٿيندو هجي، جنهن جي باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا ۝٧ فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا ۝٨[2]

[۽ قسم آهي نفس جو ۽ ان جي جوڙجڪ جو. پوءِ ان ۾ گناه ۽ تقوي جو الهام ڪيائين.]

اهو نفس، ظاهر جون خبرون باطن ۽ باطن جون خبرون ظاهر ۾ پهچائيندو آهي. ان جي ڪا مستقل حالت نہ هوندي آهي. ڪڏهن نيڪ بخت هوندو آهي تہ ڪڏهن بدبخت هوندو آهي.

۴- اطمينان حاصل ڪندڙ نفس، جنهن جي باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ۝٢٧ ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ۝٢٨[3]

[اي مطمئن نفس، رضا خوشيءَ سان پنهنجي رب ڏانهن موٽي اچ.]

انهيءَ نفس جي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ الله تعالي جي ويجهو ۽ ان جي رضا تي راضي رهندڙ آهي. پڻ چيو ويو آهي تہ اهو منهنجي رب وٽ هڪ ڪلمه، يعني سندس حڪم آهي. ان جا افعال ۽ احڪام انسان کي عزت عطا ڪن ٿا، ڇاڪاڻ تہ محبوب جو فعل بہ محبوب هوندو آهي.

انهن چئن نفسن مان چار خطرا پيدا ٿين ٿا: ۱- شيطاني خطرو ۲- نفساني خطرو. ۳- ملڪي خطرو. ۴- روحاني خطرو. روحاني خطري کي رحماني خطرو بہ چوندا آهن.

شيطاني خطرو نيلوفر دل ۽ نفس اماره جي ڪري پيدا ٿيندو آهي. اهو سڀ کان هيٺيون مقام آهي. جتان گمراهي، باطل، جهالت ۽ نقصان جون ڳالهيون ظاهر ٿيندڙيون آهن. گهرجي تہ اهڙي نفس کي سدائين رياضتن ۽ مجاهدن سان مارجي ۽ ان کي اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ

---

[2] سورة الشمس آيت: ۷-۸

[3] سورة الفجر آيت: ۲۷-۲۸

www.maktabah.org

وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ جي تلقين هيٺ رکجي ته ان جي شر کان نجات حاصل ٿئي. ٢- نفساني خطرو صنوبري دل جي ڪري پيدا ٿيندو آهي، جنهن کي "نفس لوامه" ۾ چيو ويندو آهي. صنوبري دل يا نفس لوامه جا ڪي افعال شيطان جي زير اثر ته ڪي افعال "نفس ملهمه" جي زير اثر هوندا آهن. وري ڪي افعال پنهنجي اختيار سان انجام ڏيندو آهي. ان کان هميشه هوشيار رهڻ جي ضرورت آهي. اهڙي نفس وارو شخص جڏهن پنهنجي اصلاح ڏسي ته انهيءَ وقت ان نفس کان ڪم وٺي ۽ پنهنجي اصلاح ۾ ترقي ڪندو رهي. هرگز پاڻ کي ٻئي کان افضل نه سمجهي. حب مال ۽ حب ماه کان پاسو ڪري. بزرگن جي خلاف شڪايت، انهن تي لعن طعن نه ڪري. ڪنهن کي برحق نه سمجهي. پاڻ کي ماڻهن جي سامهون نرم رکي ۽ انهن جي پويان پاڻ کي ممتاز ۽ سخت نه رکي. هرگز بيهوده ڳالهيون نه ڪري. شب بيداري ڪرڻ، گهٽ کائڻ، گهٽ سمهڻ، ماڻهن جي صحبت کان پري رهڻ ۽ وڌ ۾ وڌ نفل پڙهڻ جي عادت وجهي ۽ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ جو ورد جاري رکي. ٣-خطره ملکي، نفس ملهمه جي ڪري پيدا ٿيندو آهي. ان جو مقام بلندي تي آهي. ان جا ڪي افعال نفساني خطري سان موافقت ۽ مناسبت رکن ٿا ته ڪي نفس مطمئنه جي خطري سان موافقت رکن ٿا. خطره مَلَکي، هن جي ڪري پيدا ٿيندو آهي جو ڪي فرشتا طبيعت جا آتشي آهن ته ڪي نوراني. سندن حقيقت جي مناسبت سان ٻنهي جا جدا جدا جهان آهن. جتي انهن جو ڪو اختيار نه آهي، جيڪا به ڳالهه ڪتاب (لوح محفوظ) ۾ ڏسندا آهن، اها چوندا آهن ۽ اهوئي ڪم ڪندا آهن. جڏهن انهن تي نار جي نسبت غالب ٿيندي آهي ته ناري خصلت پيدا ٿيندي آهي ۽ جڏهن متن نورانيت غالب ٿيندي آهي ته نوراني وصف پيدا ٿيندي آهي ۽ عالم نور مان الهام ڪندا آهن. جيڪڏهن سالڪ گهري ٿو ته انهن ٻنهي ڪيفيتن کان نجات حاصل ڪري، ته پوءِ گهرجي ته نفس کي هرگز آزاد نه ڇڏي ۽ هميشه نفس جو احتساب ۽ مؤاخذو ڪري، ان کي نصيحت ڪري ۽ ان تي ڪنٽرول ڪندو رهي. هميشه هن وظيفي ۾ مشغول رهي:

www.maktabah.org

سُبْحَانَ ذِي الْمُلْكِ وَ الْمَلَكُوْتِ سُبْحَانَ ذِي الْعِزَّةِ وَ الْعَظَمَةِ وَ الْهَيْبَةِ وَالْقُدْرَةِ وَالْكِبْرِيَآءِ وَالْجَبَرُوْتِ سُبْحَانَ الْمَلِكِ الْحَيِّ الَّذِيْ لَا يَنَامُ وَلَا يَمُوْتُ اَبَدًا اَبَدًا (1)

(پاڪ آهي اها ملڪ ۽ ملڪوت وارو الله، پاڪ آهي. عزت، عظمت، هيبت، قدرت، ڪبريائي ۽ جبروت جو مالڪ، پاڪ آهي. اهو بادشاه جيڪو سدائين زنده آهي، ڪڏهن به نه مرندو) ته جيئن الله جي فضل سان نفس ان نسبت جي بچڻين خصلتن کان باز اچي ۽ پنهنجي اندر سهڻيون وصفون پيدا ڪري. ۴- روحاني خطرو نفس مطمئنه ۾ پيدا ٿيندو آهي. ان جو مقام اعليٰ عليين ۾ آهي. جيڪي صفتون مقيد هوندیون آهن. اهي آزاد ٿي ويندیون آهن ۽ مجاز جي هيناهين کان حقيقت جي روح جي بلندين تائين پرواز ڪندو آهي. ان جو ڪم مشاهدو ڪرڻ آهي. امڪاني صفتن سان موصوف ٿي حقيقت جو روپ اختيار ڪندو آهي ۽ پنهنجي حقيقت کان آگاه ٿيندو آهي. انساني حقيقت ان سان ئي قائم آهي. اهو ئي رب روحي ۽ رب الارباب آهي. خطره روحاني، عين خطره رحماني آهي، جيڪو ذاتي خطرو آهي. انساني روح جيڪو رب روحي آهي، انهيءَ مان جيڪا به حالت ۽ مناسبت پيدا ٿيندي آهي، ان کي "روحاني خطرو" چوندا آهن. جڏهن ان تي تجلي ظاهر

---

(1) تفسير ابن جرير ص ۲۱۰ ج ۱ ۾ آهي ته حضرت جبريل امين عليه السلام نبي ﷺ جن وٽ آيو چيائين ته: اي الله جا نبي ﷺ توهان کان عمر رضه پڇي ٿو ته آسمان وارن جي نماز ڪهڙي آهي؟ فرمايائون ته: هائو! چيائين ته: (اسان جي طرفان) عمر رضه کي سلام چئو ۽ ٻڌايو ته پهرئين آسمان وارا فرشتا قيامت تائين بارگاه الاهيءَ ۾ سجدي ۾ رهندا ۽ چوندا رهن ٿا ته سبحان ذي الملڪ والملڪوت، ٻئي آسمان وارا فرشتا قيامت تائين رڪوع جي حالت ۾ رهندا ۽ چوندا رهن ٿا ته سبحان ذي العزة والجبروة، ٽئين آسمان وارا قيامت تائين قيام يعني بيٺل حالت ۾ رهندا ۽ چوندا رهن ٿا ته سبحان الحي الذي لايموت، هن حديث جي ٻين روايتن ۾ الفاظ وڌيڪ آهن. ڏسو: تفسير ابن كثير ص ۱۴۸ ج۲، ۴۸۴ ج ۳، ۴۴۷ ج ۴، العظمة حديث ص ۷۸۰ ج ۲، ۸۳۰ ج ۳، ساڳيو كتاب حديث: ۴۸۹، ۵۳۴، ۹۰۶۱۳، حلية الاولياء ص ۲۷۷ ج ۴، تعظيم قدر الصلوة ص ۲۶۴، ۲۶۵ المستدرک ص ۹۳ ج ۳، مسند بزار ص ۳۳۵ ج ۷).

www.maktabah.org

ٿيندي آهي ته حضور، غيب، قبض، بسط، تلوين، عيان، بيان، ظاهر، باطن، سيني جو مڪاشفو ۽ مشاهدو ڪندو آهي. ذوق ۽ شوق ۾ واڌارو انهي جي ڪري ئي ٿيندو آهي. ان حالت ۾ هي وظيفو پڙهڻ گهرجي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْمَلِكُ الْحَقُّ الْمُبِيْنُ(1)

[الله کانسواءِ ڪو معبود نه آهي، اهو ئي برحق بادشاه ۽ پڌرو مالڪ آهي.]

لَيْسَ كَمِثْلِهٖ شَيْءٌ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْبَصِيْرُ ⑪(2)

[ان جو ڪو مثال نه آهي ۽ اهو ئي ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي.]

رب روحي "رب الارباب" سان تعلق رکي ٿو. جڏهن سالڪ بشري وصفن کان آجو ٿيندو آهي، ان وقت منجهس روحاني وصفون پيدا ٿيندیون آهن. ان وقت مٿي بيان ڪيل چئني قلبن جو حسن ۽ جمال هڪ فرد، چارئي نفس هڪ وصف، چارئي خطرا هڪ حقيقت ۽ سڀ انسان هڪ قلب ٿي ويندا آهن. پوءِ ان جي صفت هيءَ ٿي ويندي آهي، جو مؤمن جي دل الله جو عرش ٿي ويندي آهي. رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو:

قَلْبُ الْمُؤْمِنِ بَيْنَ الْإِصْبَعَيْنِ مِنْ أَصَابِعِ الرَّحْمٰنِ (3)

[مؤمن جي دل رحمٰن جي ٻن آڱرين جي وچ ۾ آهي.]

اهو ئي قبوليت ۽ اهو ئي رؤيت جو مقام آهي. ڄاڻڻ گهرجي ته حق تعالي کان سواءِ ڪجهه نه آهي، نه روح آهي. نفس ۽ دل، ڪجهه به نه آهي. سڀ هڪ وجود آهن ۽ اهو دراصل الله جو وجود آهي. واجب الوجود

---

(1) نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر روز سئو ڀيرا لااله الاالله الملک الحق المبين پڙهندو، فقر فاقي ۽ قبر جي عذاب کان محفوظ رهندو. دارقطني چوي ٿو ته حديث ضعيف آهي، پر ساڳي روايت ٻئي سند سان به آيل آهي، والله اعلم (لسان الميزان ٢٨٣ ج ٦).

(2) سورة الشوري آيت: ١١

(3) هي حديث ثابت آهي پر ان ۾ "قلب المؤمن" جي بجاءِ "قلوب بني آدم كلها" آهي. پوري حديث هن طرح آهي: عبدالله بن عمرو بن عاص رضي الله عنهما كان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته ان قلوب بني آدم كلها بين اصبعين من اصابع الرحمن كقلب واحد يصرفه حيث يشاء (مسلم حديث نمبر ٢٦٥٤) سيني انسانن جون دليون الله ٻاجهاري جي ٻن آڱرين ۾ هڪ انسان جي دل وانگر آهن، جنهن پاسي چاهيندو آهي انهن کي ڦيرائيندو آهي.

www.maktabah.org

الله تعالىٰ جي ذات آهي. ان جو دليل هي آهي تہ الله کان سواءِ نہ ڪو پيدا ڪندڙ آهي ۽ نہ ڪنهن شيءِ جو وجود آهي. پڙ ڇاڻڻ گهرجي تہ دل نيلوفر، نفس اماره، خطره نفساني ۽ روح سُفلي اهي چار ئي شيون ناسوتي آهن. جن جو شريعت سان تعلق آهي ۽ شريعت ظاهري شيءِ آهي. ٻي شيءِ آهي دل صنوبري، نفس لوامه، خطره شيطاني ۽ روح عُلوي. اهي چار شيون ملڪوتي آهن، جن جو طريقت سان تعلق آهي ۽ طريقت باطني شيءِ آهي. ٽين شيءِ عبرت حاصل ڪندڙ دل، الهام حاصل ڪندڙ نفس، روحاني خطرو ۽ روح قدسي آهي. اهي چارئي شيون جبروتي آهن، جن جو تعلق حقيقت سان آهي ۽ حقيقت مشاهداتي عمل آهي. چوٿين شيءِ قلب مدور (گول دل)، نفس مطمئنه، خطره رحماني ۽ روح سماوي آهي. اهي چار ئي شيون لاهوتي آهن، جن جو تعلق معرفت سان آهي ۽ معرفت معائني يعني نظر ۾ ايندر عمل آهي. ڇاڻڻ گهرجي تہ "ناسوت" جسماني جهان، "ملڪوت" صفاتي جهان "جبروت" روحاني جهان ۽ "لاهوت، ذات جو جهان آهي. صفات کي روح ۽ نفس ٻئي ڏسن ٿا.

چار عناصر، چئن جوهرن سان تعلق رکن ٿا:

۱- هوا جو تعلق روح سان ۲- پاڻي جو تعلق عقل سان ۳- باه جو تعلق عشق سان ۴- متي جو تعلق نفس سان آهي.

جسم يا بدن بہ چار آهن:

۱- جسم لطيف ۲- جسم ڪثيف ۳-جسم بقا جو ۴- جسم فنا جو.

روح بہ چار چيا وچن ٿا :

۱-روح سُفلي ۲- روح عُلوي ۳- روح قُدسي ۴-روح سماوي.

نفس بہ چار آهن:

۱- نفس اماره ۲- نفس لوامه ۳- نفس ملهمه ۴- نفس مطمئنه.

دل بہ چار آهن:

۱- دل مُدور ۲- عبرت حاصل ڪندڙ دل ۳- دل صنوبري ۴- دل نيلوفري.

خطرا بہ چار آهن:

۱- نفساني خطرو ۲- شيطاني خطرو ۳- روحاني خطرو ۴- رحماني خطرو.

مگر جيڪي بيتاب ۽ رازن جا داناءَ آهن، تن وٽ سموريون شيون

www.maktabah.org